

# سِنڌِي

# ٻال ڀارَتي

## درجو اَٺون

# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**ٻُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتروادَ جي ڀيدڀاءَ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٿ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر: اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ٤٣ / ١٦) ايس.ڊي.٤. تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تا. ١٧.١٢.٢٩جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي ٢٠١٩-١٨ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# سِنڌِي

# ٻال ڀارتي

## درجو اَٺون



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

QRJ31D

پھريون ڇاپو : 2018
سڌاريل ڇاپو : 2022

© مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴
مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ ھن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آھن. ھن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگھجي.

سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي :
ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سياڻي
شري اَشوڪ ڪملداس مکتا ميمبر
شريمتي ميران مھيش گدواڻي ميمبر
شري وڄيہ راڄڪمار منگلاڻي ميمبر
شري گووردن شرما ’گھايل‘ ميمبر
شريمتي راڄيشري جيناند ٽيڪچنداڻي ميمبر
شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر
شريمتي وندنا رامواڻي (نيند ڏنل ميمبر)

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)

سنيوجڪ سھايہ : شريمتي گيتا گٽيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

ٽائيپ سيٽنگ : ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني
اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي

چترڪار : شري يوُجين جوسِف

نرمتي : شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي آفيسر)
شري سچن مھتا (نرمتي اَڌڪاري)
شري نتن واڻي (نرمتي اَڌڪاري)

پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي،
پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

ڪاغذ : ۷۰ جي. ايس. ايم. ڪريم وو

پرنٽنگ آرڊر :

ڇاپيندڙ :

# ڀارت جو سَنوڌان

## ديباچو

اَسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مُڪمل طور خودمُختيارُ سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سَم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي:

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ. ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا، خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اَکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اَڄ تاريخ چوويهين نومبر، ١٩٤٩ع جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَن گَڻ مَن اَڌينايڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَل، يَمُنا، گَنگَا،
اُڇَچل، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهِي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن، مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان ته مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي‘.

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان سڀني جو درجي اَٺين ۾ سواگت آهي. هن کان اڳ واري درجي ۾ بہ توهان ٻال ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجي اَٺين جو ٻال ڀارتي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو سنڌي اوهانجي ماتر ڀاشا آهي. ٻين سان ڳالهائڻ وقت پنهنجا ويچار هاوَ ڀاوَ، ڀاوناٺون ظاهر ڪرڻ لاءِ اوهين وڏي پئماني تي ماتر ڀاشا ڪم آڻيندا آهيون. سنڌي ٻولي ذريعي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اَچڻ لاءِ اوهان جو لفظن جو خزانو چڱو هجي. ان لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون، گفتگو، سبق - ڪوتائون، ساماجڪ ڪهاڻيون، مذاقي ڪهاڻيون گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اِصطلاح چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اَسان کي اِئين لڳي ٿو تہ اِهو ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار وڌي.

توهانکي وٽي اِن لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، ٻجهارت، مات ۾ پڙهو، پاڻ ڪريان- پاڻ سکان، چتر جاچيو ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اَهڙي نموني جون انيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا اَلڳ اَلڳ روپ سوَلي نموني ڏنا ويا آهن. اُن کان سواءِ نئين نموني جي بدلاءُ موجب ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهان کي موبائيل، ڪامپيوٽر سوَلائيءَ سان واپرائڻ اچي ٿو. هن تڪنيڪ جو اڀياس ۾ اُپيوگ ٿئي اُن نظريي سان ڪجهہ مشغوليون ڏنل آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اَئپ وسيلي ڪيو آرڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق جي وڌيڪ ڄاڻ ملندي. اُن جو توهان کي اَڀياس لاءِ اُپيوگ ٿيندو. سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهہ سکڻ، سماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُٿ تڻ هجي. اِهو بہ اَهميت وارو آهي. اِن نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولي ۽ اَڀياس جو ويچار ڪريو.

هي درسي ڪتاب توهان کي وڻيو چا، اِهو اَسان کي ٻڌايو. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پڻي:

تاريخ تاريخ ١٨ اَپريل ٢٠١٨، اَکڻ ٽيج

ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ٢٨ چيٽ ١٩٤٠

# درجو اَٺون سنڌي

## سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا

سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجهه ڏنا وڃن ۽ همٿايو ته...

- گهر، پسگردائيءَ، سماج ۾ آزمودو آيل، ٻُڌل / ڏٺل گهٽنائن قصن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي پنهنجا ويچار ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- اَخبارن، مخزن ۽ ٻيا ساهتيه جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهه جاڳايو ۽ پڙهيل ڳالهين جهڙوڪ، راندين ميلن، منورنجن، وگيان بابت ڄاڻ ٻڌائڻ لاءِ همٿايو.
- گيت بيت سُرتال سان پاڻ ڳائي ٻڌايو يا سي. ڊي. دوران ٻڌائڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو ۽ ڪين ڪو وشيه ڏيئي ننڍا گيت، ڪويتائون پنهنجي ڪلپنا سان ناهي ٻڌائڻ لاءِ موقعو ڏيو.
- ناٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏيئي اَداڪاري ڪري ناٽڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو. ڪو وشيه ڏيئي ڪلپنا ڪري اُن تي مضمون خط، آکاڻي، پنهنجا ويچار ٻڌائڻ يا لکڻ لاءِ ڏيو.
- ٻُڌل / پڙهيل ڏکين لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ همٿايو. ’اهي لفظ روز مرهه جي ڳالهائڻ ۾ نهڪندڙ نموني ڪتب آڻين اَهڙا عمدا مثال ڏيو.
- ڀاشا جي ليکن کي وڌيڪ عمدو بڻائڻ لاءِ اِصطلاح چوڻيون ڪم آڻڻ لاءِ سُجهايو.
- ساهتيه جي الڳ الڳ روپن جهڙوڪ آکاڻيون،

## علمي حاصلات

سکندڙ:

- گهر، پسگردائيءَ ۽ سماج ۾ گهٽجندڙ گهٽنائن، واقعن لاءِ گفتگوءَ، بحث مباحثي ۾ ڀرو وٺن ٿا ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجا رايا پختائيءَ سان پيش ڪن ٿا.
- آزمودو آيل گهٽنائون، قصا، ڳالهيون پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪن ٿا.
- ڏنل وشيه تي ڪلپنا ڪري مضمون، ڪويتا گفتگو، يا پنهنجا ويچار لکن ٿا.
- اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڪنهن ٻه وشيه تي ڄاڻ حاصل ڪري، سمجهي ٻڌائين ٿا.
- ساهتيه جي الڳ الڳ روپن کي پڙهي پاوناڻن، ويچارن کي سمجهي اُن بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪن ٿا.
- ڀاشا ۾ ڳالهائڻ جا لفظ، فعل جا قسم، جملن جا قسم، زمان، وغيره سمجهي، اُنهن بابت ٻڌائين ٿا ۽ ڪم آڻين ٿا.
- گفتگو، تقريرون، ناٽڪ مضمون لکڻ وغيره چٽاپيٽن ۾ اُتساهه سان ڀرو وٺن ٿا.
- ڏنل / اَٽسيجاتل مذڪور صحيح رفتار سان سمجهي، بيهڪ جي نشانين موجب پڙهن ٿا.
- پڙهڻ وقت ايندڙ نون لفظن / ڏکين لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اِستعمال ڪن ٿا ۽ روز مرهه جي ڳالهائڻ ۾ نهڪندڙ نموني اُنهن جو اِستعمال ڪن ٿا.

ڪھاڻيون، غزل، ناول، گيت، بيت، ڳانا وغيره پڙهڻ لاءِ اُتساهه پيدا ڪريو.

- ڀاشا جي الڳ الڳ باريڪبنين جيئن تہ ڳ الهائڻ جا لفظ، زمان جا قسم، جملن جا قسم، ساڳي معنيٰ وارا لفظ، اِسم ذات، ضد، جنسون زمان وغيره سمجهڻ لاءِ جوڳا مثال ڏيو.
- اَهڙا ليکہ، جيونيون، آکاڻيون ڪھاڻيون، قصا، گهٽنائون پڙهڻ لاءِ همٿايو. ٻڌايو جنهن سان همت، محنت، ديش لاءِ پيار، فرض، وڏن سان فضلت پريو ورتاءُ، اِنتظام ۽ الڳ الڳ پاونائن کي سمجهڻ وغيره جهڙا ملهہ وڌي سگهن.
- پنهنجي پسگردائيءَ، قدرت، ريتين رسمن، راندين وغيره لاءِ پيار وغيره پيدا ٿي سگهي اُن لاءِ پريرڻا ڏيو.
- ڪلاس ۾ درسي ڪتاب يا ٻيا ڪي ڪتاب شانت ۾ يا ظاهري طرح پڙهڻ جو موقعا ميسر ڪري ڏيو.
- کو وشيہ ڏيئي اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ موقعو ميسر ڪري ڏيو.

- ڪنهن وشيہ تي ليکہ لِکڻ ۾ چوٽيون، اِصطلاح ڪم آڻي ليکہ جي سونهن وڌائين ٿا.
- گيت، بيت، گروپ گيت لئہ تال ۽ سُر ۾ ڳائين ٿا.
- گهٽنائن جي سلسلي، ناٽڪ جي ڪردارن آکاڻيءَ جي سکيا بابت ٻڌائين ٿا.
- ڪوبہ مذڪور پڙهي، اُن تي سوال پڇي سگهن ٿا، سوالن جا جواب ٻڌائي يا لکي سگهن ٿا.
- پسگردائيءَ جي صفائيءَ جي اَهميت، اِنتظام، وڏن سان فضيلت پريو ورتاءُ، ديش لاءِ پيار فرض، قدرت سان پيار، سهيوگہ وغيره جهڙن ملهن جو واڌارو ٿئي ٿو.
- ڏنل ليکن جو تاتپرج ڪڍڻ ۽ ڪلپنائون ۽ وستار ڪري لکي يا ٻڌائي سگهي ٿو.

# فهرست


| نمبر | سبق جو نالو | ليکڪ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| .١ | هي آ کھڙو ڪلاڪار (بيت) | موتيرام هيرانندداڻي | 1 |
| .٢ | پڙهائي يا راند روند؟ | هوندراج بلواڻي | 6 |
| .٣ | اِنسانيت | شريمتي نشا چاولا | 13 |
| .۴ | نصيحت (بيت) | پرسرام ضيا | 17 |
| .۵ | ڪاڪا دعا بہ پِٽ برابر! | موتيرام رامچنداڻي | 22 |
| .٦ | غزل (بيت) | ڪرشن وچاڻي ’راهي‘ | 27 |
| .٧ | سِنڌ جون وير ناريون | ايسر سنگھہ بيدي | 30 |
| .٨ | ڪڏهن تہ (بيت) | آسن واسواڻي مجبو | 35 |
| .٩ | ڪچھري | چينو لالواڻي | 38 |
| .١٠ | تون ڇا لاءِ اُداس؟ (بيت) | هري دلگير | 44 |
| .١١ | سورَٺ | ميگھراج گرناڻي | 48 |
| .١٢ | عيب نہ ڏس (بيت) | ديال آشا | 57 |
| .١٣ | صبر جنين جو سيگ تير نہ ڪُسي تن جو | پي.بي. رامناڻي | 60 |
| .١۴ | ٽفن وارو | سروج پارواڻي | 66 |
| .١۵ | تصويرون | ڪنعيو شاديجا | 74 |
| .١٦ | ڪميا جي ڪاٺ | سوامي پوڏراج | 77 |
| .١٧ | نَمامِ سنڌوُ (بيت) | وجيا ٽيڪسنگھاڻي | 83 |
| .١٨ | اصلي ڌَنُ | ڪنيو اَگناڻي | 86 |
| .١٩ | نئون لڳي (بيت) | اِندرا پوناوالا ’شبنم‘ | 91 |
| .٢٠ | مان ڪليڪٽر ٿيندس | سمپادڪ منڊل | 94 |
| .٢١ | هي جڳ ڪنهن سان نيبهہ ناهي (بيت) | گوردن شرما ’’گھايل‘‘ | 102 |

# ١. هي آ ڪهڙو ڪلاڪار!

سدا حيات موتيرام هيراننداڻي، ’موتي‘ ريلوي ۾ اسٽيشن سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي رهندي سنڌي ادب ۾ لڳاتار سرگرم رهندو آيو.

سنسار جي رچيندڙ پرم پتا پرماتما کي سُهڻي نموني واکاڻيو ويو آهي.



**پڙهو ۽ ڳايو.**

ڪير هلائي ٿو قدرت جو، سارو ڪاروبارو؟
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار!

١. ڪيئي ڪَتيوُن،
ڪيئي سج چنڊ تارا،
ٿا ڦِرَن صَدين کان،
چوڌاري سارا.
اوتَ نہ ڪائي آسمان کي،
تہ بہ بيٺو آ برقرار.
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار!

٢. پري گهاگهريون پاڻيءَ جون،
ٿا بادل مينهنُ وَسائن،
جڳہ جي پياسي ڇاتيءَ تي،
اَمرت جل ڇٽڪائن.
اِندلٺ جي هٿ ۾ ڪٽي آرسي،
ٿي ڌرتي ڪري سينگارُ
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار!

٣. ڪَلِ ڪَلِ ڪري وهن ٿيون نديون،
جَهر جَهر وهن ٿا جهرڻا.
جهوُمِي اُٿن ساگر جون ڇوليون،
ڏسي چنڊ جا ڪرڻا.
سَرَءُ، سيارو، اونهارو،
۽ اَچي ٿي مُند بهارُ.
هيِ آ ڪهڙو ڪلاڪار!



۴. سُون سُون ڪري هوائون،
تيون درخت خوب نچائن.
ملي پَنن ۽ تارين سان،
تيون سُرَ سرگم جا ڳائن.
ڪٿي ”پي پِي“ ڪري پپيهو،
ڪٿي ڪوئل ڪري پُڪار.
هي آ ڪهڙو ڪلاڪارُ !

۵. وڻ وڏو ٿئي تو ٻج مان،
ڪَڻ مان ڪيچ ٻڻائي.
لکين ڪروڙين آهن ماڻهون،
ساڳي شِڪل نه آهي.
ڪيئن عجب اِنسان بڻيو آ
ڪو جنهنجو اَنتُ نه پارُ.
هي آ ڪهڙو ڪلاڪارُ !

**نوان لفظ:**

ڪاروبار = ڪم ڪار،
ڪَلِ ڪَلِ = وهڪري جو آواز
ڪيچ = جهجهو، گهڻو

ڪَتيوُن = ستن تارن جو ميڙ،
جهرڻا = چَشما، آبشار،
سرگم = آواز جي لاهي چاڙهيءَ جا سَت ڏاڪا،

برقرار = قائم
درخت = وَڻ،
ڪَڻ = ذرو،

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) قدرت جو سارو ڪاروبار ڪير هلائي ٿو؟
٢) بادل ڇا ٿا ڪن؟
٣) چنڊ جا ڪِرڻا ڏسي ڪير جهومي اُٿن ٿيون؟
۴) سرگم ڪير ڳائن ٿيون؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) آسمان بابت شاعر ڇا چيو آهي؟
٢) ڪهڙين ٽِئن مُندن جو شاعر ذڪر ڪيو آهي؟

٣) هن بيت ۾ ’ڪلاڪار‘ لفظ ڪنهن لاءِ ڪتب آندل آهي ۽ ڇو؟

**سوال ٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) پري گھاگھريون ............................................ مينھُن وسائن.

٢) ڪَلِ ڪَلِ ڪري ............................................ وهن تا جَھرڻا.

٣) سرءُ سيارو ............................................ ڪهڙو ڪلاڪار؟

٤) وڻ وڏو ٿئي ............................................ ڪيچ ٻڌائي.

**سوال ٤: خال ڀريو.**

١) اوت نہ ڪائي ............... ڪي، تہ بہ بِيٺو آ برقرار

٢) اِندلٺ جي هٿ ۾ ڪٽي آرسي، تي ............... ڪري سينگار.

٣) سُون سُون ڪري هوائون، ٿيون ............... خوب نچائن.

٤) ڪيئن عجب ............... ٻڌيو آ ڪو جنهنجو انت نہ پارُ.

**سوال ٥: ’ڪ‘ سان شروع ٿيندڙ ڪي بہ پنج لفظ هن بيت مان ڳولهي لکو.**

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪم:

پري گھاگھريون پاٽيءَ جون............................................ ۽ اَچي تي مند بهارُ.

(i) مثال سمجھي چوڪنڊا ڀريو:




(ii) خالي چوڪنڊا ڀريو:



(iii) هڪ سٽ ۾ جواب لکو:

۱) ندين جو کھڙو آواز ڏنل آهي؟

۲) آرسيءَ جي پيٽ ڪنھن سان ڪئي وئي آهي؟

(iv) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

۱) ست رنگي پٽو = --------------

۲) هڪ برتن = ----------------

۳) اونھاري ڪان پوءِ ايندڙ مند = --------------

۴) ڌرتيءَ جو اُپگرهه = --------------

(۲) اِندلٺ جي ستن رنگن جو بيان ڪريو.

(۳) جهر جهر وهن تا جهرڻا

اِن سٽ ۾ ’جھر‘ اکرسان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪم آندل آهن.
اِهو رنگين زبانيءَ جو هڪ قسم آهي. ان کي چئبو آهي تجنيس حرفي

مثال:

۱) ڪيئي ڪتيون، ڪيئي سج چنڊ تارا.

۲) لکين لعل ٿيا لالڻ لاءِ.

۳) سون سون ڪن ٿيون سوين هوائون.

۴) ڪري ڪنارو خود غرضيءَ کان.

۵) محبتي ماڻھو پيا مُرڪن.

۶) چنڊ جي چوڏس ڏسڻ جي چاهنا اَٿم

اَهڙي نموني ۵ مثال گڏ ڪري لکو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

### (۱) مثال : هيٺ ڏنل ٽڪر پڙهي، اُن ٽڪر لاءِ ڇهه سوال تيار ڪريو.

ڪرناٽڪ ۾ چتور نالي هڪ رياست هئي. اُن رياست ۾ هڪ غريب ڪٽنب رهندو هو. اُن ڪٽنب ۾ هوئڻهار ٻالڪ جو جنم ٿيو. جنھن جو نالو رامن رکيو. رامن کي ڳائڻ وڄائڻ جو تمام شونق هو.
هن جو اِهو شونق ڏسي سندس ماءُ پيءُ ڏاڍو دکي ٿيندا هئا. هن جا دوست، مٽ مائٽ ۽ پاڙيسري هن تي چٿرون ڪندا هئا. چوندا هئا: هي ڇا؟
ڪٽري جي سنتان ٿي توکي تلوار هلائڻ نه ٿي اَچي؟ ديس مٿان مصيبت ايندي ته تون پنھنجو فرض ڪيئن پاليندين؟ رامن وراڻي ڏيندو هو: ديش جي شيوا فقط تلوار سان ڪانه ٿيندي آهي. ديش جي شيوا ٻئي نموني به ٿي سگهي ٿي.

**سوال:**

(۱) چتور رياست ڪھڙي راڄيه ۾ هئي؟

(۲) غريب ڪٽنبن ۾ جنم ٿيل ٻالڪ جو نالو ڇا رکيو ويو؟

(۳) رامن کي ڇا جو شونق هو؟ (۴) رامن جا ماءُ پيءُ ڏکي ڇو ٿيندا هئا؟

(۵) رامن جا مٽ مائٽ ۽ دوست ڪيس ڇا چوندا هئا؟ (٦) ’ديش شيوا‘ بابت رامن جو ڪهڙو ويچار هو؟

## (۲) هيٺ ڏنل ٽڪر پڙهي، اُن تي ڇهه سوال تيار ڪريو.

موجوده وقت ۾ راندين جي اَهميت ڏينهن پوءِ ڏينهن وڌندي پئي وڃي. راند ٻار جي سڀاويڪ مشغولي آهي. راندين سان نہ فقط ٻار جو ساريرڪ وڪاس ٿئي ٿو پر ساڳئي وقت مانسڪ وڪاس پڻ ٿئي ٿو. دنيا اَندر ڪيترن قسمن جي راندين جون چٽاپيٽيون ٿينديون رهن ٿيون، تن ۾ آلمپڪ رانديون وڏي اَهميت رکن ٿيون.

آلمپڪ راندين جي شروعات يونان ۾ ٿي. يونان جي اَٿينس راڄڌاني ۾ پهاڙن تي آلمپيا نالي بيحد سهڻي ماٿري آهي. اُن ماٿريءَ جي وچ واري ميدان تي، اُتان جا ماڻهو ڪيترين ئي رانديون ڪندا هئا. اُنهن راندين کي آلمپڪ راندين جي نالي سان سڏيو ويو . سڀ کان پهرين آلمپڪ رانديون عيسوي سن کان ٧٧٦ سال اَڳ ٿيون هيون. اِنهن راندين ۾ نہ فقط اَٿينس جا پر ٻين ڪيترن راڄن جا رانديگر ڀاڱو وٺڻ لاءِ ايندا هئا.

## (۳) ڏنل ٽڪر پڙهي ٽاڪپرچ لکو.

اَڄ ايڪهين صديءَ جي ناري پنيءَ جي چڪيا سان سٽي نٽي ٿئي ۽ نہ ئي وري وڌوا ٿيڻ تي پنهنجو مٿو ٽي ڪوڙائي.

هوءَ هر قدم تي مردن سان گڏ آهي.

جيني سپاهيملاڻي، سچيتا ڪرپلاڻي، سروجني نائيڊو ۽ لڪشمي سواميناٿن آزاديءَ جي هلچل ۾ اَهم رول اَدا ڪري اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ناري مردن کان ڪنهن ڳالهہ ۾ گهٽ يا پٺتي ڪانهي. اِتهاس گواهہ آهي راڻي لڪشمي ٻائي، چاند بيبي ۽ اَهليا ٻائيءَ جهڙين عورتن پنهنجي نڊرتا، همٿ، دليري ۽ بلند حوصلي سان دشمن جا وڙ وڃائي ڇڏيا.

اَڄوڪي ڀارتيہ ناريءَ جي تصوير بلڪل بدليل آهي. اَڄ هوءَ اوچ تعليم حاصل ڪري وڏا وڏا عهدا ماڻي رهي آهي. سياست ۾ بہ عورتن پنهنجو ڏاڪو ڄمايو آهي. اَڄ جون ناريون سائنسدان آهن تہ وڏين وڏين ڪمپنين ۾ چيئرمن ۽ ڊائريڪٽر بہ آهن. اَڄ جي ناري تعليم حاصل ڪري پنهنجي پتيءَ جي آرٿڪ ذميواريون ونڊي رهي آهي. اِها بہ اُميد ڪري رهي آهي تہ سندس پتي بہ کيس گهرو ڪمن جون جوابداريون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

جيتوڻيڪ ڳالهين جي حالت ۾ ڪافي حد تائين سڌارو آيو آهي پر اَڃا تائين ڪٿي نہ ڪٿي ڪا ڪمي ضرور آهي. اَڃان تائين ڪيترين ئي عورتون ساهرن ۽ سماج جي اَتياچار جو شڪار ٿي رهيون آهن. پر اِها اُميد آهي تہ تعليم، سماجڪ سنستائن، سماج سڌارڪن جي مدد سان نئين سماج جو نرماڻ ٿيندو جنهن ۾ ڳالهين ۽ مردن جي حقن ۽ حالتن ۾ هڪجهڙائي هوندي. عورت تي ظلم نہ ٿيندا.

QRSY31

# ٢. پڙهائي يا راند روند

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي (سن ١٩٤٦ع) ٻال - ساهتيہ جو هڪ سُٺو ليک ۽ آڌياپڪ ۽ بهتر ترجمان آهي. هن ليکڪ جا ٻار رچنائن جا ڪتاب هندي، گجراتي، مراٺي، انگريزي، پنجابي، اُردو ۽ تمل ڀاشا ۾ ڇپيل آهي. مرڪزي ساهتيہ اڪادمي ۽ هن کي ٻال ساهتيہ جو انعام عطا ڪيو آهي. ٻيا بہ ڪيترائي اِنعام اِڪرام مليل اٿس.

هن سبق ۾ پڙهائي ۽ راند روند بابت سُٺي ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

## ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



ٻار : ”اَڇو دادا، اڇو دادي... اسين توهان جو ڪيتري دير کان انتظار ڪري رهيا هئاسين.“

دادا : ”ڇو، اڄ ڪا خاص ڳالهہ آهي ڇا؟ اڄ تہ هيترا ٻار بہ ڪٺا ٿي ويا آهن.“

دادي : ”ڇاڪاڻ تہ توهان کان ڳالهہ ٿي وسري ويئي آهي. اڄ هي ٻار پڙهائيءَ ۽ راند روند جي ٻاري ۾ پنهنجا پنهنجا ويچار ٻڌائڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهن.“

دادا : ”ها، ها، مون کي ياد آيو. پوءِ پلا ڪريون شروع؟“

دادي : ”ها، منهنجو ويچار آهي تہ شروعات شيلا سان ڪجي.“

دادا : ”ها ڀلي ڀلي. ٻڌاءِ شيلا تون ڇا جي پنيرائي ٿي ڪرين؟“

شيلا : ”پڙهڻ جي. پڙهڻ کان سواءِ ماڻهوءَ جو مانُ ئي ڪهڙو آهي؟ هي جو رستن تي هيترا مزور ۽ ڪوُمچن وغيره وارا ڏسون ٿا، اُهي سڀ اڻپڙهيل هئڻ ڪري ئي تہ هتان هُتان جا ڌِڪا کائي

رهيا آهن. جيڪڏهن اهي پڙهيل هجن ها ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن وڏي پد تي هجن ها. پڙهڻ سان انسان جي سمجهه کُلي ٿي ۽ عزت وڌي ٿي. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو سماج ۾ اُٿڻ ويهڻ جهڙو ٿئي ٿو. انسان کي پڳوان به اڪيون ڏنيون آهن جن جي مدد سان هو دنيا ڏسي ٿو. پر علم ته انسان جي ٽين اک آهي جنهن سان هو دنيا کي وڌيڪ گهرائيءَ سان ڏسي ۽ سمجهي سگهي ٿو. پڙهڻ سان ئي سمجهه وڌي ٿي ۽ سمجهه سان ماڻهو کهڙي به ڏکئي ڪم کي سولائيءَ سان پورو ڪري سگهي ٿو.''

دادا : ''دادي، جيڪڏهن ڀارت ۾ سڀ ماڻهو شيلا وانگر پڙهڻ ضروري سمجهن ته جيڪر اسانجو ديش ڪيڏي نه ترقي ڪري!''

دادي : ''ها، پوءِ ته اسانجي ديش مان غريبي گهٽي دور ٿي وڃي. هاڻي مهيش ڪجهه ٻڌائڻ ٿو چاهي.''

دادا : ''ها، ڀلي ٻڌائي.''

مهيش : ''دادا، مان ته پڙهڻ کان وڌيڪ رانديون پسند ٿو ڪريان. پڙهڻ سان ته اڄڪلهه نوڪريون ملڻ مشڪل آهن. جيڪڏهن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ کي سولائيءَ سان نوڪري ملي سگهي ته پوءِ پڙهائيءَ کي مان پسند ڪريان پر اڄڪلهه اسان جي ديش ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو نوڪرين لاءِ پيا ڀٽڪن. جيڪڏهن ڪا نوڪري ملي به ٿي ته پڳهار مان اڄڪلهه ڪٿي ٿي پورت پئجي سگهي؟ ڌنڌو ڪري جيترو پئسو ڪمائي سگهجي ٿو اوترو نوڪريءَ مان نه!''

دادي : ''ته ڇا ڌنڌي ڪرڻ لاءِ پڙهائيءَ جو ڪو ضرور ڪونهي؟''

مهيش : ''نه دادي، مان ائين نٿو چوان. ڌنڌي ڪرڻ لاءِ به ٿوري گهٽي پڙهائي ته ضروري آهي پر نوڪري ڪرڻ لاءِ هيڏا خرچ ڪري ۽ تڪليفون سهي پڙهڻ اڄڪلهه جي زماني ۾ اجايو آهي. راند روند ڪرڻ سان اسانجي تندرستي نيڪ رهي ٿي، بدن نهي ٿو ۽ دماغ تازو توانو رهي ٿو. تازي تواني دماغ سان کهڙا به مشڪل ۾ مشڪل ڪم سولائيءَ سان ٿين ٿا. تندرست ماڻهو هر قسم جي تڪليف سان مقابلو ڪري سگهي ٿو. مان ته ائين ٿو چوان ته يڪ تندرستي هزار نعمت!''

دادا : ''تنهنجي چوڻ موجب تندرستيءَ جي پڙهائيءَ کان وڌيڪ اهميت آهي؟''

مهيش : ''ها.''

اِندو : ''مان ڪجهه چوان؟''

دادي : ''چئه اِندو! تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟''

اِندو : ''منهنجي راءِ موجب پڙهائيءَ جي وڌيڪ اهميت آهي. هي جو دنيا ۾ هيڏا ودوان ۽ مهاپرش ٿي گذريا آهن، جيڪڏهن پڙهيل نه هجن ها ته اڄ ٿائين ڪنهن کي به انهن جو نالو ياد نه هجي ها. پئسو ڪمائي ڪوئي ماڻهو پنهنجو نالو روشن ڪري نه ٿو سگهي. پئسي وارا ته اڄ ٿائين ڪيترا هن دنيا ۾ آيا ۽ هليا ويا. ڪنهن کي به انهن جو نالو ياد آهي؟ پڙهائي ڪرڻ سان ئي ماڻهو نيون نيون کوجنائون ڪري پنهنجو ۽ ديش جو نالو روشن ڪري ٿو. ڪو ماڻهو پڙهيل آهي ته اُن کي وڏي پڳهار واري نوڪري ملي ٿي ۽ پئسي جي کوٽ نٿي رهي. اڄ

ڪيترا نوڪرين وارا ڏسبا ته سُٺي نموني آرام جي زندگي گذاري رهيا آهن. انهن کي اهو آرام پڙهڻ جي عيوض ئي نصيب ٿيو آهي. ڇوڪريون شادي ڪري جڏهن ساهري گهر وڃن ٿيون تڏهن اُتي جيڪڏهن اُنهن جي اڳيان اوچتو ڪا پئسي جي تڪليف اچي ٿي ته اُن وقت جيڪڏهن ڇوڪري پڙهيل هوندي ته نوڪري ڪري گهر جي پورت ڪري سگهندي. وڏن جيڪو پڙهائيءَ لاءِ پهاڪو چيو آهي ته ’پڙهندين - ڪڙهندين ٿيندين نواب، رُلندين پنندين ٿيندين خراب‘ اِهو غلط ڪونه آهي.“

مدن : ”پڙهڻ سان به ڪوئي نواب ٿيو آهي؟ مان ته چوندو آهيان.“

’پڙهڻ سان ڪوئي ٿيو نه نواب،
راند سان ڪوئي ٿيو نه خراب،
راند ڪري تون مؤج مچاءِ،
پڙهي پڙهي ڪين اکيون سُڄاءِ.‘

”پڙهڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟ هسٽري، جاگرافي ۽ سائنس پڙهڻ سان ڀلا ڪهڙو ٿو گيان وڌي؟ مان ته پڙهڻ لاءِ جڏهن ڪتاب هٿ ۾ کڻندو آهيان تڏهن اوٻاسيون اچڻ شروع ٿينديون آهن. اِنڪري امتحان ۾ به مارڪون ملنديون آهن زيرو. پوءِ ته گهر ۾ به مار ته اسڪول ۾ به ڏڙڪا. اهڙيءَ پڙهائيءَ ۾ ڪهڙو مزو ايندو. پڙهائيءَ سان جيڪڏهن نالو دنيا ۾ روشن ڪري سگهجي ٿو ته راندين سان به!“

دادا : ”۽ تون راندين ۾ هوشيار ٿي نالو روشن ڪرڻ ٿو چاهين؟“

مدن : ”ها، مان ته سنيل گاوسڪر، ڪپل ديو، سچن تيندولڪر، ڌونيءَ وانگر ڪرڪيٽ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪرڻ ٿو چاهيان. اڄڪلهه ته سرڪار به ڪرڪيٽ کي همٿائي رهي آهي. ڪرڪيٽ ڏسڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪنا ٿين ٿا. اُنهن جي راند ڏسي ڏاڍو خوش ٿين ٿا. راند کٽندڙن کي انعام ۽ ٽرافيون ملن ٿيون. اُنهن جي عزت فلم ائڪٽرن کان به وڌيڪ ٿئي ٿي. اولمپڪ راندين ۾ به ڪيترا ديش ڀاڱه وٺندا آهن ۽ جيڪي ديش کٽندا آهن انهن جو نالو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿيندو آهي. ايڏو نالو پڙهائيءَ سان ڪڏهن به نه ٿي سگهندو.“

دادي : ”واهه ڀائي مدن، تو ته راند روند جي وڏي اهميت ٻڌائي. مان سمجهان ٿي ته تون وڏي هوندي مشهور ڪرڪيٽر ٿيندين.“

دادا : ”جيڪڏهن دنيا ۾ پنهنجو نالو روشن نه ڪندين ته گهٽ ۾ گهٽ اسانجي اسڪول جو نالو ته ضرور روشن ڪندين. ائين نه؟ ها، ديوي تون ڇا ٿي ٻڌائڻ چاهين؟“

ديوي : ”دادا، مان به رانديون وڌيڪ ضروري ٿي سمجهان.“

دادا : ”اڇا ! ته تون به راندين جي فائدي ۾ آهين.“

ديوي : ”ها، ڇو جو راند ڪرڻ سان ئي بدن تندرست ۽ ڦڙت رهي ٿو. جيڪڏهن اسان راند ڪنداسين ته اسان جي صحت به سٺي رهندي ۽ ڪم ڪرڻ ۾ به دل لڳندي. پوءِ ڀلي اهو ڪم پڙهائيءَ جو هجي يا ٻيو ڪوئي. انڪري پهرين رانديون ضروري آهن، پوءِ پڙهائي.“

دیپک : ”دادا، ان مان ائين چئبو تہ ديوي پڙهائي بہ ضروري سمجهي ٿي.“

دادا : ”ها، پر تندرستي ٺيڪ رکڻ لاءِ رانديون اهم.“

دیپک : ”دادا، پڙهائي اکين جي جوت آهي جنهن سان اسين ڏسي سگهون ٿا ۽ ترقي ڪري سگهون ٿا. رانديون سان طاقت ملي ٿي ۽ پڙهڻ سان عقل ملي ٿو. سياڻن چيو آهي تہ طاقت کان عقل وڏيڪ آهي. ڪٿي ڪٿي اهڙو ڪو مشڪل ڪم اچي آڏو بيهندو آهي جو اُهو طاقت بدران عقل سان ئي پورو ڪري سگهبو آهي.“

رتنا : ”پر رانديون بہ تہ ضروري آهن نہ؟“

دادي : ”ها چو نہ. رانديون بہ ضروري آهن.“

دادا : ”رتنا، ڇا تون راندين جي فائدي ۾ آهين؟“

رتنا : ”نہ دادا، مان راندين جي فائدي ۾ نہ آهيان. مان تہ ٻئي ڳالهيون هڪ جيتريون ضروري ٿي سمجهان.“

دادي : ”ڪيئن ڀلا؟“

رتنا : ”پڙهڻ سان اسان کي گيان ملي ٿو تہ راندين سان اسانجي صحت ٺهي ٿي. جيڪڏهن اسين پڙهنداسين نہ تہ زندگيءَ ۾ ترقي ڪري نہ سگهنداسين. جڏهن نوڪرون ڪاٺينداسين تڏهن اجايو پيا پڇتائينداسين. هوڏانهن وري راند روند نہ ڪنداسين تہ اسانجي صحت نہ سڌرندي. دادا، ان باري ۾ توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟“

دادا : ”رتنا، جيترو پڙهائي ضروري آهي اوترو رانديون بہ آهن. انڪري ئي تہ سيني اسڪولن ۾ تعليم سان گڏ راندين جي بہ سکيا ڏني وڃي ٿي.“

دادي : ”اسڪولن ۾ انڪري راندين جو ڏينهن يعني ’اِسپورٽس ڊي‘ بہ ملهايو ويندو آهي ۽ راندين ۾ هوشيار ٻارن کي انعام بہ ڏنا ويندا آهن.“

دادا : ”تعليم ۽ رانديون گاڏيءَ جا بہ ڦيٿا آهن.“

دادي : ”ائين برابر آهي. پڙهائيءَ جو راندين جي پيٽ ۾ وڏيڪ مان ٿيڻ گهرجي.“

اِندو : ”تہ پوءِ اِهو فيصلو ٿيو تہ پڙهائيءَ سان گڏ رانديون بہ ضروري آهن. ائين نہ؟“

دادا : ”ها، بلڪل برابر.“

دیپک : ”تہ پوءِ ائين چو نہ چئجي تہ راند جي وقت راند روند ڪجي ۽ پڙهائيءَ جي وقت ڌيان پڙهڻ ۾ ڏجي.“

**نوان لفظ:**

پنيرائي ڪرڻ = حمايت ڪرڻ
ڪومچن وارا = گهوراڙو

آڏو اچڻ = سامهون اچڻ

علم = پڙهائي، وديا

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) شيلا موجب ڪهڙي ماڻهوءَ کي وڏيڪ مانُ ملي ٿو؟
٢) مدن ڪهڙي راند ۾ پنهنجو نالو روشن ڪرڻ چاهي ٿو؟
٣) ديپڪ پڙهائيءَ جي ٻيٽ ڪنهن سان ڪئي آهي؟
٤) اِندوءَ پڙهيل ڇوڪريءَ لاءِ ڇا ٻڌايو آهي؟
٥) سبق ۾ ڪهڙن ڪردارن راندين کي وڌيڪ اَهميت ڏني آهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا تُوري ۾ جواب لکو.**

١) شيلا پڙهڻ جا ڪهڙا فائدا بيان ڪيا آهن؟
٢) مهيش راندين کي اَهميت ڇو ڏئي ٿو؟
٣) مدن ڪرڪيٽ راند لاءِ ڇا ٻڌايو آهي؟
٤) رتنا جو پڙهائي ۽ راندين بابت ڪهڙو رايو آهي؟

**سوال ٣: هيٺين تي ٺهڪندڙ مثالن ذريعي روشني وجهو.**

١) 'يڪ تندرستي هزار نعمت'.
٢) پڙهندين - ڪڙهندين ٿيندين نواب، رُلندين پنندين ٿيندين خراب.
٣) طاقت کان عقل وڏيڪ آهي.

**سوال ۴: هيٺيان جُملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ''پوءِ ته اَسانجي ديش مان غريبي گهٽي دور ٿي ويجي.''
٢) ''تنهنجي چوڻ موجب تندرستيءَ جي پڙهائيءَ کان وڌيڪ اَهميت آهي؟''
٣) ''اَڄ ڪيترا نوڪرين وارا ڏسبا ته سُٺي نموني آرام جي زندگي گذاري رهيا آهن؟''
۴) ''مان سمجهان ٿي ته تون وڏي هوندي مشهور ڪرڪيٽر ٿيندين.''

**سوال ۵: هيٺين لفظن لاءِ ضد لکو.**

١) ڪوٽ، هوشيار، ڪمزور، وڏيڪ، تندرست.

**سوال ٦: هيٺيان ڏِنل ڏانهائڻ موجب لفظ سڃاڻو.**

اوچتو، اَهميت، دنيا، پوءِ بہ، مزو، مان.

سوال ۷: توهان کي کهڙي راند وڻندي آهي؟ ڇا توهين اُها راند روز کندا آهيو؟ ڪڏهن؟

سوال ۸: توهان کي پڙهڻ وڻندو آهي؟ توهان کي ڪهڙو وشيہ پڙهڻ پسند آهي، اُن بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) تڪر تي عملي ڪم:**

دادي : ڇئہ اِندو! تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟

اِندو : منهنجي راءِ موجب ................. اِهو غلط ڪونہ آهي.

(i) تڪر ۾ پڙهائيءَ سان واسطو رکندڙ پهاڪو ڏنل آهي.

هيٺ پهاڪا / چوڻيون ڏنل آهن. اُنهن مان پڙهائيءَ سان واسطو رکندڙ چونڊي لکو.

١) علم اَملهہ آهي.

٢) جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

٣) يار اُهو جو اوکيءَ ويل ڪم اَچي.

۴) علم اِنسان جي ٽين اک آهي.

۵) اولاد پڙهي، اوچ تي رسي.

٦) ڀتين کي بہ ڪن ٿيندا آهن.

(ii) اِندو پئسن کان وڌيڪ پڙهائيءَ کي اَهميت ڏئي ٿي. توهان جو اِن وشيہ بابت ڪهڙو ويچار آهي.

(iii) هيٺيان چوکنڊا ڀريو:-



(iv) اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

١) پڙهائي، پئسو، علم، تعليم.

٢) ودوان، مهاپرش، پڙهيل، رانديگر.

٣) پئسو، کوجنا، پگهار، ڪهاٽي.

٤) گهر، زندگي، آرام، نوڪري.

(٢) پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي ’پڙهائيءَ جي اهميت‘ سمجهائيندي خط لکو.

(٣) ڪلاس ۾ هيٺ ڏنل وشيه ڪٽي ٻارن کان گفتگو ڪرايو:

١) ڇوڪريون نوڪري ڪن يا نه.

٢) پُراڻيون ريتيون رسمون اَسان لاءِ ڪيتري قدر ضروري آهن؟

٣) موسم ۾ ٿيندڙ تبديلين جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

٤) پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ جا ماڌيم ڪهڙا آهن؟

QS2U4N

(٤) ڪتاب ۽ پين جي وچ ۾ گفتگو لکو.

٢. چتر جاچي ٻڌايو ته ڪهڙيون رانديون آهن. اُنهن مان ڪنهن به هڪ راند بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.



# ٣. اِنسانيت

شريمتي نشا چاولا کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ دلچسپي هئڻ ۽ گهر ۾ ادبي ماحول ملڻ سبب ننڍيون ننڍيون رچنائون لکڻ شروع ڪيائين. تازو اُهي هڪ ڪتاب ۾ ڇپجي ظاهر ٿيون آهن.

هن سبق ۾ ’اِنسانيت‘ بابت سولي ٻوليءَ ۾ سُٺي ڄاڻ ڏنل آهي.

ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



آسام ۾ هڪ مندر جي پوڄاريءَ جو ديهانت ٿي ويو. سو اُن مندر ۾ هڪ ٻئي پوڄاريءَ جي ضرورت هئي.

ان مندر جي وڏڙن اِهو اعلان ڪيو ته سڀاڻي صبح جو جيڪو برهمڻ سڀ کان پهرين مندر ۾ ايندو ۽ جنهن کي مندر جي وڏي ايندي سو پوڄاري بڻجندو.

مندر پهاڙي ايراضيءَ ۾ هو ۽ اتان جو رستو تمام ننڍو هو. اُن کان سواءِ سڄي رستي تي پٿر ڇانيل هئا جيڪي اُتي صبح جو ايندڙ هر برهمڻ کي ڇُپي رهيا هئا. تنهن هوندي به صبح جو سڀ اُيرڻ کان اَڳ سڀ برهمڻ اُتي پهچي ويا. سڀني کي اُتي پهچڻ ۾ تمام گهڻي مشڪلات ٿي رهي هئي ڇو ته اُن مندر جو پوڄاري بڻجڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏو شان هو.

ڪيترائي براهمڻ اُتي پهچي ويا. ڳوٺن جي اُٺڻ، سمهارڻ، ڪارائڻ، پيئارڻ هرهڪ ڳالهه سان واسطو رکندڙ شلوڪ پڇيا ويا. سڀ وڏيون پڇيون ويون. سڀ برهمڻ اُن ۾ ڪامياب ويا. هرهڪ اُن ۾ ماهر هو.

صبح جي اٺڪل ڏهين بجي هڪ نؤجوان برهمڻ اُتي اَچي پهتو. سندس سچو بدن چڻ پسيني سان سنان ڪيل هو. تڏهن مندر جي وڏڙن ڪين دير سان اَچڻ جو ڪارڻ پڇيو.

اُن نؤجوان برهمڻ وراڻيو. ”مان گهران تہ صبح جو سويل نڪتو هوس، سيني ماڻهن ڪي مندر ۾ اَچڻ ۾ مشڪلات نہ ٿئي اِن ڪري پٿر هٽائڻ ۾ دير ٿي ويئي.“ تڏهن مندر جي وڏڙن ڪانئس شلوڪن بابت پڇيو تہ اُن نؤجوان برهمڻ چيو تہ ڪيس ڳوٺن ڪي سمهارڻ، ڪارائڻ، پيئارڻ، پڙدو بند ڪرڻ اِهي سڀ تہ ايندا آهن پر شلوڪ ڪين ايندا آهن. سو اُتي آيل سڀ برهمڻ مٿس کلڻ لڳا.

مندر جي وڏڙن چيو، ”توکي اَسان پوڄاري مقرر ڪريون ٿا ۽ شلوڪ تون ودوانن کان سکي چڏج.“ اُنهن اَڳتي چيو تہ جيڪو ٻين جي لاءِ جيئي اُهو سچو اِنسان آهي. سو اِن مندر جو پوڄاري اُهو نؤجوان ئي ٿيندو.

نوان لفظ:

| | |
|---|---|
| ماهر = ودوان | طئہ ڪرڻ = مقرر ڪرڻ |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) آسام جي مندر لاءِ ڪنهن جي ضرورت هئي؟
۲) سڀ برهمڻ، نوجوان براهمڻ تي ڇو کلڻ لڳا؟
۳) پوڄاري ڪنهن کي طئہ ڪيو ويو؟
۴) وڏڙن موجب سچو اِنسان ڪير آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) مندر جي وڏڙن ڪهڙو اَعلان ڪيو؟
۲) سيني برهمڻ کان اِمتحان ۾ ڇا ڇا پڇيو ويو؟
۳) نوجوان برهمڻ مندر ۾ ڏهين بجي ڇو پهتو؟

**سوال ۳: هيٺين لفظن جا ضد لکو-**

اُيرڻ، ڪامياب، سچو.

**سوال ۴: وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو-**

صبح، جنهن، پٿر، ڪانسواءِ، ڪارائڻ.

## پورڪ اَڀياس

**(١) تڪر تي عملي ڪم:**

صبح جو اَٽڪل ڏهين بجي ........................................ اُهو نوجوان ئي ٽيندو.

(i) مثال سمجهي خال ڀريو:




(ii) برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظن کي اِسم، صفت ۾ ورهايو:

(مشڪلات، سچو، ڪارڻ، اِنسان، سچو، مندر، سڀ)

| اِسم | |
|---|---|
| صفت | |

(iii) هيٺين لاءِ تڪر مان لفظ ڳولهيو:-

١) سويل جو ضد.
٢) مقرر ڪرڻ.
٣) سچائيءَ جي صفت.
۴) هڪ فعل.

QSBQ6B

**(٢) هيٺ ڏنل جملا پڙهي ’اِنساني گڻ‘ ڏيکاريندڙ جملي سامهون ✓ ۽ ٻين جملن سامهون ✗ نشاني لڳايو.**

| جملو | ✓ يا ✗ |
|---|---|
| مانوُ هميشه ٻين جي مدد ڪرڻ چاهيندو آهي. | |
| راڌا ڏِيا آشرم ۾ هر منگل ميوا ورهائيندي آهي. | |
| سنيتا دنيا ۾ اَمن - اَمان لاءِ پرارٿنا ڪندي آهي. | |
| هريش صرف پنهنجي مطلب جو ئي سوچيندو آهي. | |
| رام روز ماءُ - پيءُ کي پيري پيئي اِسڪول ويندو آهي. | |

## ’راميشور جو سئر‘

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.

راميشور بابت اِنٽرنيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪريو.










# ۴. نصيحت

مقبول شاعر پرسرام هيرانند سچاننداڻي ’ضيا‘ (۱۹۵۸-۱۹۱۱ع) جا ڪيترائي ڪتاب مشهور آهن، جيئن تہ ’تصوير احساس‘ ’سپاهيءَ جا سُخن‘، ’آلاپ ضيا‘ وغيره هن صاحب ڪيترين ئي سنڌي فلمن ۾ هڪ هندي فلم جا گيت پڻ لکيا.

ننڍي تهيءَ کي سُٺي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ’نصيحت‘ بيت ۾ شاعر ڪارگر ڳالهيون سمجهايون آهن.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.

نہ واپاري کي ٺڳي، دولاب تي سندرو ٻڌڻ گهرجي،
غريبن ديس واسين کي نہ دوکي سان ڦُرڻ گهرجي.

۱. چيو آهي وڏن تہ توري ڪٽئي ۾ گهٽي آهي برڪت،
جي برڪت تا اوهين چاهيو تہ سچائي سان هلڻ گهرجي.

۲. گهٽڻ کي ڏينهن آهي پر رات ناهہ، اهڙي حالت آ،
جي ٻُڪن ۾ تا مرن تن تي ديا هردم ڪرڻ گهرجي.

۳. نفعو جو واجبي آهي، اُنهيءَ تي خوش رهڻ گهرجي،
بين جا گهر ڦري هرگز نہ پِيٽ پنهنجو ڀرڻ گهرجي.

۴. وڏا جن اگهہ گهريا آهن، سزا تن کي ملي آهي،
وڏو هي ڏوهہ آهي، اڌرم اهڙي کان ڊڄڻ گهرجي.

۵. اجايو ڪين تيٽو آهي، اثر آهِن ۽ دانهن جو،
غريبن جي ڪَسُنِ جي آهہ کان هردم ڊڄڻ گهرجي.

۶. جي رکندا راضيو مخلوق جو تہ راضي خدا رهندو،
’ضيا‘ تڏهن چوان ٿو، عام کي راضي رکڻ گهرجي.

### نوان لفظ:

دولابُ = دغا، مخلوق = جنتا، پبلڪ

برڪت = واڌ، جَهجهائي، عام = سيني

نفعو = فائدو، ڪَسُنِ = سهن شڪتيءَ سان پرايل طاقت

پپُ = پيٽُ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ڪنهنڪي دوکي سان ڦُرڻ نہ گهرجي؟
٢) ڪنهن تي هردم ديا ڪرڻ گهرجي؟
٣) ڪهڙي اڌرم کان ڊڄڻ گهرجي؟
٤) خدا کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪنهنکي خوش رکڻ گهرجي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) 'ٿوري ڪٿئي ۾ گهٽي آهي برڪت' سمجهايو.
٢) 'گهٽڻ کي ڏينهن آهي پر رات ناهہ، ست ۾ شاعر جا تو چوڻ چاهي؟
٣) 'نصيحت' بيت جو سارُ پنهنجن لفظن ۾ لکو.

**سوال ٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) چيو آهي وڏن .................................... هلڻ گهرجي.
٢) نفعو جو واجبي .................................. پرڻ گهرجي.
٣) اَجايو ڪين ......................................... ڊِڄڻ گهرجي.

**سوال ٤: 'د' ءِ 'اَ' سان شروع ٿيندڙ تي - تي لفظ ڳولهي لکو.**

**سوال ٥: خال پريو:**

١) جي .............. تا اوهين چاهيو، تہ سچائيءَ سان هلڻ گهرجي.
٢) پين جا ........... ڦري هرگز نہ پپَ پنهنجو پَرڻ گهرجي.
٣) وڏو هي ڏوهہ آهي، اڌرم اهڙي کان .............. گهرجي.

## پورڪ اَڀياس

١. شعر - بند تي عملي ڪم:

چيو آهي وڏن ..................... اَڌرم اَهڙي کان ڊڄڻ گهرجي.

(i) ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي خال پريو:

(١) بکن ۾ هوندڙ اِنسان مٿان ................................

(الف) ڪاوڙ ڪرڻ گهرجي.
(ب) رحم جي ڀاونا هئڻ گهرجي.
(ڪ) ڪابه همدردي نه هئڻ گهرجي.

(٢) وڏا جن اَگهه گهريا آهن سزا تن کي ملي آهي.
اِهو جملو .................. چوٽيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو.
(الف) ٻه ته ٻارهان.
(ب) سچ ته بينو نچ.
(ڪ) جو پوکبو، سو لڻبو.

(٣) وڏن چيو آهي.....
(الف) ٿوري ڪمائيءَ ۾ ٻه واڌارو آهي.
(ب) اَڌرم سان ڪمائڻ ۾ واڌارو آهي.
(ڪ) ٻين کي ڦُري ڪمائڻ سان واڌارو آهي.

(ii) ’گهٽن کي ڏينهن آهي پر،
رات ناهي اَهڙي حالت آ
اِن سٽ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو:
١) چيو آهي وڏن.
٢) جي ٻکن ۾ ٿا مرن.
٣) وڏا جن اَگهه گُهريا آهن.
۴) وڏو هي ڏوهه آهي.

٢. شاهه صاحب غلط واپار ڪندڙن لاءِ چيو آهي:
’جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن
ڏڪار يا ڏيهه مان، ٿل مودي سپ مرن‘

هوڏين ۾ ڏُڪارين جي دل کي سخت چوٽ ٿي رسي. ٻي ساري مخلوقات خوشيءَ ۾ آهي. ’ڏُڪارين اَن ميڙي رکيو هو، جڏهن پوءِ وڏي اَگهه تي وڪڻي سگهن ۽ پنجن مان پندرهن ڪري خلق کي پيڙيو هئائون. هاڻي قدرت جي حساب ۾ آيا آهن. سرد آهون ڀري منهن مٿو ٿا پٽين. چي: مهانگو لهي ميڙيون. هاڻي سستو ڏيڻو پوندو. ٿل اَهڙا دڏٺ پرٿويءَ تان چٽ ٿي وڃن.

QSKL7Y

# پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

هرهڪ ٻوليءَ ۾ جا پهاڪا ۽ چوڻيون، اصطلاح ۽ ورجيسوُڻ اهڙا ننڍڙا پريوگ آهن جيڪي صدين کان وٺي ان ٻوليءَ ۾ هڪ مقرر شڪل ۾ اِستعمال ٿيا آهن. ان ٻوليءَ جو ڪوبہ ڳالهائيندڙ پنهنجي مرضيءَ موجب انهن جي بيهڪ ۾ ڪابہ تبديل نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي تبديل آندي تہ اهي فقرا ان بدليل شڪل ۾ ٻوليءَ ۾ درست نہ ليکا ويندا. مثال طور، ’انڌن ۾ ڪاڻو راجا‘ پهاڪي کي جيڪڏهن اسين چئون، ’سورداسن ۾ ڪاڻو راجا‘ تہ اهو پهاڪو قبول نہ پوندو. جيڪڏهن ”گونگي ڳانءِ“ اصطلاح کي ’خاموش ڳانءِ‘ يا ’گونگو ڍڳو‘ چئون تہ اها ڦير گهير غير درست ثابت ٿيندي.

اسانجي سنڌي ٻولي قديم ٻولين سان واسطو رکندڙ آهي. سنڌي پهاڪا، سنڌي اصطلاح، سياڻن جا سُکن آهن. زندگيءَ جي آزمودن جو تت آهن. اصطلاحن جو انداز بيشمار آهي. هيٺ ڪُجھ اصطلاح علحدن طبقن ۾ ورهايل آهن. اچو تہ انهن جو لطف وٺون.

## ١. رنگن موجب

| اصطلاح | معني |
|---|---|
| اچو مٿو ٿيڻ | عمر ٿيڻ |
| اچو منهن ٿيڻ | ٻُرو ڪم ڪرڻ. |
| اڇن ڏي ڏسڻ | بزرگن جي عزت ڪرڻ |
| اڇا ڪارا پڌرا ٿيڻ | سچ سامهون اچڻ |
| ڪارو منهن ٿيڻ | لڄي ٿيڻ. |
| پنا ڪارا ڪرڻ | بي مطلب لکڻ |
| آڪ ڪارا ڪرڻ | ڪو خاص ڪم ڪرڻ |
| منهن ڳاڙهو ٿيڻ | غصي ۾ اچڻ |
| سائو ٿيڻ | آباد ٿيڻ |

## ٢. شرير جي عضون موجب

| اصطلاح | معني |
|---|---|
| ٽنگ اَڙائڻ | ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ |
| ٽنگ ڪڍي بيهڻ | ضد ڪرڻ |
| ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي وهڻ | آرام سان وهڻ |
| ٽنگوُن پيچڻ | ڏاڍو مارڻ |
| ٽنگون هڻڻ | ڇڱو پنڌ ڪرڻ. |
| زبان ڪوُڙي ڪرڻ | واعدو ٽوڙڻ |
| زبان کولڻ | ڳجھ ٻڌائڻ، ڪجھ چوڻ |

| | |
|---|---|
| زبان ڏيڻ | واعدو ڪرڻ |
| زبان بند ٿيڻ | ڪجھ چئي نہ سگھڻ |
| تري کُپڻ | هار کائڻ |
| ترين پير ڪِرڻ | وڏو نقصان ٿيڻ |
| ترين ۾ خارس ٿيڻ | ڪمائيءَ جي اُميد هئڻ |
| تريون گسائڻ | محنت ڪرڻ |
| تريون مهٽڻ | ڪئي جو ڏُک ٿيڻ |
| تِريءَ تي سِرُ رکڻ | موٽ لاءِ بہ تيار رهڻ |

٣. شين موجب

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| اٽو کُٽڻ | غريبي هئڻ |
| اٽو خراب ٿيڻ | غلط رستو اختيار ڪرڻ. |
| اٽي کيائُو | بيڪار |
| اٽي جو گھوٻاٽو ڪرڻ | ڪم کي مُنجھائڻ. |
| اٽي پاءُ کائڻ | سمجھ هئڻ |
| اٽي مان وارُ ڪڍڻ | غلطيون ڪڍڻ. |
| اٽي ۾ لوڻ هئڻ | تمام گھٽ انداز ۾ هئڻ |
| کير کنڊ ٿيڻ | سمائجي وڃڻ |
| کير ڦِٽڻ | ڪنهن ڳالھ ۾ رنڊڪ پوڻ |
| پاڻي ڪڇڻ | حالت جو جائزو وٺڻ |
| پاڻي چاڙهڻ | تھ چاڙهڻ |
| پاڻي ڀرڻ | ظلم سهڻ |
| پاڻي ولوڙڻ | اجائي محنت ڪرڻ |
| پاڻيءَ تي ليڪو ڪڍڻ | اجايو ڪم ڪرڻ |
| پاڻيءَ وانگر پئسو هارڻ | گھڻو پئسو خرچ ڪرڻ |
| پاڻيءَ مان ڪڍڻ | غصو ڏيارڻ. |

# ۵. ڪا ڪا دعا بہ پِٽ برابر!

شري موتيرام رامچنداڻي قلم ڪار جون ڪيتريون ئي سڪياداڻڪ رچنائون آهن، جن ٻارڙن جي ڪچڙين دلين تي سُٺو اثر ڪيو آهي.

هن سبق ۾ ٻڌايل آهي تہ هڪ درويش جي مُنهن مان نڪتل ڪجهہ لفظ جڏهن حقيقت بڻجي پيا، تڏهن ڳوٺ وارن جو اُن ۾ وشواس وڌي ويو.

ٻڌو ۽ پڙهو.



اسان جا وڏا چوندا آهن تہ ڪا ڪا دعا پڻ پِٽ برابر ٿيندي آهي. سو اها بلڪل حقيقت آهي. مونکي ياد آهي تہ سنڌ ۾ اسانجو ڳوٺڙو ’ڪلڻ‘ جيڪو ميرپور خاص شهر کان فقط ڇئن ميلن جي مفاصلي تي هوندو هو. ان اسان جي ڳوٺ کان هڪ ميل پري جهنگل ۾ هڪڙو درويش رهندو هو ۽ درويش بہ اهڙو هو جنهن کي دنياداريءَ جي ڪابہ سڌ ٻڌ نہ هوندي هئي. هن سنت لاءِ ڪو جيئي تہ ڇا يا ڪو مري تہ ڇا؟ هن لاءِ ٻئي ڳالهيون هڪ جهڙيون. هن واسطي سڀ برابر هو ۽ هن جو ايشور ۾ ايترو تہ اٿوت وشواس هو جو هو ڪنهن کان بہ بيکہ پنڻ نہ ويندو هو. اتي ئي ڪوئي ڏيئي ويندو هئس تہ کائيندو هو نہ تہ جهولڻ جو نالو وٺي سمهي پوندو هو. پر پرماتما پڻ هن کي ڇڏيندو ڪونہ هو. هن کي اتي ئي بہ ڦلڪا ملي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ جو مکي مليرام گذاري ويو. اُن صاحب کي پڳوان سڀ ڪجهہ ڏنو هو، هو سکيو ستابو هو. انکري سندس چوکرن، مکيءَ جي ٻانيڻ ٻارهي جي روٽي ڏام ڌوم سان ڪئي. سڄي ڳوٺ ۾ روٽيءَ واسطي ڇيو ۽ اها ڪوشش ڪئي تہ مکي صاحب جي ٻارهي جي روٽيءَ جو ڪٽڪو هرڪنهن جي مکہ ۾ پوي تہ سٺو ۽ ڳوٺ جو ڪوبہ شخص روٽي کائڻ بنا نہ رهي. منجهند کان وٺي شام تائين روٽيءَ جو ڪم هلندو رهيو.

روٽيءَ ۾ پڻ سنا طعام تيار ڪيا ويا هئا. جيئن غريب غربا ڪائي آسيس ڪن ۽ مکيءَ جي چوڪرن جو پڻ نالو ٿئي. جڏهن روٽيءَ جو ڪاريہ ختم ٿيڻ تي هو، تڏهن سيٺ جي وڏي چوڪري چتارام پنهنجي منيب مولي مل کان پڇيو تہ ”ابا روٽيءَ ۾ ڪو رهجي تہ نہ ويو آهي؟ روٽي سيني کاڌي؟“ مُنيب جواب ڏنو تہ سائين ڳوٺ جو تہ ڪو بہ ماڻهو نہ رهيو آهي پر پنهنجي ڳوٺڙي کان هڪ ميل جي مفاصلي تي هڪ درويش رهندو آهي، اهو پڻ جيڪر سيٺ جو ڪُڙڪو کائي تہ سٺو، ڪائي دعا ڪندو.“

بس سيٺ پنهنجي نوڪر ناروءَ کي روٽيءَ جو چئن پڙن وارو ٽفن باڪس پرائي گهوڙي تي چاڙهي روانو ڪيو ۽ چيائينس تہ ڦلاڻي هنڌ هڪڙو درويش رهندو اٿئي ان کي روٽي کارائي ٽفن باڪس کڻي اچ. پلا نوڪر تہ ٿيو حڪم جو ٻانهو سو ويچارو روٽي کڻي ويو، وڃي درويش کي ڳولهي هٿ ڪيائين. جيستائين درويش روٽي کاڌي تيستائين هو اتي وينو رهيو. درويش جيڪو هر روز سڪل ڍوڍا پيو چٻاڙيندو هو ۽ اونگهي روٽي پيو کائيندو هو تنهن کي پڻ جو هڙڙا سنا سوادي طعام ۽ مال جو مليا سو ويچارو ڪائي ڏاڍو خوش ٿيو. ناروءَ کان پڇيائين، ”اَبا هي ڇا جي روٽي آهي؟“ ناروءَ چيو تہ ”درويش اسان جي ڳوٺ جي مکي صاحب جي ٻارهي جي روٽي آهي. پلا درويش کي ڪهڙي خبر تہ ٻارهو ڇا ٿيندو آهي ۽ تيرهو ڇا ٿيندو آهي! هن سمجهيو تہ شايد اهو بہ ڪوئي خوشيءَ جو موقعو هوندو! سو موٽ ۾ درويش چيو، ”ابا ڪندو دولهہ شاهہ اهڙا ٻارها روز پيا ٿيندا.“

بس درويش جي دعا ڪرڻ جي دير هئي اسان جي ڳوٺڙي جي ٻڌِن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو. هر روز پنجن ستن ٻڌن جي جڙ رامجي ٿيڻ لڳي ۽ حساب ڪيوسين تہ هفتي ڪن ۾ اٽڪل چاليهہ- پنجاهہ بزرگ ايشور جي دربار ۾ پهچي چڪا هئا. سڄي ڳوٺ ۾ ترڪلو مچي ويو تہ آخر هيءُ ٿي ڇا ويو؟ جو سڀ ڪاڪا اوچتو ئي اوچتو هلڻ لڳا آهن! نہ تہ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪا پليگ آئي ۽ نہ ڪا وبا ڦهلي آهي. پوءِ هر روز پنج ست بزرگ چڱا ڀلا ڪيئن موڪلائڻ لڳا آهن؟ سيٺ شيوارام جي شوالي ۾ هڪ تڪڙي ميٽنگ ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ ڳانو جا سڀ بزرگ ۽ نؤجوان ڪٺا ٿيا. سيني پنهنجا پنهنجا ويچار پيش ڪيا پر ڪوبہ شخص بزرگن ۾ اوچتو ٽاڪوڙي پوڻ جو ڪو صحي جواب ڏيئي نہ سگهيو. بہ ناميارا حڪيم ٻائو رڻوڪاداس ۽ امريومل پڻ منجهي پيا تہ آخر ائين ٿئي چو ٿو؟ ڪا اهڙي بيماري پڻ ڦهليل ڪونهي. مند بہ موچاري آهي. پوءِ هن ڳالهہ جو ڪارڻ ڪهڙو؟

تنهن تي نوڪر ناروءَ چيو تہ ”سائين اجازت ڏيو تہ مان بہ منت ڳالهايان؟“ سيني چيو تہ ها ابا پلي ڳالهاءِ. تنهن تي ناروءَ چيو تہ سائين ٻي تہ مون کي خبر ڪانهي پر اچ کان اٺ ڏينهن پهرين جڏهن مان مکي صاحب جي ٻارهي جي روٽي پنهنجي ڳوٺڙي کان ميل کن پري هڪڙي درويش کي ڏيڻ ويو هوس تڏهن اهو درويش روٽي کائي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ مونکان پڇيائين تہ ابا هيءَ ڇا جي روٽي آهي؟ مون بہ کيس سچي ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيومانس تہ سائين اسانجي ڳوٺ جي مکي صاحب جي ٻارهي جي روٽي اٿو. تنهن تي فقير چيو تہ ”ابا ڪندو دولهہ شاهہ اهڙا ٻارها هر روز پيا ٿيندا.“

بس پوءِ تہ ميٽنگ ۾ وينل سيئي سمجهي ويا تہ هيءُ ٻيو ڪجهہ ڪونهي فقط انهي درويش جي دعا جو چمتڪار آهي ۽ حساب ڪري ڏٺائون تہ برابر ان ڏينهن کان وٺي ڳوٺ جي ٻڍن ۾ ٽاڪوڙو پيو آهي. ڪيترا نوجوان ايترو تہ جوش ۾ اچي ويا جو چيائون تہ اسين هن درويش کي نہ ڇڏينداسين. هاٺي ئي ٽا پنج ڏهہ نوجوان وڃون ۽ ان درويش کي اُٿان ماري ڪٽي پڇائي ٽا ڇڏيون. پر ڪنهن بزرگ نوجوانن کي شانت ڪيو ۽ سمجهايو تہ پت درويشن کي سمجهائڻ جا طريقا اهي نہ هوندا آهن. انهيءَ سان ٻاڻ ڪم خراب ٿي ويندو



۾ معاملو ٻڌڻ جي بدران بگڙجي ويندو. درويشن کي سمجهائڻ جون اٽڪلون بيون ٿينديون آهن. توهين عقل کان ڪم ورتو. هرويرو اُن جهڙا نہ ٿيو. مان ٿو توهانکي هن درويش کي سمجهائڻ جي ترڪيب ٻڌايان ٿو.

ٻئي ڏينهن تي ان بزرگ پنهنجي گهر ۾ اهڙا سنا طعام تيار ڪرائي وري ان ساڳئي نوڪر ناروءَ هٿ ان درويش کي روٽي موڪلي.

وري بہ اهو درويش هيڙي سني روٽي ڪائي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وري بہ ان ناروءَ کان پڇيائينس تہ ابا اڄ وري ڇاجي روٽي آهي؟ تڏهن ناروءَ هن بزرگ دواران ٻڌائڻ موجب درويش کي چيو تہ سائين اسان جي ڳوٺ جي سيٺ سيئومل کي پٽ ڄائو آهي. انجي ڇنيءَ جي روٽي اٿو. تڏهن ان درويش وري سمجهيو تہ اهو بہ ڪو شايد خوشيءَ جو موقعو ٿيندو آهي. تڏهن درويش وري چيو تہ ابا ”ڪندو جهولڻ تہ اهڙيون ڇنيون هر روز پيوُن ٿينديون.“ بس ان ڏينهن کان پوءِ اسان جي ڳوٺ جي ٻڍن تان بہ پيڙا لٿي ۽ درويش جي دعا سان هر روز پنج ست پٽ ڄمڻ لڳا ۽ جن ڀائرن کي شاديءَ کان پوءِ پندرهن ويهن سالن تائين بہ ڪو اولاد نہ ٿيندو هو انهن کي پڻ پٽ ڄمڻ لڳا ۽ هر روز ڇنيون ٿيڻ لڳيون. انڪري سياڻا چوندا آهن تہ ”ڪا ڪا دعا بہ پِٽ برابر!“

**نوان لفظ:**

پِٽَ = بد دعا
اِوُنگهي = اٽيي
ٽاڪوڙو پوڻ = مانڊاڻ مچڻ، گوڙ شور ٿيڻ.

سُڌِ ٻُڌِ = هوش،
مَوچاري = پوري پني

طعام = سوادي کاڌا
ڪٽڪو = داڙا
وبا = ڪالرا

## اَڀياس

**سوال ا: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ليکڪ جي ڳوٺ جو نالو ڇا هو؟
٢) ڪهڙي موقعي تي سڄي ڳوٺ کي ڪاڏو ڪارايو ويو؟
٣) ٻارهي جي روٽي کائي درويش ڪهڙا لفظ چيا؟
۴) ٻئي دفعي درويش ڪهڙي دعا ڪئي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) درويش بابت چار جُملا لکو.
٢) درويش جي پهرين دُعا جو ڪهڙو اثر ٿيو؟
٣) بزرگ جي اٽڪل جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

**سوال ٣: هيٺين جا نالا لکو.-**

| | |
|---|---|
| ١) مُکيءَ جو نالو = ................... | ٣) ٻن حڪيمن جا نالا = ................... |
| ٢) نوڪر جو نالو = ................... | ۴) مُنشيءَ جو نالو = ................... |

**سوال ۴: جنس بدلايو.**

١) ٻانيڻُ ٢) سوٽُ ٣) ماساتُ ۴) ڀِڦاتِ ۵) ماروٽُ

**سوال ۵: هيٺيان جُملا ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ’’اَبا روٽيءَ ۾ ڪو رهجي ته نه ويو آهي؟‘‘
٢) ’’هو درويش جيڪر سيٺ جو ڪٽڪو کائي ته سُٺو.‘‘
٣) ’’اَبا, ڪندو دولهه شاهه اهڙا ٻارهان روز پيا ٿيندا.‘‘
۴) ’’سائين اسان جي ڳوٺ جي سيٺ سيئومل کي پٽ ڄائو آهي.‘‘
۵) ’’درويشن کي سمجهائڻ جون اٽڪلون ٻيون ٿينديون آهن.‘‘

## پورڪ اَڀياس

**(ا) تڪر تي عملي ڪم:**

وري به اِهو درويش ........................................................... ڪا ڪا دُعا به پِٽ بربرا.‘‘

**(i) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جملا لکو:**

١) اِنڪري سياڻا چوندا آهن. (زمان ماضي ۾ بدلايو.)
٢) سيٺ سيئومل کي پٽ ڄائو آهي.
(ليڪ ڏنل لفظ جي جنس بدلائي جملو وري لکو.)
٣) اُن جي چنيءَ جي روٽي اَٽو.
(ليڪ ڏنل لفظ ڪنهن لاءِ چيل آهي.)
۴) ڳوٺ جي ٻڍن تان به پيڙا لٿي.
(ليڪ ڏنل لفظ بدران ٻيو مناسب لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو.)

(ii) هيٺ ڏنل ڪردارن مان ڪهڙو سڌي نموني ۽ ڪهڙو اَڻ سڌي نموني آيل آهن.

۱) سيٺ سيئومل ۲) نارو ۳) درويش ۴) صلاح ڏيندڙ بزرگ

(۲) ’سيٺ سيئومل‘ اِهي به لفظ ’س‘ سان شروع ٿيندڙ آهن اَهڙي نموني ساڳئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا پورا ڪريو.

۱) دلبر --------

۲) جهر --------

۳) وڻيچ --------

۴) تازو --------

۵) ڪارو --------

۶) سوَر --------

(۳) ڪا به مذاقي آکاڻي ڳولهي، ڪلاس ۾ ٻڌايو:

(۴) اَچو ته ٿوري لفظن جي وندر ڏسون:-

۱. پَلُ = چڱو
پَل = بيشڪ
پُلَ = غلطي
پِلَ = اُها مينهن جنهن جا سڱ
وَريل هجن

۲. سِرَ = چيڪي مٽيءَ جو چورس يا ڪعب ٽڪر
سِرُ = مَٿو، سسي
سَرَ = موتين جي لڙهي يا ڦٽاڪن جي لڙهه
سُرُ = (سريلو) آواز
سِرِ = اَڳيرو

۳. وارُ - مٿي جا وارَ
وارُ = حملو
وارُ = وارو، ڦيرو
وارُ = ڏينهن

۴. ڪُل = جملي، ٽوٽل
ڪَلُ = هڪ گاهه جو قسم
ڪُلُ = ڪٽنب
ڪِلُ = لوهه جو وڏو ڪِلو، ٺلهي شيخ
ڪَلَ = خبر، سمڪ
اَهڙي نموني ٻيا لفظ توهان ڳولهي سگهو ٿا.

QSUH9L

# ٦. غزل

ڪرشن وچاڻي ’راهي‘ (١٩٣٢ع - ٢٠٠٧ع) برک شاعر، گيتڪار، ڪهاڻيڪار ۽ آلوچڪ هو. هن جي آڪاڻين جو مجموعو آهي ’لڙڪ ۽ مرڪ.‘ هن کي شعرن جي مجموعي ’ڪماچ‘ تي ساهتيہ اڪادمي انعام هو. هن جو ٻيو شعرن جو مجموعو آهي ’وسڻ سندا ويس.‘

هن غزل ۾ انساني زندگيءَ جي حقيقت بيان ڪئي اَٿس.

**ٻُڌو ۽ ڳايو.**

پنڌ پوڻ کو اَهنجو ناهي،
پر ڪٿ پهچڻ سنهنجو ناهي.

شهر سڄو آ ماڻهوُ ماڻهوُ،
ڪير بہ ليڪن ڪنهنجو ناهي.

کهڙو تنهن جو آهہ سياڻو،
ڏينهن اَڄوکو جنهن جو ناهي.

سڀ ڪجهہ آهي پنهنجو پر پِي،
ڪجهہ تنهنجو، ڪجهہ منهنجو، ناهي.

منهن مان ئي ماڻهوُ نہ سڃاڻو،
چهرو ڪنهن کي پنهنجو ناهي.

جاڳُ تہ ناهي حقيقت تنهنجي!
سُمهہ تہ سپنو تنهنجو ناهي!

## نوان لفظ:

پند پَوَڻُ = چڱي وقت تائين پنڌ ڪرڻ | اَهنجو = ڏکيو | سنهنجو = سولو

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

۱) ڪهڙو ڪم اَهنجو ناهي؟

۲) سچو شهر ڇا آهي؟

۳) مُنهن مان ئي ڪنهن کي ڇو نہ سڃاڻجي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) حقيقت ۽ سپنو لفظن سان شاعر ڇا ٿو چوڻ چاهي؟

۲) هن بيت جو سارَ پنهنجن لفظن ۾ لکو.

**سوال ۳: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

۱) پنڌ پوڻ ........................................................ سنهنجو ناهي.

۲) سپ ڪجهہ ................................................... منهنجو ناهي.

۳) جاڳُڻ تہ ........................................................ تنهنجو ناهي.

**سوال ۴: ’س‘ سان شروع ٿيندڙ ڪي بہ چار لفظ هن بيت مان ڳولهي لکو.**

## پورڪ اڀياس

(۱) بيت تي عملي ڪم

(i) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو:-

| سوال | جواب (۱) | جواب (۲) |
|---|---|---|
| هڪ جوڙو ساڳين لفظن جو | | |
| هڪ جوڙو اُبتڙ لفظن جو | | |
| هڪ جوڙو ساڳي ءَ معني وارو | | |
| هڪ جوڙو سوالي ضمير جو | | |

(ii) ’جاڳڻ تہ ناهي حقيقت تنهنجي، سمهہ تہ سپنو تنهنجو ناهي. سٽن جي سمجهاڻي ڏيو.

(iii) ’سهنجو‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي چار لفظ ٺاهيو:

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

مثال سمجهي خال ڀريو:-

مثال - سِڪَ، سُڪَ

(الف) ڳوٺ ۾ برسات نہ پوڻ ڪري چوڌاري سُڪَ هُئي.

(ب) مونکي توهان جي ڏاڍي سِڪَ لڳي آهي.

(۱) ڀُلُ ڀَلَ

(الف) اَسان لاءِ هر ---- قيمتي آهي.

(ب) ---- ٿيڻ سبب آمدرفت سولي بڻجي پيئي.

(۲) سَتَ، سَتُ

(الف) اِهو ---- آهي تہ هرهڪ کي هيءُ سرير چڱو آهي.

(ب) اِندلٺ ۾ ---- رنگ هوندا آهن.

(۳) مَٽَ، مَٽُ

(الف) سيٺ دلپتراءِ هڪ ----- ڪٽڪ خريد ڪئي.

(ب) هن ---- جي قيمت ڪروڙن ۾ آهي

(۴) ڪِلَ، ڪَلَ

(الف) ننڍڙي ٻار جا نِخرا ڏسي سيني کي ---- اَچي ويئي.

(ب) قرضي ماڻهو پنهنجي ---- بچائيندو پاڻ هلندو آهي.

(۵) پَٽُ، پِٽِ

(الف) بيمار ماڻهن لاءِ ------ سٺي خوراڪ آهي.

(ب) رِشتن ۾ ڪڏهن بہ ---- نہ هُئڻ گهرجي.

QT4DB9

# ٧. سِنڌ جون وير ناريون

دادا ايسر سنگهه بيدي کي سنڌي اَدب لاءِ ڪيترن ئي موقعن تي راڄيہ سرڪار ۽ مرڪزي سرڪار پاران سندس ستڪار ڪيو ويو آهي. هفتيوار سنت ڪنوررام، اخبار ۾ ’قومي ٻاري‘ ڪالم ۾ سالن کان لکندو رهيو آهي.

هن ليک ۾ ’سِنڌ جي وير ناريُن‘ بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

**پڙهو ۽ ٻڌو.**



اِتهاس ۾ اهڙا مثال ورلي ملندا جن ديش خاطر سموري پريوار سميت ٻليدان ڏنو هجي. اهڙو سونهري ورق سنڌ جي تواريخ ۾ موجود آهي. سنڌ کي سوني جهرڪي سمجهي ڌارين سنڌ مٿان ڪاهون ڪيون. سنڌ جي بهادر سوروين اڳيان هر دفعي هار کائي پنهنجي ملڪ واپس ڀڄي ويٺو پيو. عربن جي آخرين حملي وقت راجا ڏاهر خوب ويرتا ۽ بهادريءَ سان لڙيو. دشمن ست جهلي نہ سگهيو ۽ واپس ڀڄڻ وارو هو تہ ڪن غدارن جي ٻڌايل تجويز موجب رمز سان سپاهين کي زنانا ويس وڳا پهرائي هر طرف وڃي ’’بچايو بچايو‘‘ جا درديلا آواز ڪيا. راجا ڏاهر هڪدم عورتن جي بچاءَ لاءِ اُن طرف روانو ٿيو تہ دوکي سان عورتن جي ويس ۾ دشمن جي سپاهين کيس گهيري مٿس زبردست حملو ڪري کيس شهيد ڪري ڇڏيو. مهاراجا ڏاهر جي ٻليدان ٿيڻ بعد سندس پٽني لاڏلي ديوي ۽ ڀيڻ پدما ديوي تلوارون هٿن ۾ جهلي راڻي جهانسي وانگر بهادريءَ سان لڙائي جي ميدان ۾ نڪري نروار ٿيون ۽ دشمن جي لشڪر مٿان اچي ڪرڪيون. دشمن جي سپاهين جا سر ڌڙن کان ڌار ڪنديون، گجرن مورين وانگر هنن جا سر ڪٽينديون پنهنجو خوب جلوو ڏيکاريو. هنن ديوين جي بهادري ۽ همت ڏسي دشمن جا حوصلا پست ٿي ويا. اهو سنگهرش لڳاتار ٢١ ڏينهن هليو. دشمن سان جنگ جوٽيندي کاڌ خوراڪ اچي ختم ٿي. بنا کاڌي سپاهي ڪيئن لڙن؟ هار سامهون نظر اچڻ لڳي. کين محسوس ٿيو تہ دشمن جي ور چڙهڻ ۽ پڪڙجي پوڻ تي سندن بي عزتي ۽ درگتي ٿيندي. تڏهن هنن بهادرن ديوين قلعي جي اندر چکيا تيار ڪري ويهہ هزار سنڌي ناريون ڪيسري وستر پهري گايتري منتر

جو اُچارڻ ڪندي جوهر جي جوالا ۾ آهوتي ڏينديون ويون ۽ اَمر بليدان جو سونهري ورق ورائي ڇڏيو.

راجا ڏاهر جون ٻہ ڌيئرون سوريہ ديوي ۽ پرملا ديوي دشمن جي هٿ چڙهي ويون. جن کي پڪڙي، ٿلهن رسن سان ٻڌي سپهہ سالار محمد بن قاسم ڪين عرب ملڪ ۾ وٺي ويو ۽ پنهنجي حاڪم خليفي کي سوکڙيءَ طور نذرانو ڪري پيش ڪيو.

ٻنهين ديوين جي عقل ۽ همت کي داد ڏيو جو اڪين جي اشارن ئي اشارن ۾ هنن هڪ تجويز خيال ۾ آندي. ان موجب هنن خليفي کي اڪيلائي ۾ ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيو. اجازت ملڻ تي هنن خليفي کي ٻڌائي ٻڌائي تہ سپہ سالار محمد بن قاسم خليفي جو دُشمن آهي. هنن ديوين جو ايترو ٻڌائڻ خليفو ٽپي باهہ ٿي ويو ۽ غصي ۾ لال ٿي حڪم ڏنائين تہ محمد بن قاسم کي جيئري هڪدم هڪ بيل جي کل ۾ وجهي جهنگل ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. جتي خوفناڪ جانور کائي ختم ڪن. قاسم جي هڪ بہ نہ ٻڌي ويئي. حڪم جي تعميل ٿي ويئي. پنهنجي تجويز جي ڪاميابي ڏسي ٻنهين ديوين کان کِل نڪري ويئي. هو اجا بہ ٺهڪ ڏيئي زور زور سان کلڻ لڳيون. خليفو وائڙو ٿي ويو ۽ کلڻ جو سبب پڇيائين تہ ٻنهين ديوين کيس ٻڌايو تہ قاسم دغاباز هو. هو بهادريءَ سان راجا ڏاهر کي جيتي ڪونہ سگهيو ۽ خليفي کي ٻڌايائون تہ ڪيئن هن دوکي سان اسان جي پتا راجا ڏاهر کي ماري ڇڏيو. انڪري اسان بہ ساڳئي نموني رمز سان پنهنجي پتا جو بدلو چڪائي ورتو آهي. اهو ٻڌي خليفي ٻنهين ديوين کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ئي مس تہ هنن ديوين پنهنجن ڪمرن ۾ لڪايل ڪٽارون ٻاهر ڪڍي، پنهنجن هٿن سان پنهنجون سيسون ڪٽي شهيد ٿي ويون.

سِنڌ هميشہ قربانين ۽ بليدانن جي ڀومي پئي رهي آهي. سنڌ جي هنن سوروير نارين جي ههڙي ديش ڀڳتي، شهادت، سورويرتا قرباني تي سنڌي سماج کي هميشہ فخر رهندو.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| ست جهلڻ = ٽڪي سگهڻ | داد ڏيڻ = ساراهہ ڪرڻ | پَسِتُ = ٽري واري |
| تجويز = رٿا | تعميل = عمل / پيروي | نذرانو = سوکڙي |
| دُرگتي ٿيڻ = خراب حالت ٿيڻ | روانو ٿيڻ = وڃڻ | ٽپي باهہ ٿي وڃڻ = تمام گهڻو ڪاوڙجڻ |
| رمز = چال | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) عربن جي حملي وقت ڪهڙو راجا بهادريءَ سان لڙيو؟

٢) قيد جو ٻڌي سوريہ ديوي ۽ پرملا ديوي ڇا ڪيو؟

٣) سنڌي سماج کي سنڌ جي نارين تي ڇو هميشہ فخر رهندو؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) راجا ڏاهر کي دوکي سان ڪيئن شهيد ڪيو ويو؟

٢) لاڏلي ديوي ۽ پدما ديوي دشمن سان مقابلو ڪيئن ڪيو؟

٣) سنڌي نارين بليدان ڇو ڏنو؟

۴) خليفي کي کلڻ جو ڪهڙو سبب ٻڌايو ويو؟

**سوال ٣: هيٺين جا ضد لکو.**

مثان، هار، دشمن، اَندر، لائق.

**سوال ۴: هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

دنگ رهجي وڃڻ، روانو ٿيڻ، دُرگتي ٿيڻ، داد ڏيڻ، ٽپي باھ ٿيڻ.

**سوال ۵: اِتهاس ۾ پڙهيل يا ٻڌل ڪنهن وير ناريءَ جي بهاردي / ويرتا جي گهٽنا لکو.**

## پورڪ اڀياس

**(۱) ٽڪر تي عملي ڪم:**

اِتهاس ۾ اَهڙا مثال............................ اَمر بليدان جو سونهري ورق ورائي ڇڏيو.

**(i) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.**

۱) سنڌ مٿان حڪومت ڪندڙ.

۲) راجا ڏاهر جي پٽنيءَ جو نالو.

۳) يوڌا جو ٻيو لفظ.

۴) 'قرباني' لاءِ ڪم آيل لفظ.

**(ii) رنگين زباني 'تجنيس حرفي' وارا جملا سُڃاڻو.**

۱) اَهڙو ورق سنڌ جي تواريخ ۾ موجود آهي.

۲) اَمر بليدان جو سونهري ورق ورائي ڇڏيو.

۳) بهادريءَ سان لڙائيءَ جي ميدان ۾ نڪري نروار ٿيون.

۴) پنهنجو خوب جلوو ڏيکاريو.

**(iii) هيٺ ڏنل جملا سلسلي ۾ لکو.**

۱) سنڌي نارين پاڻ کي جلائي قرباني ڏني.

۲) عربن سنڌ مٿان حملو ڪيو.

۳) راجا ڏاهر شهيد ٿي ويو.

۴) راجا ڏاهر جي پٽنيءَ ٻيڻ هٿن ۾ تلوارون کنيون.

**(۲) سنڌي نارين، آزادي کان اڳ ۽ بعد ڪيترن ئي کيترن ۾ پاڻ موکيو آهي. سنڌي ناريءَ ڪيتر ڏيان ۾ رکندي جوڙا ملايو:**

| | |
|---|---|
| ۱. سچيتا ڪرپالاڻي | ۱. ڊانس |
| ۲. سندري اُتمچنداڻي | ۲. آزادي آندولن |
| ۳. اَنيلا سندر | ۳. راجنيتي |
| ۴. ساڌنا | ۴. ڳائڻ |
| ۵. جيني سپاهيملاڻي | ۵. ساهتيه ڪار. |
| ۶. پگونتي ناواڻي | ۶. ميڊيڪل |
| ۷. اِندرا هندوجا | ۷. بئنڪنگ |
| ۸. چندا ڪوچر | ۸. فلم اِنڊسٽري |

QTD9CH

## پاڙ ڪريان پاڙ سڪان

١. هينيان جملا ڏيان سان پڙهو.

اَهڙي نموني سوال تاهيو جئن ليڪ ڏنل لفظ جواب بڻجي

مثال: رميش کي سرڪاري نوڪري ملي.

رميش کي ڪهڙي نوڪري ملي؟

(١) ڪميا کي زهر کي اَمرت بڻائڻ جي شڪتي آهي.

(٢) روٽيءَ ۾ سُنا طعام تيار ڪيا ويا.

(٣) هريش ١٥ آگسٽ ٢٠٠٥ ۾ جائو هو.

(٤) پوليس چور کي چالاڪيءَ سان پڪڙيو.

(٥) ڀارت ۾ ١٦٦٨ ماڻهن پنيان فقط هڪ ڊاڪٽر آهي.

(٦) سيٺ رامچند ڪرياني جو دوڪان کوليو.

(٧) راجا نند سنڌو نديءَ ڪناري ويو.

(٨) اُهو اِنسان ڀليل آهي جو جانيءَ کي جبلن ۾ ڳولهڻ تو وڃي.

٢. سنڌي ويرن بابت اِنٽرنيٽ تان ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

٣. سرحد جي فوجي جوانن کي ڏياريءَ جون شڀ ڪامنائون ڏيڻ لاءِ خط لکو.

اَسانجا فؤجي جوان



# اَسين ۽ ماحول

ڏسو جاچيو ۽ ٻڌايو.



اَسان کي پنهنجي ماحول کي صاف سُٿرو ۽ صحتمند رکڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ لکو.

# ٨. ڪڏهن ته

آسن واسواڻي ’مجبور‘ (جنم ١٩٣٢ع) بنيادي طور شاعر آهي. گهڻو اڳ هن جي شاعريءَ جو مجموعو ’زندگيءَ جا نغما‘ ظاهر ٿيو هو. هن تعليمي کيتر ۾ اول انگريزيءَ جي ٽيچر طور ٽولاڻي ڪاليج آديپور ۾ خدمتون ڏيندي پرنسپال ٿي رٽائر ڪيو.

پڙهو ۽ ڳايو.

ڪڏهن ته عقل اسان کي ايندو،
ڪڏهن ته ماڻهو، ماڻهو ٿيندو،
ڪري ڪنارو خود غرضيءَ کان،
ڪڏهن ته ٻئي جي لئه سوچيندو.

هِنئَر جڳت ٿي ننڍڙو پيو آ،
مفاصلو اڄ ڪٿي رهيو آ؟
وشالتا پر من جي گهرجي،
بنا انهيءَ بدحال ٿيو آ.

ڌرم يلا ڇا لاءِ لڙن ٿا؟
انيڪ قوم اجايا ٽين ٿا.
لهوُ وهي ٿو معصوُمن جو،
پشاچ، پاڳل پر مرڪن ٿا.

اگر ٿي ويندي غائب محبت،
نظام ۾ بس رهندي نفرت،
اهو پکڙجي زهر جڏهن ويو،
جڻڻ - مرڻ ۾ ڪهڙي فرقت؟

**نوان لفظ:**

پشاچ = راڪاس
مفاصلو = دوُري
خَود غرضي = سوارت
بدحال = پريشان
لهوُ = رت
فرقت = تفاوت

## اَڀياس

**سوال ا: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

ا) خود عرضيءَ ڪان ڪنارو ڇو ڪرڻ گهرجي؟
٢) اَڄ جڳت ڪي ڇا گُهرجي؟
٣) لهوُ ڪنهن جو وهي ٿو؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

ا) اڄڪلهه ماڻهن ۾ ويڇو ڇو وڌي رهيو آهي؟
٢) ڏنل ڪوتا مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

**سوال ٣: هم آوازي لفظن جا چوُڪنڊا پورُا ڪريو.**

ا) ايندو — ☐ — ☐
٢) محبت — ☐ — ☐

**سوال ۴: ڪوتا جي سٽن ۾ خال ڀريو.**

ا) ڪڏهن نہ ماڻهوُ................ ٿيندو.
٢) هِنئر جڳت ٿي ................ پيو آ.
٣) اگر ٿي ويندي غائب ..................

## پورڪ اَڀياس

**ا) شعر بند تي عملي ڪم**

هنئر جڳت ................ مرڪن ٿا.

**٢) هيٺين سٽن جو نثري روپ لکو.**

(الف) وشالتا پر من جي گهرجي.
(ب) پشاچ، پاڳل پر مرڪن ٿا.

۳) چوڪنديءَ مان مناسب جواب ڳولهيو.

| |
|---|
| جڳت، مفاصلو |
| اَڇ، وشالتا، قوم |
| لهوُ |

(الف) ٻن ڳوٺن وچ ۾ = ........................
(ب) بدن اَندر وهندڙ قوت بخش پاڻيٺ = ........................
(پ) دنيا = ........................
(ڀ) وقت سان لاڳاپو رکندڙ = ........................

۳) ”هنئر جڳت تي ننڍڙو پيو آ“ سٽ جي سمجهاڻي ڏيو.

۴) اُهي سٽون ڳولهيو جن جو واسطو هيٺ ڏنل جملن سان هجي.
(الف) عام، ويچارا ماڻهو مرن ٿا.
(ب) اِنسانيت خلاف ماڻهو خوش ٿين ٿا.

QTM5EJ

۵) قدرت يا ڪنهن بہ گُل تي ڪويتا جون پنج ست سِٽون ٺاهي لکو.

٦) توهان کي ڏنل بيت جون ڪهڙيون سٽون وڻيون ۽ ڇو؟ لکو.

هيٺ ڏنل گل سڃاڻو:- (ڪنهن بہ هڪ گل لاءِ ٿوري ۾ ڄاڻ لکو.)



# ٩. ڪچهري

ڊاڪٽر چينو لالواڻي سنڌي ساهتيہ جي الڳہ الڳہ صنفن تي ڪافي گهڻو ۽ سُٺو لکيو آهي. ڪيترن ادبي اِدارن سان جُڙيل رهيو آهي. هن سبق ۾ ليکڪ ڪچهري بابت سٺي ڄاڻ ڏني

پڙهو ۽ سمجهو.



جڏهن وندر جا ساڌن محدود هئا تڏهن ڳوٺن ۾ رهندڙ عام لوڪن لاءِ ڪچهري وندر ۽ ڄاڻ جو مکيہ وسيلو هو. سانجهيءَ ٽاڻي هرڪو هاري ناري، ڳوناڻو ڪم ڪان فارغ ٿي رات جو روٽيءَ جو اونو لاهي ڪنهن اوطاري، اوطاق، يا وراندي ۾ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. جنهن ۾ هڪڙا هوندا هئا ڀڏائڻ جا سلوڪ تہ ٻيا وري ٻڌڻ جا ڏوهيڙا. وچ ۾ رکيل حقو بہ چڪيندا ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني چرچا ڳيا ڪندا هئا. جئن ڪچهري مچندي، اڌ رات تائين هلندي رهندي هئي پر ڪچهريءَ ۾ وهڻ سان من ۽ تن ٻئي تازا توانا ٿيندا هئا. هو ڪچهريءَ ۾ ايترا تہ محو ٿي ويندا هئا جو وقت جي ڪا سمڪ ئي نہ رهندي هئن ۽ ڏينهن جو ٽڪ بہ وسري ويندو هين.

چوڻي آهي تہ ’حد درجي جي سياڻپ ڏيکارڻ اياڻپ جي نشاني آهي.‘ ڪچهريءَ ۾ اسان ڪي سياڻپ، ڏاهپ جا ٻول بہ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن تہ اياڻن جا لفظ ڪچهريءَ ۾ ٽهڪڙو بہ مچائيندا آهن.

ڪچهريءَ ڪي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت آهي. ڪچهريءَ ۾ وڏا چاهي ننڍا، ٻار چاهي ٻڍا، عالم چاهي اڻ پڙهيل بلڪل باادب رهندا آهن. ڪچهريءَ ۾ پنهنجائپ ۽ ڀائپيءَ جو ماحول نظر ايندو آهي. ڪچهريءَ ۾ ڪوبہ دستوري پٽو نہ هوندو آهي. ڪچهريءَ ۾ حاضر شخص وقتي اُمنگہ ۾ اچي، غير دستوري نموني ڪجھ بہ ٻڌائي سگهي ٿو، حصو وٺي سگهي ٿو. ڪچهري هنر ۽ فن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو آهي.

ڪچهريءَ جي فضا ۽ ماحول ايترو تہ وڻندڙ هوندو آهي جو ڪافي ڏينهن تائين اُن جي ياد تازي رهندي آهي. ڪچهريون پل هر روز ٿينديون هجن پر اُن ۾ ڪڏهن بہ دهراءُ نہ هوندو آهي. نت نئين ڳالهہ هوندي آهي. اِهائي ڳوناٽي ڪچهريءَ جي خوبي آهي. ڪچهرين ۾ ڪيترائي سُگهڙ اچي ڪنا ٿيندا آهن. وقتي ڪچهريءَ هلندي ڪي سازيندڙ اُتان لانگهائون ٿيندا آهن تہ اُهي بہ ڪچهريءَ ۾ ويهي رهندا آهن. ساز سان گڏ گيتن، پچنن، ڪافين جي موج بہ ماڻيندا آهن. ڳوناٺين ڪچهرين ۾ اڪثر اڻ پڙهيل وڏيڪ آهن. هوُسادا سودا پر مهمانواز سگهڙ جيڪي اڻ پڙهيل هوندا آهن، انهن جو حافظو ايترو تہ تيز هوندو آهي جو هو هڪ ئي وقت انيڪ ڳجهارتون، بيت، پروليون، ڳالهيون، برزبان ٻڌائي ويندا آهن. هنن جو ٻڌائڻ جو انداز بہ نرالو ۽ ڪشش ڪندڙ هوندو آهي. جو ڪچهرين ۾ سڀ حاضرين ان ۾ چاهہ وٺڻ شروع ڪندا آهن. ڪچهرين ۾ سيني حاضرين جي حصيداري هوندي آهي. ڪچهرين ۾ ٻڌايل ڳالهيون، شاعري، بيت وغيره ٻڌندڙن کي اُتي ئي ياد پئجي ويندا آهن ۽ پيڙهي در پيڙهي ان ريت ڪچهرين دوارا اسان جو سنڌي لوڪ ادب جو ورثو قائم دائم رهندو آيو آهي.

ڪچهرين ۾ بيت، ڪافيون، مداحون، مولود، ڏهس، دهراهو، سينگار، سلوڪ، راڳ راڳڻيون، آڇاڻيون، آکاڻيون، پروليون، قصا، ڪهاڻيون، عقل، نقل، نصيحتون، ڳجهارتون، پروليون، ڏور، هنر، ناز، نخرو، نت، ڏت، سٽ، ساز، مطلب تہ هر قسم جو مواد هوندو آهي. صرف حڪم ڪرڻ جي دير آهي. چوڻ سان سگهڙ شروع ٿي ويندو.

اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ جيڪو علم ۽ ادب، ڳوناٺن، ڊراڙن، ڳوالن ۽ هارين، نارين، پورهيتن جي سيني ۾ سانديل آهي، اهو اسان کي ڪنهن بہ شهريءَ ۾ اصل ڪونہ ٿو ملي. ڀرازين، ڳوٺن ۾ ڪيئي شاعر، سالڪ، سگهڙ سنڌي وير ٿي گذريا آهن جن جو ڪلام، ادب عوام تائين نہ پهتو آهي ۽ نہ ئي وري ڪٿي رڪارڊ يا قلم بند ڪيو ويو آهي.

اِها بہ حقيقت آهي تہ شهرن ۾ ڪافي پڙهيل شخص رهن ٿا. جن جي وندر ورونهن جا وسيلا ۽ ساڌن بہ جام آهن. باقي ڳوٺن ۾ جتي ڪافي عوام اڻ پڙهيل رهي ٿو ۽ هنن جا ڳوٺ شهرن کان ڪافي دور، شهري زندگيءَ کان بلڪل ڪٽيل ٿين ٿا اُنهن لاءِ پنهنجي وندر جي وسيلن ۾ ڪچهريون ئي اهم آهن ۽ انهن وٽ پاڻ کي وندرائڻ لاءِ لوڪ ادب جا بي مثل ۽ بيشمار خزانا موجود آهن. ڀرازين جا ماڻهو سادا، بدن تي پورو ڪپڙو نہ ۽ جڏهن ڪچهرين ۾ ويهي ٿا پنهنجو منهن کولين تڏهن لفظن جون لڙيون اهڙيءَ طرح ٿا اوتين ڄڻڪ سڳن ۾ موتي ٿا پوئن. اسانجي سنڌي لوڪ ادب جا بي بها، قيمتي خزاني کي هنن سگهڙن پشت بہ پشت سيني ۾ سانديندا آيا آهن ۽ گهڻا تہ پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن. اڄ جتي سنڌ جي ڀرازين ۾ مڇ ڪچهريون ٿين ٿيون اُتي پارت ۾ بنيءَ ڪڇ جي سنڌي ڳوٺن ۾ ڪچهريءَ جي ساڳئي روايت قائم آهي. جتي پڻ سنڌي لوڪ ادب جي جدا جدا صنفن جي پلئان پلٽ ڪئي ويندي آهي. ڪچهريون ئي سنڌي لوڪ ادب کي اوُڄ ڏيڻ، وڌائڻ ۽ سانديي رکڻ ۾ مددگار بڻيون آهن. ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اچو تہ ڪچهريءَ جي موج ماڻيون.

## سنڌي ڪچهري

**آستان** : ويڙهار، نروٽا ڳوٺ جي اوطارو (پونگو) وقت : رات جو ڏهہ بجا.

**درشيہ** : وچ ۾ باهہ جا مچ بري رهيا آهن. چوڏاري جت، سوڌا، ڳوناٽا ٻيا ۽ يار وينا آهن.

**لڏوجي** : ”پائي، ڪچهريءَ ۾ ڪا سوڪڙي اُڇليو تہ همراهن کي ٻڌون؟“

**گووندجي** : ”تہ اچيوَ ٿي.“

**حاضرين** : ”ها پلي اچي، سدا اچي.“

**گووندجي :**

چاڪ ڦرندو پلو، ٻيڙو ترندو پلو،
ساڏو رمندو پلو، جهيڙو ترندو پلو،
چارئي روڪ پلا، سيپئي ٽوڪ پلا.

**لڏوجي:**

راڻي تہ راضي پلي، گذري تہ ماضي پلي،
روٽيءَ سان پاڄي پلي، هوا تہ تازي پلي،
اهي چارئي پلا، اهي چارئي ٽوڪ پلا.

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| ٽاڻو = وقت، | سمڪ = سمجهہ، سُڌ | سُگهڙ = خوبين وارو |
| محوُ = مگن، غائب | حافظو = يادگيري | مداح، مولود، ڏهس دهراهو = شاعريءَ جا قسم |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا هڪ ٻن جملن ۾ جواب لکو.**

١) ڪچهري ڪهڙي وقت ٿيندي آهي؟
٢) ڪچهريءَ ۾ ڪير ڀهرو وٺندا آهن؟
٣) اڱڙهيل سگهڙن جي ڪهڙي خاصيت ٻڌايل آهي؟

**سوال ٢: هيٺيان گول پورا ڪريو.**




**سوال ٣: هيٺين سوالن جا توري ۾ جواب لکو.**

١) ڪچهريءَ جا پنج فائدا لکو.
٢) لوڪ ادب قائم دائم رکڻ لاءِ ڪچهريءَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟
٣) ڪچهريءَ ۾ ڪهڙي قسم جو ادب پيش ٿيندو آهي؟

**سوال۴: هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

۱) غير دستوُري ۲) سياٽپ ۳) فارغ ۴) حاضر

**سوال۵: وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سُڃاڻو.**

۱) ڪچهري ۲) ڏيکارڻ ۳) ۾ ۴) شهري ۵) اسان ٦) ۽ ۷) بلڪل

**سوال٦: ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ۱) عوام | الف) ملهائيتو |
| ۲) ساڌن | ب) جنتا |
| ۳) سچائي | ب) وسيلا |
| ۴) قيمتي | پ) حقيقت |

**سوال۷: هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

۱) چاهه ونڻ ۲) اؤج تي رسائڻ. ۳) سانڍي رکڻ ۴) اظهار ڪرڻ

## پورڪ اڀياس

(۱) تڪر تي عملي ڪم:

سنڌي ڪچهري

آستان: ويڙهار نروڻا ڳوٺ ........................................ اِهي چار ئي توڪ پلا

(i) چوڪندن ۾ مناسب جواب لکو:

| | سنڌي ڪچهري | |
|---|---|---|
| وقت | آستان | درشيم |
| | | |

(ii) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو:-

| جملو | ڪنهن چيو | ڪنهن کي چيو |
|---|---|---|
| (۱) چاڪ قرندو پلو.<br>(۲) ڪچهريءَ ۾ ڪا سوڪڙي اُڇليو.<br>(۳) تہ اَچيوَ تي. | | |

(iii) جوڙا ملايو:

| | |
|---|---|
| (۱) ڦيٿو | (۱) ٽَرندڙ |
| (۲) سنت | (۲) ڦِرندڙ |
| (۳) جڳهڙو | (۳) ٽَرندڙ |
| (۴) پاڻيءَ جو جهاز | (۴) ڳُهمندڙ |

(iv) راضي ماضي ۽ تازي اِهي هم آوازي لفظ آهن.

بريڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي هم آوازي لفظ پورا ڪريو.

(تول، هار، سياڻي، سوڪ)

(۱) روڪ، ٽوڪ ۽ ....

(۲) هوا، رَوا ۽ ....

(۳) چار، ڪار ۽ ....

(۴) راڻي، واڻي ۽ ....

(۲) ڪلاس ۾ جدا جدا وشين جهڙوڪ چرچا ڀڏائڻ، پروليون سلڻ، گيت ڳائڻ وغيره تي ڪچهري ڪرايو.

(۳) وڌيڪ ڄاڻ:

سنڌي لوڪ اَدب ۾ شاهه جو ست سورُ ميوُن ڏاڍي اَهميت رکن ٿيون. شاهه عبدل لطيف ڀٽائي، سنڌي ٻوليءَ جي ناماري شاعر اِنهن سورمين جو ذڪر ”شاهه جو رسالو“ ۾ بهترين نموني پيش ڪيو آهي.

اِهي ست سورميون آهن.

(۱) مارئي

(۲) مومل

(۳) سُسئي

(۴) سُهڻي

(۵) ليلان

(٦) نوري

(۷) سورٺ

(۴) سنڌي لوڪ اَدب: لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت، لوڪ پروليون، لوڪ ناچ، لوڪ ڪلائون، لوڪ ناٽڪ اِنهن بابت وڌيڪ ڄاڻ، اِنٽرنيٽ تي هيٺ ڏنل جڳهه تي وڃي، حاصل ڪريو.

**Sindhi Folk Lore - wikipedia**

## خاص چاڻ

سنڌي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جو اَثر ٿيو آهي. سنڌيءَ ۾ هڪ طرف قديم ٻولين (سنسڪرت) پالي، پراڪرت، اَپڀرنش، جا ٻوليا هوبهو شڪل ۾ يا ترجمي جي روپ ۾ ملن ٿا ته ٻئي طرف هاڻوڪين پاڙتي ٻولين (هندي، اُردو، پنجابي، راجستاني وغيره) جا ٻوليا به ساڳي شڪل ۾ يا ڪي قدر بدليل شڪل ۾ عام ٿي ويا آهن.

اَچو ته اَهڙن ٻوليڪن جو لطف وٺون:-

**الف: سنسڪرت**

(۱) يٿا راجا تٿا پرجا

(جهڙو راجا، تهڙي پرجا)

(۲) يٿا لاڀ سنتُشٽ

(جيڪي ملي، تنهن ۾ راضي هجي.)

(۳) جنني جنم ڀومشچ سورگا ردپي گريييسيءَ

(ماءُ جنم ڀومي بهشت کان به وڌيڪ پياري آهي.)

(۴) يٿا ڪرنٽ، تٿا ڀنڪتي

(جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي)

**(ب) (۱) پالي پراڪرت - اَپڀرنش**

**پالي :** آرو ڳيمو اِڇو پر من چ لاڀن (اِڪ تندرستي هزار نعمت)

(۲) **پراڪرت:** نه هُه ڏجئه تالي ڏيهرچ ائڪين هٿين (هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهي.)

(۳) **اَپڀرنش :** ڪري ڪنڪڻُ ڪِ آرسي ڏيسئي؟

(هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ ۾ ڇو ڏسجي.)

**(پ)** عربي فارسي

(۱) **عربي:** اِلتعجيل عمل اِلشيطان

(تکڙ ڪم شيطان جو)

(۲) **فارسي :** دو برادر سيوم حساب

(ڀاءُ ڀائر ٽيون ليکو.)

QTH1G7

# ١٠. تون چا لاءِ اُداس؟

هري درياڻي ”دلگير“ (جنم ١٩١٦ع) بزرگ شاعر ۽ تعليمدان آهي. هن جدا جدا وشين تي شعر لکيا آهن. کيس ساهتيہ اڪادمي ۽ جو اِنعام مليو آهي.
هن شعر ۾ شاعر سمجهائي ٿو اسان کي جيون ۾ نراس ٿيڻ نہ گهرجي.

**پڙهو. ڳايو ۽ سمجهو.**



تون چا لاءِ اُداس ؟ او دل
تون چا لاءِ اُداس؟

سج ۽ چنڊ اَچا ٿا چمڪن، چمڪن ٿا تو لاءِ،
ننڍڙا ننڍڙا تارا ٽمڪن، ٽمڪن ٿا تو لاءِ.
ديپ جهلي بيٺو آ تو لاءِ اونده ۾ آڪاس.
تون چا لاءِ اُداس..... او دل؟

گُل ڦُل اَڄ پيا ناچ نچن ٿا، ناچ نچن تو لاءِ،
عطر پريل شيشَن کي کولي، هير اَچي تو لاءِ،
خوشبوءِ جي ڏارا ۾ وهنجي، سُرها ڪر تون ساس.
تون چا لاءِ اُداس..... او دل؟



چنچل لهرون ڪيئن نہ ڪنارن سان ٽڪر ڪائين.
ٽڪر ڪائي، اَڳتي وڌنديون، گيت مٺا ڳائين.
لهر جيان هَلُ تون پي نچندو، جهومي دل جي آس.
تون چا لاءِ اُداس..... او دل؟

اونده ۾ ڇو گهبرائين تون، رات ٽٽي بس جاڻ.
جاڻ شفق تي لالي چانئي، باڪہ ڦُٽي بس جاڻ.
آءُ تہ گيت پرهہ جا ڳايون، آس ۾ جيون راس،
تون چا لاءِ اُداس..... او دل؟

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| اُداس = مايوس | ڏيپُ = ڊيڄ | عطر = خوشبوءِ دار شيءِ |
| هيرَ = ٿڌي هوا | وَهنجي = سنانُ ڪرڻ | سُرها = سُڳنڌي |
| ساس = ساهُ | چَنچلُ = ڪيچلِي | ڌُتي = ختم ٿي |
| ڄاڻُ = اِجهو | پرهِ = پرڀاتِ | باکَ ڦُٽڻ = صبح ٿيڻ |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) سِجُ ۽ چَنڊ ڪنهن لئه ٿا چمڪن؟

٢) ننڍڙا تارا ڇا ٿا ڪَنِ؟

٣) ڪيرُ ناچَ نچي ٿو؟

٤) هيرَ ڇا ڪندي ٿي اَچي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) اونده مٽائڻ لاءِ آڪاس ۾ ڇا ڇا ٿو ٿئي؟

٢) ساس سُرها ڪيئن ٿا ٿين؟

٣) لهرُنِ بابت شاعر جا چيو آهي؟

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) ڏيپ جهلي بِينو آ تو لاءِ اونده ۾ ...................... .

٢) ...................... پريل شيشنِ کي کولي، هيرَ اَچي تو لاءِ.

٣) ڄاڻُ شفق ٿي ...................... ڇانئي، باکَ ڦُٽي بَس ڄاڻ.

**سوال ٤: بيت جي آڏار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) سَجُ ۽ چَنڊُ .................................. ٽِمڪَن ٿا تو لاءِ.

٢) گُل ڦُل .................................. اَچي تو لاءِ.

٣) چنچل لهرون .................................. گيت مِٺا ڳائين.

**سوال ٥:** (الف) 'چمڪن' ۽ 'ڳائين' جا هم آوازي لَفظِ ڳولهي لکو.

(ب) 'چ' سان شروع ٿيندڙ ٿي لفظ لکو.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪم.

گُل ڦُلُ اَچ ٻہ ناچ نچي تو............................................................ جهومي دل جي آس

(i) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو:

| نچندڙ | بدبوءِ جو ضد | ٿڌي هوا | خوشبوءِ دار پاڻيٺ |
|---|---|---|---|
| | | | |

(ii) چوڪنڊا پورا ڪريو:

(١) اِنسان جهومندو هلي [ ] جيان.

(٢) اِنسان پنهنجا ساهہ، سڱنڌي ٻٽائي [ ] جي ڏارا ۾.

(iii) لهرن جي ”تڪليف“ ۽ ’ترقي‘ جو بيان ڪريو.

(iv) برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو:

(گُل ڦُل، هير لهرون)

(١) نچندڙ = ...............................

(٢) ڪنارن سان ٽڪر ڪائيندڙ = ...............................

(٣) عطر ڀريل شيشا ڪوليندڙ = ...............................

(٢) هيٺ ڏنل جملن سامهون شفي ويچار ڏارا (Positive Thinking) يا نفي ويچارڏارا (Negative Thinking) لکو:

| جملو | شفي ويچارڏارا / نفي ويچارڏارا |
|---|---|
| (١) اَسان کي قدرت مان سبق سکڻ گهرجي. | |
| (٢) اَسان کي پنهنجي محنت تي ڀروسو هئڻ گهرجي. | |
| (٣) ڪامياب ماڻهو غلطين مان سکي اَڳتي وڌندا آهن. | |
| (٤) راجيش آرسيءَ ۾ عکس ڏسي چوندو آهي واهہ قدرت جي بهترين ’رچنا‘! | |
| (٥) هريش چيو، ”دير تي وئي آهي، ڳاڏي اَصل نہ ملندي.“ | |
| (٦) ڪي ماڻهو ناڪاميابيءَ ۾ تمام اُداس ٿي ويندا آهن. | |

## پاڻ ڪريان پاڻ سکان

**ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو:-**

اَسانجو ڀارت ديش اَنيڪتا ۾ ايڪتا جو پرتيڪ آهي. هتي ڪيترن ئي ڌرمن ۽ جاتين جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا. هيٺ اَلڳ اَلڳ جاتين ۽ ڌرمن جا گرنٿ ڏنا ويا آهن. اُنهن گرنٿن مان توهان کي ڪهڙن گرنٿن بابت خبر آهي؟ ڪنهن به هڪ گرنٿ بابت ڄاڻ لِکو.




**ڪڇ ڪلا**



ڪڇ (گجرات) جي ڪلا مشهور آهي. اُن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو:-

# ١١. سورَٺ

مينگهراج گرناڻي تان سنڌي ٻولي، سنگيت، ناٽڪ ۾ گهري رُچي رکندڙ هن صاحب جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. ’سنڌي اڪادمي دهلي ۽ ٻين اِدارن پاران انعام عطا ٿيل اَٿس. هن سبق ۾ سنڌ جي مشهور لوڪ ڪهاڻي`` ’’سورٺ راءِ ڏياچ`` کي انوکي ناٽڪي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ٻڌو ۽ پڙهو.



(اِسپاٽ جي روشني سورٺِ جي مَٿان ٿي پوي. هوءَ ڪنڌُ جهڪائي ويٺي آهي. ڏيرِي ڏيري ڪنڌ مٿي ڪڻندي ٿي وڃي. سورٺِ اُٿي ٿي.)

عورت ڪهڙي به اوُچي پدويءَ تي ڇو نہ هُجي، هُن جو ڪيترو به رُتبو ڇو نہ هجي، پر هُن کي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جو حق مردن ڪڏهن به نہ ڏنو آهي. عورت لاءِ فيصلو هميشهہ مرد ئي ڇو ڪندو آهي؟ ڪڏهن پيءُ بڻجي، ڪڏهن پاءُ بڻجي، ڪڏهن گهوٽ بڻجي تہ ڪڏهن پُٽ بڻجي.

(سورٺِ مُنهن ڦيرائي درشڪن ڏانهن پُٺي ڪري، ٻوڙي پليٽفارم تي چڙهي ٿي. ٻنهي پاسن کان نيري روشني سورٺ تي پوي ٿي، ٻئي ٻانهوُن مٿي ڪري سورٺ چوي ٿي.)

هاءِ ڙي عورت تنهنجو نصيب... ۽ هاءِ ڙي وڌاتا تنهنجو انصاف. ديويون تہ سدائين عورت جي روپ ۾ آيون پر وڌاتا؟..... وڌاتا تہ جِنس مذڪر ئي رهيو ۽ عورت سان بي انصافي ٿيندي رهي آهي!

(ڇوندي ڇوندي سورٺِ پُٺيِ وَرائي مُنهن درشڪن ڏانهن ٿي ڪري)

مان سورت آهيان... راجا راءِ ڏياچ جي راڻي... راجا راءِ ڏياچ راءِ ڏياچ؟.... (ڪِلي تي) جهونا ڳڙهه جو راجا... گرنار جبل تي جنهن جو محل... ڪوبه دُشمن جنهن تي فتح پائي نه سگهيو...!

(تڏو ساهُه تي ڪٽي)

شاديءَ ڪان اڳُ جڏهن مون کي پتو پيو ته راءِ ڏياچ سنگيت جو بيحد شائق آهي، اَصُل ديوانو آهي. هُن جي ديوانگيءَ جا ڪيترائي قصا منهنجي ڪنن تي پيا، تڏهن مون پنهنجيءَ ماءُ کي چيو... مون کي هُنَ سان شادي نه ڪرايو. جيڪو سنگيت جو ايڏو ديوانو آهي، اُهو ڪهڙو راجا هوندو! مون پنهنجيءَ ماءُ کي ته ضد ڪري مڃائي ورتو، پر منهنجي پيءُ... منهنجي پيءُ ته اصل نه مڃيو. منهنجي پيءُ جو ته پارو ئي چڙهي ويو، اَصل تپي باهه ٿي ويو. منهنجيءَ ماءُ کي چيائين - ڌيڻين کي سمجهائي ڇڏ، پنهنجي نصيب کي ٺوڪر نه هڻي. راءِ ڏياچ جو ڪيڏو نالو آهي... هيڏي وڏي گهراڻي ۾ شادي ٿي ٿئيس... چپ چاپ شادي ڪري وڃي ۽ عيش سان رهي.

(تڏو ساهُه تي ڪٽي)

ڪاش! راجا اَنيراءِ ڪامياب وڃي ها، پنهنجي راڻي بڻائي ها ته هيءُ ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.

(اَندر جو آواز) ڇَرِي تي آهين؟ هيءُ ڇا ٿي سوچين؟ پنهنجي سرتاج، پنهنجي جهوناڳڙهه جو ٻُرو ٿي سوچين؟... تون ڪير آهين... ڪير آهين تون؟ اوهه! ضمير... تون چُپ ڪر... تون جاڳندو آهين ته اَسان جي ننڊ حرام ڪندو آهين. تو سدائين اِنسان کي ڪمزور ڪيو آهي. تون ئي ٻُڌاءِ، مان جيڪڏهن پنهنجي ڀَلي بابت ٿي سوچيان، ته اُن ۾ ٻُرو ڇاهي؟ غلط ڇاهي؟ عوّرت کي هميشهه رُڳو پنهنجي گهوٽ - ٻارن، ڪٽنب يا ديش جي ڀلي بابت ئي ڇو سوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڀلي بابت ڇو نه سوچي؟ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي ڀلي بابت نه سوچيندي ته ڪير سوچيندو؟ ڪڏهن ڪنهن عوّرت جي ڀلي لاءِ سوچيو آهي؟

(ٿورو ترسي)

راءِ ڏياچ منهنجي باري ۾ سوچيو؟ منهنجو گهوٽُ هئو؟ اگنيءَ جي سامهون وچن ڏنا هئائين، هُن منهنجي چنتا ڪئي؟ هُن کي پنهنجي وچن جي چنتا هئي... پنهنجيءَ ناموس جي چنتا هئي... هُن کي ناماچارُ ڪيڏٺو هو... مون ڪين ڪيترو سمجهايو، منهنجي مڃو. هِنَ چارڻ کي مٿي محل ۾ نه گهرايو، ڀلي هيٺ ئي وينو سُرندو وڃائي. توهان کي سنگيت سان چاهُه آهي نه، ته سندس سنگيت ٻُڌي آنند ماڻيو. خبر ناهي ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ سندس منشا ڪهڙي آهي؟ اَلائي ڇو آيو آهي؟ پر نه. راجا جو هوڏُ هو. مرد جو هَٺُ، مُڙي ته ڪَنڌُ نه ڪِري پوندو. چوڻ لڳو: هُن جي مڌر سنگيت اَسان کي موهي ڇڏيو آهي. هن ڪان اڳ ۾ اَسان ڪڏهن به اهڙو مِٺو سنگيت نه ٻُڌو آهي، جيڪو روح ۾ پيهي وڃي! ته پوءِ مٿي ويهي ٻُڌو. هتي محل ۾ ويهي سنگيت جو مزو ماڻيو... هُن کي مٿي محل ۾ گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

... نه اَسان هُن کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ ٿا چاهيون ته اهڙو ڪهڙو ساز آهي... معلوم ڪرڻ ٿا چاهيون ته اُهو ساز جو ڪمال آهي يا هُن جي آڱرين ۾ ڪو جادوُ آهي.

... ائين نه ڪيو. منهنجي ڳالهه مڃو. مون کي ڊپ ٿو ٿئي. منهنجي ڏائي اَکِ ٿي ڦڙڪي... مون کي



سوڻ سُنا نٽا لڳن.

... ها ها ها...  سُنا سوڻ! سوڻ چا ٿيندا آهن؟ تون ڪڏهن کان اِن ۾ وشواس ڪرڻ لڳي آهين؟ ها ها ها...

(ٿوري خاموشي)

مرد جو اَهنڪارُ ڪٿي ويو. اَبلا عوَرت هارائي ويئي. نہ مڃي نہ مڃيائين. منهنجي ڏرَنِ ڪَنبڻ لڳي هئي. پروُن پوڻ لڳا، نيٺ پيچل متي محل ۾ آيو. راءِ ڏياچُ هُن کي پنهنجي سامهون وهاري، هُن جي سنگيت تي جهوُمندو هئو. اُهو سنگيت جيڪو شروع ۾ مَڌرُ لڳندو هئو، روُح ۾ رَچي ويندو هئو، سو آهستي آهستي زهَرِ ٻڻجي نَسَنِ ۾ دوڙڻ لڳو. ٿڪندڙ ٿامي جيان رڱِنِ کي جَلائي رهيو هئو. منهنجي تہ راتين جي ننڊَ حرام ٿي ويئي. مونکي لڳو جيڪڏهن ائين هلندو رهيو، جيڪڏهن چارڻ راءِ ڏياچ کي سنگيت تي ريجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ راءِ ڏياچ جي درياه دلي جو فائدو وٺي ڪو اُبتو سُبتو وَچن وٺي چڏيائينس تہ اَنرٿ ٿي ويندو اَنرٿُ ! اِن اَڻ ٿيڻيءَ کي روڪڻ لاءِ مون بهاني سان چارڻ کي پنهنجي محل ۾ گهرايو.

(ٿوري خاموشي)

... تنهنجي زال تہ لالچ ۾ اَچي هيرن جواهرن جو ٿالُ قبول ڪري وچن ڏنو، پر تون تہ سياڻو آهين، سمجهوُ آهين... مان توکي اَنيراءِ کان وڌيڪ هيرا ۽ جواهر ڏيڻ لاءِ تيارُ آهيان... هان وَٺُ... هيءَ وَٺُ... جيتري وٺيئي

دؤلت ڪڻ، هيرا، جواهر، موتي، ماڻڪ...!

... مان پنهنجي وچن ڪي پاڙي ڏيڻ آيو آهيان.

... وچن...؟ پر وچن تہ تنهنجيءَ زال ڏنو آهي...

تو تہ ڪونہ ڏنو آهي... تون اُن سان ٻَڌلُ ناهين...

ڦِري سگهين ٿو... اَنيراءِ بہ تہ توکي دؤلت ئي ڏيندو نہ...؟ اُها مان...

... مان نٿو ڦري سگهان وچن تان... اَسان جي سڄي ڪٽنب جي زندگيءَ جو سوال آهي... راجا انيراءِ اسان سيني کي جيئرو رهڻ نہ ڏيندو.

... توکي جيتري دؤلت کپي تون ڪَٺ ۽ هِتان هليو وَڃ، ڪنهن ٻئي مُلڪ ۾ وڃي رَهُہ... اَنيراءِ کي پتو بہ نہ پوندو... بس، منهنجو سُهاڳ بخشي ڏي. بِيجل ... ! بِيجل!

(بيجل وڃي ٿو، سورٺ اُن جي پنيان وڃي ٿي، ڪن ڪان پوءِ مُڙي درشڪن ڏي نهاري...)

... بيجل تہ پنهنجو سُرندو ڪڍي چپ چاپ هليو ويو. هوڏانهن راءِ ڏياچ پنهنجيءَ هوڏ تي هئو. مُنهنجو روحُ ڪنبڻ لڳو هئو. مَن ۾ مانڌاڻ متل هئو. هُن جي سنگيت ۾ سچ پچ ڪو جادو هئو... سچ پچ ڪو جادوُ هئو... جادوُ هئو...

(سنگيت هلندو ٿو رهي... سورَٺ وِچ تي گولُ ڦري ڪِري ٿي پوي. سنگيت هلندو ٿو رهي. ٿوري خاموشي... سورِٺ اُٿي ٿي.)

جڏهن جڏهن هُن جي سنگيت جو پَرلاءُ مُنهنجن ڪَنَنِ تي پوندو هئو تہ منهنجو مَنُ بيچئن ٿي ويندو هئو. اَٽٽيڪيءَ جو انديشو ڪائيندو رهندو هئو. ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ ڇا ڪيان؟ تڏهن مون کي لڳو تہ اُها لالچي عؤرت، بيجل جي زال شايد وڪڙ ۾ اَچي وڃي، پر مون پهرين پنهنجيءَ داسيءَ کي موڪلي بيجل جي ماءُ کي محل ۾ گُهرايو.

اچي وَئيئن... اچ اچ... ويهُہ... اڙي پٽ تي ڇو ويهي رهيئن؟

(سورِٺ باڪس تي ٿي وهي)

تون عؤرت آهين، سُهاڳ جي اهميت سمجهي سگهين ٿي ۽ ڏُهاڳ جو درد بہ سمجهي سگهين ٿي. تون پنهنجي پُٽ کي سمجهاءِ... هُن کي سمجهاءِ... توکي جيتري دؤلت کپي، مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پُٽ تہ ماءُ جي ڳالهہ ضرور مڃيندو... ڇا چِيَئہ...؟ بيجل تنهنجو پُٽ ناهي؟ ڇا ٿي چوين؟ توکي خبر ناهي؟ اُف... او... ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين؟ ڇا چيئہ؟ توکي درياهہ شاهہ ڏنو آهي! پرولين ۾ نہ ڳالهہ... مان تہ چري ٿي پونديس. پاڙيءَ ۾ ترندي هڪ توڪري توکي ملي؟ اُن ۾ ننڍڙو جاوَلُ ٻار هئو؟ اِهو بڌاءِ، ٻارَ کي پلا ڪا نشاني هئي؟

ياد ڪر...! اُهو لاڪيٽ ڪٿي آهي؟ گهر ۾ پيو آهي. جلدي وَڃُ... ڪٽي اَچُ... اُهو لاڪيٽ. اَئين نہ ٿئي

جو جوتشيءَ جي پيشنگوئي سچي ثابت ٿئي...

(سورت ڪجھ دير ڦيريون پائي ٿي)

پڳوان ڪري ھن پيري جوتشيءَ جي اڳڪٿي ڪوُڙي ثابت ٿئي... اَچي وَئيئن؟ اڄ ڪٿي آھي اُھو لاڪيٽ؟ مونکي ڏي...

(وني ٿي ۽ لاڪيٽ کي ڏسي رَڙ ٿي ڪري.)

آھ... ھاءِ ڙي قسمت... تون مون تي مهرباني ڪر. ٻيجل کي ڪنھن به ريت سمجھاءِ... سمجھاءِ ھُن کي... ھُن کي خبر ناھي تہ ھوُڪھڙو قهر ڪرڻ آيو آھي؟... پنھنجي مامي جو سِرُ وٺڻ آيو آھي... پڳوان جي نالي اِھو ٿورو ڪَرِ... ٿورو ڪر...

(وِنگس طرف وڃي ٿي... موٽي ٿي اَچي)

مون ڪيس آزيون نيزاريون ڪيون، ڏن دؤلت جي لالچ ڏني، پر سڀ وئرٿ ويو. منھنجون سڀ ڪوششون ناڪامياب ٿيون ۽ منھنجي ٻيچيني وڌندي ويئي... وڌندي ويئي.

(سنگيت ھلندو ٿو رھي. سورتِ گول گول ڦرندي ويھي ٿي رھي. ڪن پل ڪان پوءِ اُٿي ٿي)

انيراءِ! جيڪڏھن مون کي حاصل ڪرڻ جو ايڏو چاھہ ھيئہ، ايڏو تڙڦئين ٿي، تہ جھوناڳڙھ تي فتح حاصل ڪرين ھا... گرنار جو قلعو فتح ڪري، مون کي حاصل ڪرين ھا، تہ مان تنھنجي بھادُري تان شايد قربانُ ٿيان. اي بُزدل ! ڪائرن وانگر راءِ ڏياچ جي ڪمزوريءَ جو فائدو وني. ھڪ چارڻ کي ڍال بڻائي، پنھنجو بدلو وٺڻ ٿو چاھين؟ لعنت آھي توتي... جيڪڏھن تون پنھنجي ارادي ۾ ڪامياب وئين بہ ڪٽي، تڏھن بہ تون مون کي حاصل ڪري نہ سگھندين، ھرگز حاصل نہ ڪري سگھندين.

(سنگيت ھلندو ٿو رھي، سورت گول گول ڦرندي ٿي رھي... ونگس مان ٻنھين پاسن کان آواز ٿو اچي)

(آواز) راءِ ڏياچ سِرُ ڏيئي ڇڏيو... راءِ ڏياچ سِرُ ڏيئي ڇڏيو...

(سورت رَڙ ڪري پَٽ تي ويھي ٿي رھي... ڏھلن نغارن جو آواز وڌندو ٿو وڃي ۽ ويجھو ايندو ٿو وڃي)

ھيءَ آواز ڇا جو آھي؟ ڏُھل دماما ڇو ٿا وَڄن؟ (سورت اُٿي ٿي. ھڪ پاسي ونگس طرف وڃي واپس موٽي ٿي. ٻئي پاسي ٿي وڃي. وري موٽي ٿي.)

اوھان ڪير آھيو...؟ توھان ڇو آيا آھيو؟... مون کي وٺڻ آيا آھيو...؟ نَہ نَہ... نَہ نَہ. مان سَتي نہ ٿينديس... سَتي ڇو ٿيان؟ اھو ھُن جو پنھنجو فيصلو ھو، منھنجو فيصلو ڪونہ ھو... مون تہ ڪيس سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي. بچائڻ جي ھرڪا ڪوشش ڪئي. ھڪ معمولي چارڻ ۽ سندس ماءُ کي آزي نيزاري ڪئي، نہ تہ ھُن جي ڪھڙي ھستي... تڏھن بہ مون اِھو بہ ڪيو. ھُن کي پنھنجو وچن پيارو ھو. ھُن کي ناماچار ڪپندو ھو... تہ مان ڇا ڪريان...؟ مان ڇو سَتِي ٿيان...؟

(سورت مَنچ جي پوئين حصي تي وڃي، درشڪن ڏي پُٺي ڪري، ٻئي ٻانھون مٿي ڪري ٿي بيھي،

(تڏهن آواز ٿو اچي)

”آيو ڪهڙي پارَ کان، سُرندو ساڻ ڪري،

سنگيت جي تلوار سان، وِيڙو وِئلُ ڪري.“

(روشني جهڪي ٿيندي ٿي وڃي. سائڪلوراما تي ڳاڙهي روشني ڦهلجي ٿي وڃي.)

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| پدوي = عُهدو | رُتبو = مرتبو | شائق = شوقين |
| پارو چڙهي وڃڻ = ڪاوڙجڻ | ناموُس = سارا‍ھ | منشا = مُراد |
| سوڻُ = سُڳڻُ | هوڏ = ضِدُ | مانڌاڻ = بکيڙو |
| پيشنگوئي = اڳڪٿي | فتح = جيتُ | لعنت = ڦِٽڪار |
| آزي نيزاري = مِنٿُ | ناماچارُ = سارا‍ھ | پارَ = طرف |
| وِئلُ= آفت، شامت | | |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) عوَرت کي فيصلا پاڻ ڪرڻ جو حق ڪنهن نہ ڏنو آهي؟

۲) ڪهڙن روُپَن ۾ مرد عوَرت جا فيصلا ڪندو آهي؟

۳) سورٺ ڪير هئي؟

۴) سورٺ جي شاديءَ بابت سندس پيءُ هِن جي ماءُ کي ڇا چيو؟

۵) ٻيجل کي سورٺ ڪيئن للچايو؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) راءِ ڏياچ بابت اوهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟

۲) ٻيجل بابت سندس ماءُ سورٺ کي ڇا چيو؟

۳) راجا انيراءِ بابت هن ناٽڪ ۾ ڇا چيل آهي؟

۴) سورٺ ستي ٿيڻ ڇو نہ ٿي چاهيو؟

**سوال ۳: ڪنهن جي واتان چوايل لفظ آهن، لکو.**

۱) ڪاش! راجا اَنيراءِ ڪامياب وڃي ها، پنهنجي راڻي ٻڌائي ها تہ هيءُ ڏينهن ڏسڻا نہ پون ها.“

۲) ”هُن جي مڌر سنگيت اَسان کي موهي ڇڏيو آهي.“

۳) ”ها... ها... ها... سُنا سوڻ! سُوڻ ڇا ٿيندا آهن؟

۴) تون ڪڏهن ڪان اِن ۾ وشواس ڪرڻ لڳي آهين؟ ها... ها... ها..

۵) ”مان پنهنجي وچن کي پاڙي ڏيڻ آيو آهيان.“

٦) ”تون عورت آهين، سُهاڳ جي اهميت سمجهي سگهين ٿي، ۽ ڏُهاڳ جو درد بہ سمجهي سگهين ٿي.

**سوال ۴: (الف) ضد لکو.**

روشني، حَرامُ، ڪمزور، ٻُرو، فائدو، جيئرو

**(ب) هيٺين لفظن جا اسم ذات روُپ لکو.**

ڪامياٻُ، ٻُرو، مَدَرُ، سوچڻ، سمجهو، بخشڻ

**(ب) هيٺين لفظن جا صفتي روپ لکو.**

نصيب، گهوٽُ، اَهنڪارُ، هوڏ، دؤلت، فتح

**(پ) معنيٰ ڏيئي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

مُنهن ڦيرائڻ، پارو چڙهي وڃڻ، نند حرام ڪرڻ، روُح ۾ پيهي وڃڻ، مانڌاڻُ مَچڻ، سِرُ ونڻ، آزي نيزاري ڪرڻ.

## پورڪ اَڀياس

(۱) ٽڪر تي عملي ڪم

راڄ ڏياچ منهن جي باري ۾ سوچيو ............................ محل ۾ گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

(i) هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ٽُڪر مان چوندي لکو:

(۱) پنهنجي نالي جي ڳُٽي هُئس

(۲) پر اِهو تہ راڄا جو ضِد هو.

(۳) شاديءَ وقت اَنجام ڪيا.

(۴) هن جو سنگيت تہ دلڪش آهي.

(ii) هيٺ ڏنل جملن کي سوالي روپ ۾ لکو:

(۱) راڄا جو هوڏ هو.

(۲) هُن کي پنهنجي وچن جي چنتا هئي.

(۳) اَڱنيءَ جي سامهون وچن ڏنا هئائين.

(۴) محل ۾ ويهي سنگيت جو مزو ماڻيو.

(iii) راڄ ڏياچ بابت چار جملا لکو.

(iv) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:

(۱) راڄا جو نالو = ..............................

(٢) هڪ سنگيت ساز = ......................

(٣) ڳانيون چاريندڙ = ......................

(۴) ’مراد‘ لاءِ لفظ = ......................

(٢) وڏيڪ ڄاڻ لاءِ

سُر سورٺ : داستان پهريون

شاهه جو رسالو : ڪلياڻ آڏواڻي

”متو متائين گهوريان، متو تو متاءِ
هڏو هي هَٿِ ڪري، جاڄِڪا! وَهلو جاءِ
تون سين اَنيراءِ، جمَ واڇا ۾ وِلهو وهين.“

راجا چوي ٿو، ”هي سر تنهنجي مٿان اُگهوڙي گهوري ڇڏيان. اي چارڻ، هي سڪٽو ڪپار هٿ ڪري، جلد روانو ٿيءُ. مٿان تون اَنيراءِ سان ڪيل وچن ۾ پالهو پوين (وچن نه پاڙڻ ڪري ڪانيارو ٿين)

## پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

١. برئڪيٽ مان مناسب اَکر چونڊي لفظ پورو ڪريو:-

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| (١) | ..... | س | م | | | (ڪ، ق) |
| (٢) | ٿ | وا | ..... | | | (ب،ٻ) |
| (٣) | ..... | هـ | ر | | | (ز،ظ،ذ) |
| (۴) | ٻا | ..... | شا | هـ | | (د،ڏ) |
| (۵) | ..... | ج | لو | | | (ت،ط) |
| (٦) | ب | ر | ..... | | | (ف،ڦ) |
| (٧) | ..... | مي | ن | | | (ز، ذ) |
| (٨) | خو | ب | ..... | و | رت | (س،ث،ص) |
| (٩) | اِ | ..... | تہ | يا | ر | (ڪ، خ) |
| (١٠) | را | ..... | ي | | | (ز، ذ، ض) |

QUESJH

٢. ٻن زخميل سپاهين وچ ۾ گفتگو لکو.

٣. هيٺين ٽپن مان آکاڻي ٺاهي لکو.

سمنڊ - ننڍيون مڇيون - وڏين مڇين ننڍين مڇين کي کائڻ - ننڍين مڇين ۾ هڪ سياڻي ننڍي مڇي - ننڍين مڇين جو گڏجي رهڻ - بچاءُ - خوش رهڻ - سِروءِ نصيحت

۴. پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي پنهنجي بهادريءَ جو قصو ٻڌائيندي خط لکو.

۵. پنهنجي اِسڪول جي هيڊماستر کي، ڀاءُ جي شاديءَ لاءِ موڪل گهرڻ لاءِ عرض ڪندي خط لکو.

٦. ’ٻه ته ٻارهان‘ ۽ ’جيڪو پوکبو سو لُڻبو‘ اِنهن وشين تي اُپٽار لکو.

# ١٢. عيب نہ ڏس

ٻُڌو. ڳايو ۽ سمجهو.

ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار،
پنهنجا عيب تون پيارا ويچار.
ٻين جا عيب جي ويچاريندين،
پنهنجي من کي تون ڪاريندين،
اوڳڻ تو ۾ ٿيندا اَپار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

جهڙو چنتن ڪري ٿو ڪوئي،
تهڙو ئي ٿو بڻجي سوئي،
ناحق پاڻ کي ڪر نہ خوار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

مينهن چوي ڳانءِ پڇ ڪاري،
پاڻ تہ آهي ڪاري ساري،
ڪر نہ تون اهڙي ڪا ڪار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

ڪين کي ڪڻ تون آڱر ڪنهن تي،
ٻيا ڪڻندا هٿ پيارا توتي،
پهرين پنهنجو پاڻ سڌار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

اوڳڻ ڪان ڪو آجو ناهي.
هرڪنهن ۾ ڪو ڪو ڳڻ آهي،
”آشا“ ڳڻ ڳراهڪ ٿي ڳذار.
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

**نوان لفظ:**

عيب = اوڳڻ
چنتن ڪرڻ = گهڻائيءَ سان ويچار ڪرڻ

آجو = ڇُٽل

اَپار = گهڻائي / بي حد

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) شاعر هن ڪويتا ۾ ٻين جي عيبن ڪان پري رهڻ لاءِ ڇو ٿو چوي؟
٢) شاعر مينهن ۽ گاںءِ جو مثال ڏيئي ڪهڙي سمجهاڻي ڏني آهي؟
٣) شاعر چنتن بابت ڪهڙو ويچار پيش ڪيو آهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) شاعر هن ڪويتا وسيلي انسان کي ڪهڙيون سهٽيون صلاحون ڏنيون آهن؟

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) ٻين جي ................ ڏي نہ نهار.
٢) ڀرين پنهنجو پاڻ ............... .
٣) ........... تو ۾ ٿيندا اَپار.
٤) ناحق پاڻ کي ڪر نہ ................

**سوال ٤: بيت ۾ ڏنل ٻن هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.**

## پورڪ اَڀياس

١) شعر بند تي مشغولي:

پنهنجا عيب ............................................................ ڪر نہ خوار

**هيٺيان پورا ڪريو:-**

١) اوڳڻ لفظ ۾ لڪل لفظ : ................................................
٢) ناحق لفظ ۾ لڪل لفظ : ................................................
٣) جهڙو جو هم آوازي لفظ : ................................................
٤) پاڻ جو ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ : ................................................
٤) خوار لفظ جي معنيٰ : ................................................

(٣) بيت مان توهان کي ڪهڙيون سٺون وٽيون ۽ ڇو؟ لکو.

QUNNL5

جلدي ! جلدي!

# اِشتهار

آخرين چار ڏينهن

اِستان
گٽيش ڪلا ڪريڊا گرائونڊ
سوار گيٽ
پڻي - ٤١١٠٠٦

وقت : صبح ٩ بجي کان شام ٦ بجي تائين

تاريخ: ١٥ فيبروري کان ١٨ فيبروري تائين

**٥٠% ڊسڪائونٽ**
**رانديڪا ۽**
**اِستيشنري اِستاڪ**
**ختم ٿيڻ**
**تائين**

چمنڊڙ ٻار کان ١٥ سالن جي ٻارن
لاءِ تمام سُٺا رانديڪا ۽ وندرائيندڙ
۽ دماغي شڪتي وڌائڻ
واريون رانديون



درجيدار ڪئالٽيءَ جو
اِستيشنريءَ جو سامان. ڪجهي
پڪي ۽ سُٺي جُلد وارا ڪتاب
ڪاپيون، ڊائريون، فائيل پينون،
پينسلون، رنگ جاميٽري باڪس ۽
اَڄان گهڻو ڪجهه .......

مشغولي : اِشتهار تيار ڪريو :-

١. سائنس نماءُ
٢. فوڊ فيسٽيول
٣. ڊراما چٽاپيٽي

# ١٣. صبر جنين جو سيگ تيِرُ نہ کُسي تن جو

شري پي. بي. راماڻي هڪ ليکڪ آهي جنهن پنهنجين رچنائن معرفت ٻارڙن جي ڪچڙين دلين تي سُٺا سنسڪار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
هن سبق ۾ ليکڪ ’صبر‘ جي اهميت سٺي نموني سمجهائي آهي.

**پڙهو ۽ سمجهو.**

دنيا ۾ هرڪنهن انسان جو سڀاءُ نرالو آهي. ڪو مانيٺو ۽ ٿڌو، تہ ڪو تکو ۽ ڪانڊي ٽپڻو. ڪنهن کي ڳالهہ ۽ تہ خوش ٿي ويهي ٻڌندو ۽ وري ڪو جهٽ ٽپي لوهہ ٿي ويندو. پر جو اِنسان پنهنجي ڪروڌ کي هٿ وس رکي ٿو ۽ وقت تي غم کائي وڃي ٿو، سو ئي صبر وارو سڏجي ٿو.

جي ڪو ڪنهن کي ڪجهہ ڳالهائي تہ اڳلي کي گهرجي تہ ڪوڙ ڪائي صبر اَختيار ڪري، پر جي ڪجهہ وڌيڪ وات مان ڪڍيائين تہ پوءِ مفت ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿي پوندو. ان لاءِ سياڻن چيو آهي تہ ”هوُ چونين، تون ۾ چؤ واتان ورائي ويڻ.“ جو جو تازي اَڪثر بہ هٿي وجندي آهي، جي هڪڙو طرف ماٺ رهيو، تہ پوءِ ٻيو بہ جڪ ماري ويهي رهندو. صبر ۽ تحمل ايمان جو چوڪيدار آهي، صلح ۽ آرام جو بچائيندڙ آهي، محبت کي قائم رکندڙ آهي، نماڻائي ۽ نياز سيکاريندڙ آهي. صبر جسم تي حڪم هلائي ٿو، روح کي طاقت ڏئي ٿو، طبعيت کي ٿڌو ڪري ٿو، ڪاوڙ کي گهٽائي ٿو ۽ حسد کي اُجهائي ٿو.

سقراط حڪيم جي ڳالهہ عالم آشڪار آهي، تہ ڪيئن نہ سندس زال هڪ ڏينهن مٿس حرفن جو ڏوڙيو وسايو، چاڪاڻ تہ هوءَ ڏاڍي ڏنگي هئي. مگر سقراط صبر جو سائين، چپ چاپ گهر کان ٻاهر نڪري آيو، سندس زال کي جو لڳي ڪاوڙ، تنهن ڪنو پاڻي کڻي اُڇلايس. پر هن شخص ماٺ ڪري ويني سنو. تنهن تي ڪن چيس تہ زال هينئن ويني تنهنجي آبرو وٺي، مگر تون کيس ڪجهہ چئي نٿو سگهين؟ چيائين ”اُڀ گجندو سو ضرور ڦاٽندو. جي مان کيس چوان ها تہ بکيڙو ٿئي ها“. صبر جو سواد ڏاڍو مٺو آهي. صبر جي اُبتڙ آهي ڏمر، جا هڪڙي باهہ آهي، جا پهريان ڪندڙ کي جيئي پوءِ ٻئي کي توَ ڏئي ٿي. ڏمر شيطان جو پاءُ آهي، جو ماڻهوءَ جو عقل ناس ڪري اهڙا ڪم ڪرائي ٿو، جنهن مان دنيا ۽ آخرت جو جوکو ٿئي ٿو.

مطلب تہ صبر هڪ اعليٰ چيز آهي، جا سڀ ڪنهن کي ڌارڻ گهرجي. انهيءَ صبر جي ڪريئي سپ ۾ موتي پيدا ٿئي ٿو، پر جي سپ صبر نہ ڌاري ۽ اُبهرائي ڪري، تہ هوند هڪ موتي نہ ٿئي. شاه صاحب بہ چيو آهي:-

”نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
صبر ۾ سو سک جي سنواريا سمجهين.“

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| ڪوڙ ڪائڻ = غم ڪائڻ | تحمل = نهنائي | اُڀ = آسمان / گگن |
| ڏمر = غصو | آخرت = پڇاڙي | اُبهرائي = تڪڙ |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اِنسان جي ڪهڙي قسمن جي سُياوَ جو ذڪر ڪيل آهي؟
٢) صبر وارو اِنسان ڪنهن کي چئجي ٿو؟
٣) سُقراط جي زال ڪاوڙ لڳڻ تي ڇا ڪيو؟
٤) صبر جي ڪري سِپ ۾ ڇا پيدا ٿئي ٿو؟
٥) هرڪنهن اِنسان کي ڇا ڏارڻ گهرجي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب تورڙي ۾ لکو.**

١) صبر مان ڪهڙا فائدا آهن؟
٢) شاهه صاحب قسم بابت ڇا چيو آهي؟

**سوال ٣: سمجهايو:-**

١) ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿيڻ.
٢) تاڙي اَڪثر ٻه هٿي وڄندي آهي.

**سوال ۴: هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

مٺو، ڏڌو، اِنسان، اعليٰ

## پورڪ اڀياس

**(١) تڪر تي عملي ڪم**

جي ڪو ڪنهن کي ڪجهه ڳالهائي ٿو...... دنيا ۾ آخرت جو جوکو ٿئي ٿو.

(i) مثال سمجهي چوڪنڊا پريو:

| | | |
|---|---|---|
| | | |
| جسم تي حڪم هلائيندڙ | صبر | |
| | | |

(ii) ڏمر مان ڇا نقصان لکو:

(iii) هيٺ ڏنل بيانن سان لاڳاپو رکندڙ پهاڪا ڳولهيو.

(۱) ساموهن وارو ڪجهہ نہ چوي، تون هن کي جواب نہ ڏئي.

(۲) بادلن جي گرجڻ سان آواز تہ ضرور ٿيندو.

(iv) هيٺ ڏنل بيان سامهون صحي لاءِ ✓ ۽ غلط لاءِ ✗ نشان پايو:-

| بيان | ✓ يا ✗ |
|---|---|
| (۱) صبر ۾ وڏي طاقت آهي. | |
| (۲) ڏمري ۽ صبر هڪ ٻئي جي اُبتڙ آهن. | |
| (۳) ڪمي ۽ سهي آڪاڻي ۾ سهي صبر ڏيکاريو. | |
| (۴) صبر سان ئي آسان ڪامياب تي سگهون ٿا. | |
| (۵) اَڻاين حالتن ۾ ڪاوڙ مددگار ثابت ٿئي ٿي. | |
| (٦) صبر صحت بڻائڻ ۾ ڪارگر آهي. | |

(۲) ڏنل سبق جو تاتپرج لکو.

(۳) خاص جاچ:

(۱) هيٺ ڏنل حالتن ۾ صبر تمام ڪارائتو رول اَدا ڪري ٿو:

- مقصدن تائين پهچڻ ۾.
- ڪنهن خاص وهنواري ڊگري (ڊاڪٽر، وڪيل) حاصل ڪرڻ ۾.
- ناميارو راندگير ٿيڻ ۾.
- سنگيت جو ساز سکڻ ۾.
- اوچتو ڪنهن دردناڪ حادثي ۾.
- بيماريءَ بعد نيڪ ٿيڻ ۾.

(۲) ڊاڪٽر ديال 'آشا' بہ

صبر بابت لکيو آهي.

- ترڪ کي توُن ترڪ ڪر، مان ۾ ويهي گُذار
- سانت ۾ صاحب ملي، سانت ۾ سائينءَ کي سار.
- مان جو ميوو منڙو، ڪاڙو آهي جن جن،
- اڳي پوءِ انهن جي، لوڪ تا جڻ جڻ ڪن.



# خط

## (دستوري خط جو نمونو)

تاريخ : ٢٥-٠١-٢٠١٨

صفائي عملدار،

ڪيترڙ ڪاريالي،

رام واڙي،

پڻي - ٤١١٠٠٦

وشيہ : مڇرن جو آزار دور ڪرڻ لاءِ درخواست

مانيور صاحب،

اَسانجي سڄي سن شائين ڪورٽ سوسائٽيءَ ۾ تمام گهڻا مڇر ٿي پيا آهن. توهان کي اِن ڳالهہ جي ڄاڻ آهي تہ مڇرن جي ڪري ڪيترين ئي بيمارين جهڙوڪ ڊينگو، مليريا وغيره ڦهلجي رهيون آهن.

توهان کي وينتي آهي تہ جلد اَز جلد اَسان جي سوسائٽيءَ ۾ دوائون ڇٽڪارائي مڇرن جو آزار دور ڪيو وڃي.

اَسين توهان جا تهدل شڪرگذار رهنداسين.

شيوا ۾،

ديپڪ آهوجا،

سيڪريٽري،

سن شائين ڪورٽ،

ڪلياڻي نگر،

پڻي - ٤١١٠٠٦

مشغولي : توهان جي ايراضيءَ جي نگر سيوڪ کي توهانجي سوسائٽيءَ ۾ پاڻيءَ جي اَڻاٺ دوُر ڪرڻ لاءِ خط لکو.



# خط
## (غير دستوري خط جو نمونو)

تاريخ : ٢٢-١٢-٢٠١٨

ڪمل جئسنگھاڻي،

گول ميدان،

اُلھاسنگر - ١

پيارا دوست گوتم،

اُميد تہ تون خوش مزي ۾ هوندين. مان بہ هتي بلڪل خوش چاڪ آهيان.

مون کي اِهو ٻڌي تمام گھڻي خوشي ٿي آهي تہ تو ضلع سطح تي باڪسنگ راند ۾ سونو ٻلو کٽيو آهي ۽ تنهنجي راڄيہ سطح لاءِ بہ چونڊ ٿي آهي. توکي لک لک ڪروڙ ڪروڙ واڌايون. تنهنجي گھر وارا بہ پڪ ئي پڪ تمام گھڻا خوش ٿيا هوندا. اَسان سڀني لاءِ بہ اِها فخر جي ڳالھ اهي.

توکي راڄيہ سطح تي کٽڻ لاءِ تمام گھڻيون شڀ ڪامنائون. روز صبح جو اُٿڻ شرط ايشور در پرارٿنا ڪندو ڪر ۽ ڪلپنا ڪندو ڪر تہ تو ضلع سطح تي بہ کٽيو آهي ۽ کٽڻ لاءِ اُن سان گڏ راند جو چڱيءَ طرح اَڀياس ڪندو ڪر.

تنهنجي ماتا پتا صاحب کي منهنجي طرفان نمستي ڏجانءِ. ننڍڙي پيڻ جوتيءَ لاءِ تمام گھڻو پيار.

خط لکندو رهجانءِ.

شيوا ۾
گوتم
ساڌو واسواڻي نگر،
ٿاڻا،
ممبئي.

مشغولي : پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي ڪثرت جي اَهميت بابت خط لکو.

ڏسو. جاچيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو.

## ڏڻ



## ڀاڄي مارڪيٽ



- ڪنهن بہ هڪ ڏڻ بابت ڄاڻ لکو.
- ڀاڄي مارڪيٽ ۾ اَڌ ڪلاڪ تي مضمون لکو.
- ڀاڄي مارڪيٽ ۾ گراهڪ ۽ ڀاڄيءَ واري جي گفتگو لکو.

# ١٤. ٽِفن وارو

شريمتي سروج گوپال پارواٽي ڪيترين ئي روچڪ ڪھاڻيون، ڪوتائون ۽ ليک لکيا آھن. ’ڪونج‘ ڪتاب تي NCPSL جو انعام مليل اَٿس. ’نيٺ مولي جي شادي ٿي‘ ڪتاب کي ذھين پاڙھڪن به ساراھيو آھي.
ھن سبق ۾ سمجھايل آھي ته محنت، لگن ۽ اُورچائيءَ سان جيون ۾ ڪيئن اڳتي وڌي سگھجي ٿو.

**پڙھو ۽ سمجھو.**



اڄ ديپڪ جي اسڪول ۾ ساليانو جلسو ھو، ديپڪ ڏاڍي اتساھ ۾ ھو جو استاد سندس چونڊ ڪئي ھئي ته ھو خاص مھمان جي آجيان ڪندو ۽ پنھنجي منڍلي سر ۾ سواگت گيت ڳائيندو. ھن پنھنجي اڇي ڊريس رات جو ئي سني نموني ڌوئاري ڇڏي ھئي. صبوح جو سويل اٿي ھن پنھنجو بوٽ پالش ڪيو ان کان پوءِ استري ڪٽي گرم ڪئي ۽ ڊريس تي ڦيرڻ لڳو. سندس دماغ ۾ جلسي جي رونق جا نظارا ڦرڻ لڳا. ھن پنھنجي تصور ۾ ڏٺو ته سڄو ھال آيل مھمانن ۽ اِسڪولي ٻارن سان ڀريل آھي. ۽ ھو مٺي سر ۾ گيت ڳائي رھيو آھي، گيت پوري ٿيڻ تي ھڪ تاڙين جو زوردار نھاڪو ٿئي ٿو ۽ ھو ٻوڏ ۾ پرجي وڃي ٿو.

خاص مھمان پنھنجي مالھا ديپڪ جي ڳچيءَ ۾ وجھي سندس ساراھ ڪندي چئي رھيو آھي ديپڪ ھڪ ڏينھن وڏو گايڪ ٿيندو ۽ خاص مھمان جڏھن کيس ڀاڪر پائي ٿو ته ھو ھن کي پيري پوي ٿو. ممي‌ءَ کيس خيالن مان جاڳائيندي چيو، ”پٽ ڊريس ته سويل پريس ٿي ويئي اٿيئي تون اڃا ڇا وينو ڪرين؟“ ديپڪ خيالن مان جاڳيو سندس ھٿ لائيٽ جي سئچ طرف وڌيو ته ممي‌ءَ چيس، ”پٽ سئچ ته مون سويل بند ڪري ڇڏيو آھي نه ته شايد تنھنجي ڊريس به سڙي وڃي ھا.“




ديپڪ جلد تيار ٿي، اِسڪول اَچي پهتو.

پوري ٻارهين بجي اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ ڪار گهڙي، ۽ ان مان لٿو هڪ سهڻو سادو ۽ ناهوڪو جوان، هيڊ ماستر ڪيس عزت سان هال ۾ وٺي آيو. اسٽيج تي، پهچي هن سيني کي نمسڪار ڪيو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو.

ديپڪ هڪوار وري خيالن جي دنيا ۾ پهچي ويو. ڪيس هيءُ چهرو جاتل سڃاتل پئي لڳو پر ڪيترو سوچڻ جي باوجود به ڪيس ياد نٿي آيو ته آخر هيءُ ڪير آهي؟

ٻارن پنهنجو پنهنجو پروگرام پيش ڪيو، ديپڪ به گيت ڳايو ۽ گلن جي هار سان خاص مهمان جو سواگت ڪيو، پر سندس سڄو ڌيان ان مهمان کي سڃاڻڻ طرف هو. آخر اهو وقت به آيو جو خاص مهمان جو ليڪچر شروع ٿيو.

پيارا ٻارو، توهان سان گڏجي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي. توهين جيڪي اَجوڪا ٻار آهيو سي سڀاڻي جا نيتا به ٿيندا. پر جي توهان منهنجي سنيهي تي عمل ڪندا ته سڪ توهان جي قدمن ۾ هوندو، سڀ ڪان

پھرين توھين پاڻ کي گھڙيال بڻائي گھڙيال کي پنھنجي زندگيءَ مان ڪڍي ڇڏيو.

ڪن ٻارن چيو سائين اھو وري ڪيئن ٿي سگھندو؟ ها اچو تہ مان توھان کي پنھنجي ڪھاڻي ٻڌايان. سڀ ٻار ڌيان سان ٻڌڻ لڳا. ھُن چيو، ”مان جڏھن ننڍو ھوس تہ منھنجي پتا صاحب جو ديھانت ٿيو. منھنجي ماءُ ڪافي محنت ڪري ۽ مشين ھلائي منھنجي پالنا ڪئي، جڏھن مان ٻارھن سالن جو ٿيس تہ امان کي ھيتري محنت ڪندو ڏسي مون کي منھنجي وويڪ ڏڪاريو مون پاڻ محنت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جيڪو منھنجو ھڪ نيم ٿي پيو مون ڪڏھن بہ گھڙيال جي گھنٽيءَ جي سھاري جاڳڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. صبوح جو سويل اٿڻ ۽ ھرڪو ڪم وقت تي ڪرڻ منھنجي عادت ٿي پيئي.

مان ڏينھن جي شروعات اخبارن وِڪڻڻ سان ڪندو ھوس، گھر گھر، آفيس آفيس ۽ رستن تي جيتريون ٿي سگھنديون ھيون، ۱۰ بجي تائين وڪڻندو ھوس. ڏھين بجي کان سادي ٻارھين بجي تائين مان سنان پاڻي ڪري پڙھڻ ويندو ھوس. سادي ٻارھين بجي سائيڪل کڻي ڪيترن ماڻھن جا ٽفن کڻي ڪين آفيس ۾ پھچائيندو ھوس. ان کان پوءِ مان اسڪول ويندو ھوس، رسيس ملڻ تي آفيس مان ٽفن کڻي پنھنجي گھر ۾ رکندو ھوس ۽ شام جو موڪل ملڻ کان پوءِ خالي ٽفن کڻي سيني جي گھر پھچائيندو ھوس، مون پاڻ کي وقت جي اھڙي سانچي ۾ گھڙي ڇڏيو جو مون کي ڪڏھن بہ گھڙيال ڏانھن نظر ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ پيئي.

ديپڪ جي ڪنن ۾ مکيہ مھمان جي ليڪچر جو پرلاءُ پئي پيو ۽ نظرن ۾ ماضيءَ جا ڪيترا نظارا پئي ڦريا. ڪيس ياد آيو تہ ٽفن واري جي گھنٽي ٻڌي ھو در کولي توتلي ٻوليءَ ۾ چوندو ھئو ”ممي ٽفن والو اچي ويو جلدي ٽفن ڏيو“ منڍ ۾ مشڪ سان ٽفن واري ڏانھن نھاريندو ھوس ۽ موٽ ۾ ٽفن وارو بہ پياري مرڪ سان سندس مشڪ جو جواب ڏيندو ھو، ڪڏھن جي ماءُ کي ماني ناھڻ ۾ دير لڳندي ھئي تہ ٽفن وارو سباجھي نموني چوندو ھئو، ”دادي توھان پلي ڦلڪو پچائي ونو مان ۱۵ منٽن کان پوءِ وري تو اچان“ وري پورن ۱۵ منٽن کان پوءِ اچي حاضر ٿيندو ھو، ڇا اھو ٽفن وارو اڄ ھيترو وڏو ماڻھو ٿي سگھي ٿو؟ ڪنھن سوچيو بہ نہ ھو.

ھڪ ڏينھن ھو مميءَ کي چئي رھيو ھو، ”دادي اينڊز مھني ڪان مان ٽفن نہ کڻي سگھندس.“

”ڇو؟ تون ڪٿي ٻاھر تو وڃين ڇا؟“ مميءَ ڏاڍو فڪر ڏيکاريندي ڪانئس پڇيو.

”دادي مون کي نوڪري ملي آھي.“

”ڪڏھن ملي اٿيئي؟ ڪٿي؟“ مميءَ يڪا بہ سوال ڪيس.

”سرڪاري ڪلارڪ جي نوڪري ملي آھي. آرڊر تہ اچي ويو پر مان Join پھرين تاريخ کان ڪندس.“ ھن جواب ڏنو.

”ڇو؟“ مميءَ وري سوال ڪيس.

”دادي سيني جي ٽفن جو ڇا ٿيندو؟ باقي بہ ٿي ڏينھن تہ آھن. ڪھڙو فرق پوندو؟“

”تہ ڇا تون پڙھيل آھين؟ ڇا پاس ڪيو اَٿيئي؟ مميءَ وڪيل وانگر وري سوال ڪيا.

”دادي، فرسٽ ڪلاس ۾ B.A پاس ڪئي اٿم ۽ ھاڻي I.A.S جي امتحان لاءِ تياري پيو ڪريان.“

”ايترو پڙهيل هوندي بہ تون ٽفن چو کڻندو هئين؟“

ممي ۽ جڻ هڪ عجيب سوال ڪائنس پڇيو.

”دادي، ڪيترا ڏکا ڪاٺڻ ڪان پوءِ مس هيءَ نوڪري ملي آهي، ڀلا تيسين واندو وهان تنهن ڪان تہ ڪوبہ سچائيءَ سان ڪم ڪجي تہ اُن ۾ شرم ڇا جو؟ ڪنهن جي اڳيان هٿ تہ ٽنگٽو نہ پيو. اِئين چئي نمسڪار ڪري هليو ويو.

ديپڪ جي ڪنن ۾ وري اکر گونجڻ لڳا ”اڄ مان ڪليڪٽر جي پد تي پنهنجي محنت ۽ پرشارٿ سان پهتو آهيان ان لاءِ مون کي فخر آهي. مان چاهيان ٿو تہ توهان بہ پنهنجي محنت ۽ پرشارٿ سان اڳيان وڌو، پنهنجي محنت سان حاصل ڪيل ڦل ڏاڍو مٺو لڳندو آهي اهو منهنجو آزمودو آهي. اڄ مان توهان جي وچ وينو آهيان ۽ پنهنجون ضروري ميٽنگون شام جي لاءِ مهمل ڪيون اٿم، پر منهنجو روزانو ڪم ڪڏهن بہ انتظار نہ ڪندو آهي.

ديپڪ جي دل ٽپا ڏيئي رهي هئي تہ مان مکيہ مهمان کي پنهنجي واقفيت ڏيان ۽ ان سان ڪجھ ڳالهايان ۽ جيئن هو پنهنجو ليڪچر پورو ڪري ڪرسيءَ تي وينو تہ ديپوءَ هن وٽ وڃي چيو، ”سائين توهان مون کي سڃاڻو ٿا؟“

غوُر سان نهاريندي هن چيو، ”ها چهرو ڏٺل ٿو لڳي تون ديپو تہ ڪانہ آهين؟“ منهنجو ننڍڙو دوست.

ديپوءَ خوش ٿيندي چيو ها، ”ها مان اهو ئي ديپو آهيان توهان جو دوست، جيڪو توهان جي سائيڪل جي گهنٽي ٻڌي در کولي توهان کي کيڪاريندو هوس. مان بہ ڪيتري دير ڪان توهان کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، توهان جي واقفيت منهنجي يادداشت کي ساٿ ڏنو.“

”ديپو تنهنجي ممي ڪيئن آهي؟“ ڏاڍي قرب سان هن پڇيو.

”ممي ٺيڪ آهي، توهان کي ڏاڍو ياد ڪندي آهي.“

”سچ!“ هن عجب ڪائيندي پڇيو؟

”ها، ها سچ آخر سڪ تہ هرڪنهن کي ياد ايندو نہ؟ هاڻي تہ جيڪو ٽفن وارو آهي ڪاڏو وقت تي تيار نہ هجي تہ ٽفن ڇڏي هلي ويندو آهي ۽ ڏيڏيءَ کي ورت رکڻو پوندو آهي.“

”اَڇا“... هن کلندي چيو، جلسي جو وقت بہ پورو ٿي ويو هئو. مکيہ مهمان اٿي هلڻ لڳو ۽ پنهنجي ڳلن جي مالها ديپوءَ جي ڳلي ۾ وجهندو ويو.

ديپو بہ گهر طرف روانو ٿيو، سندس هٿن ۾ ڪيترائي انعام هئا ۽ ڳلي ۾ هار، منهن تي وٽندڙ مشڪ سان هوُ تکڙا قدم وڌائيندو گهر طرف وڃي رهيو هئو.

گهر پهچڻ تي سندس ماءُ پڇيو:

”ديپو اڄ تہ ڏاڍو خوش پيو نظر اچين!“

ها ممي اچ مان ڏاڍو خوش آهيان جو مون کي پراڻو دوست مليو ۽ اچ مان اهڙو سبق سکيو آهيان جيڪو زندگيءَ کي آباد ڪرڻ وارو آهي.

ڪنهن ٻڌايئه؟ ڪهڙو سبق ٻڌاءِ ته مان به ته ٻڌان نه؟

ممي اسان جو اڳيون ٽفن وارو هئو نه؟

”ها، ها سو انهيءَ کي ڇا ٿيو؟“ مميءَ بيصبريءَ سان پڇيو؟

ٿيو ڪجهه ڪانه، پر اهو هاڻي ڪليڪٽر ٿي ويو آهي، اسان جي اڄوڪي پروگرام ۾ هو مکيه مهمان هو.

ڇا ڪليڪٽر! مميءَ عجب ڪائيندي پڇيو. ڀلا ڪهڙو سبق سيکاريائين؟

هن اسان کي چيو ته وقت جو قدر ڪريو. پنهنجي زندگيءَ کي گهڙيال ٻڌائي گهڙيال کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان توهين هڪ ڪامياب زندگي جيئندا ۽ سڪ توهانجي قدمن ۾ هوندو. توهين هرڪو ڪم وقت تي ۽ نيم سان ڪندا ته توهان جو ڪوبه ڪم سياڻي جو انتظار نه ڪندو.

”ديپو هوُ ڪيئن پئي لڳو؟“ ماءُ چاه سان پڇيس.

”ڏاڍو سٺو.“ ديپوءَ سباجهي نموني چيو، ”مان ته ضرور سندن سيکاريل سبق تي عمل ڪندس.“

”واه! ڇا تقدير آهي. اڄوڪو ڪليڪٽر جيڪو هيڏي وستار کي سنڀالي رهيو آهي سو به ڪڏهن ٽفن وارو هو، سچ چيو اٿن سياڻو اڄوڪن جوانن جي هٿ ۾ آهي، هنن کي گهرجي ته هو انهن کان سبق سکي ان تي عمل ڪن.“

**نوان لفظ:**

رونق = سوڀيا
شرمسار ٿيڻ = لڄي ٿيڻ
ٻود ۾ يرجڻ = خوشيءَ ۾ اَچڻ

تصور = خيال
مهمل ڪرڻ = اڳتي ڪرڻ

قُرب = پيار - پريم
پرلاءُ = آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ديپڪ جي اِسڪول ۾ ڪهڙو پروگرام هو؟
٢) ساليانى جلسي ۾ ديپڪ کي ڪهڙو ڪم ڏنو ويو؟
٣) مکيه مهمان ڪهڙي عمر ۾ محنت ڪرڻ شروع ڪئي؟
٤) ڪليڪٽر صاحب جو ننڍپڻ کان ڪهڙو نيم هو؟
٥) مکيه مهمان ڏينهن جي شروعات ڇا سان ڪندو هو؟
٦) ٽفن واري کي شروعات ۾ ڪهڙي نوڪري ملي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) ديپڪ پنهنجي تصور ۾ ڇا ڏٺو؟
٢) مکيه مهمان ٻارن کي ڪهڙو سبق سيکاريو؟

**سوال ٣: هيٺين ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| تصور | پريم |
| تقدير | سوڀيا |
| رونق | خيال |
| قرب | نصيب |

**سوال ۴: هيٺين لفظن جا ضد لکو:-**

حاضر، پڙهيل، مِنو، پُراڻو

**سوال ۵: هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن:-**

١) سچ چيو اٿن ’سياڻو اچوڪن جوانن جي هٿ ۾ آهي‘.
٢) ”فرسٽ ڪلاس ۾ B.A پاس ڪئي اٿم.“
٣) مان به ڪيتري دير کان توهان کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.
۴) ”منهنجو ننڍڙو دوست“
۵) اَڄ مان اَهڙو سبق سکيو آهيان جيڪو زندگيءَ کي آباد ڪرڻ وارو آهي.
٦) اِهو هاڻي ڪليڪٽر ٿي ويو آهي.

**سوال ٦: هيٺين لفظن مان اِسم ذات ڇانٽيو.**

لاپرواهه، خيالي، عجيب، محنتي، دوست.

## پورڪ اَڀياس

(١) تڪر تي عملي ڪم

پيارا ٻارو توهان سان گڏجي...... گهڙيال ڏانهن نظر ڪرڻ جي ضرورت ڪانه پيئي.

(i) هڪ سٽ ۾ جواب لکو:

(١) ’مان‘ چوندڙ ڪير آهي؟
(٢) وقت ٻڌائيندڙ لفظ ڳولهي لکو.
(٣) تڪر ۾ ڪهڙي واهڻ جو ذڪر ڪيل آهي؟
(۴) ٻڌائيندڙ جو ڪهڙو خاص نيم هو؟

(ii) ٻڌائيندڙ (Narrator) جي روز مرهه جي جيون جي هڪ ڏينهن بابت هيٺ جملن جو سلسلو ٺاهي لکو:

(۱) اِسڪول وڃڻ.
(۲) صبح جو نيم سان اُٿڻ .
(۳) اَخبارون پهچائڻ.
(۴) خالي ٽفن پهچائڻ.

(iii) جوڙا ملايو:-

| | |
|---|---|
| (۱) ٻڌائيندڙ | (۱) ’اِهو وري ڪيئن ٿي سگهندو؟‘ |
| (۲) ٻڌائيندڙ جي ماءُ | (۲) مشين هلائڻ |
| (۳) ٻڌائيندڙ جو پيءُ | (۳) بنا ڳهڙيال گهنٽي سويل اُٿڻ |
| (۴) اِسڪول جا ٻار | (۴) ٻڌائيندڙ جي ننڍپڻ ۾ پيءُ جو ديهانت |

(iv) خاڪو پورو ڪريو:-

| جملو | ضمير | فعل | اِسم | صفت |
|---|---|---|---|---|
| توهان کي مان پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايان. | | | | |

(۲) خاص ڄاڻ

محنت، اَورچائي ۽ محڪم ارادو رکڻ وارا ئي ڪامياب ٿيندا آهن. اُنهن لاءِ غريب ڪٽنب ۾ پيدا ٿيڻ يا گهٽ پگهار تي نوڪري ڪرڻ ڪا بہ معنيٰ نہ ٿي رکي. هيٺ اَهڙا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

| شخصيت | شروعات |
|---|---|
| (۱) ڊاڪٽر اي. پي. جي. عبدل ڪلام (راشٽرپتي پد تائين پهتل) | ننڍپڻ ۾ اَخبارون وڪڻڻ |
| (۲) مشهور ائڪٽر ’رجنيڪانت‘ | بس ڪنڊڪٽر |
| (۳) ڪرڪيٽ رانديگر ’ڌوني‘ | ريلوي ۾ ٽي.سي |
| (۴) مشهور ائڪٽر ’اَڪشيہ ڪمار‘ | ويٽر |
| (۵) ’ڌيروڀائي اَمباني‘ | پيٽرول پمپ تي ’هيلپر‘ |

QV7FPF

# پاڻ ڪريان پاڻ سکان

اِسڪول ۾ سپ بار 'ساليانو جلسو' اُن جي تياريءَ ۾ لڳل آهن. ڪارتڪ پروگرام جو چارٽ هيٺئين ريت ٺاهيو آهي. شايد سلسلي ۾ ڪجهه غلطيون آهن توهان صحيح نمبر ڏيئي سلسلي کي درست ڪريو.

| پروگرام جي رچنا | درست سلسلو |
|---|---|
| (۱) پرارٿنا | ............................................ |
| (۲) اِنعام ورهائڻ | ............................................ |
| (۳) مکيہ مهمان تقرير | ............................................ |
| (۴) مکيہ مهمان ۽ ٻين جو سواگت | ............................................ |
| (۵) پراستاونا | ............................................ |
| (٦) سانسڪرتڪ پروگرام | ............................................ |
| (۷) ”جن گن من“ سان سماپتي | ............................................ |
| (۸) جوت جلائڻ | ............................................ |
| (۹) سيني جي شڪرگذاري | ............................................ |

۲. هيٺين آکاڻي پوري ڪريو:-

پوني شهر ۾ ڪتنب رهندو هو. جنهن ۾ ماءُ، پيءُ ڏاڏو، ڏاڏي ۽ ٻہ ٻار هڪ ڌيءُ ۽ هڪ پٽ رهندا هئا. هي ڪتنب سکيو ستابو هو. پيءُ بئنڪ ۾ مئنيجر هو. ماءُ اسڪول ۾ ٽيچر هئي. پُٽ درجي ستين ۾ پڙهندو هو ۽ ڌيءُ درجي پنجين ۾. ٻئي ٻار آگياڪاري ۽ سُلڇڻا هئا. ڏاڏي، ڏاڏيءَ جا ڏُلارا، ماءُ پيءُ جي اَکين جا تارا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي....

۳. ٻن الڳ الڳ جاتين جي ماڻهن وچ ۾ ڏڻ بابت گفتگو لکو.

۴. پنهنجي اِسڪول ۾ ملهايل آزاديءَ جي ڏينهن تي اَحوال لکو.

پرولي سليو ؟

ڪونہ ملياسين، چڙ تہ ملياسين
توڙي چھڙ آڪونہ ڏناسين
هڪ ٻئي کي اَحوال ڏناسين
ڪونہ ملياسين چڙ تہ ملياسين

سنهڙي سهڻي آهيان آءٌ
چمڪان ۽ چمڪايان آءٌ
مون ۾ آهي ڪاٻہ نہ لاٽ
تيليءَ تيل بنا چمڪاٽ

# ١٥. تصويرون

شري ڪنعيو شاديجا جون رچيل ڪوتائون ڪيترن ئي مخزنن ۾ ڇپجنديون رهن رهن ٿيون. جن ڪيترن ئي پاٺڪن کي متاثر ڪيو آهي.
’تصويرون‘ ڪويتا ۾ شاعر پنهنجا ويچار سهڻي نموني پيش ڪيا آهن.

**پڙهو، ٻڌايو ۽ سمجهو.**

سَڀ کي پنهنجا سوُر؛
ڪايا - مايا لَئہ گهٽا،
آهن سَڀ کي پوُرَ.

سَڀ سان پريت نباهہ؛
ڏُکہ ڏوراپا سڀ ڪڍي،
دِل سان دِل مِلاءِ.

موبائيل ۾ نيٽ؛
وڏڙن جا دَڙڪا بہ ڇَڻ،
پئجي ويا ٺن پيٽ.
چانڊوڪيءَ جي رات؛
راحت ڏئي ٿي روُح کي،
قُدرت جي سوغات.

خوبُ وَسي برساتِ؛
پرجي ويا نالا نَديون،
سَبز بڻي ڪائنات.

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| ڪايا = شرير | مايا = ڌَنُ دؤلت | پوُرُ = خيال، ويچار |
| نباهڻُ = پوُري ڪرڻ | ڏوراپو = مهڻو | ڪائنات = قدرت |
| راحت = فرحت | روُحُ = آتما | سوُغات = سُوکڙي |
| سَبزُ = سائو | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) سيني کي ڇا لئہ گهڻا پوُرَ آهن؟

٢) دِل سان دِل ملائڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

٣) روح کي راحت ڪيئن حاصل ٿئي ٿي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) ’موبائيل ۾ نيٽ‘ بابت ڇا چيو ويو آهي؟

٢) ’برسات‘ بابت شاعر جا ويچار لکو.

**سوال ٣: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) سَڀ کي ........................................................................ پوُرَ.

٢) چانڊوڪيءَ ........................................................................ سوُغات.

٣) خوبُ وَسي ........................................................................ ڪائنات.

**سوال ۴: بيت مان هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.**

سوُرَ، ڪِايا، نيٽ.

## پورڪ اڀياس

(١) بيت تي عملي ڪم

(i) هيٺ ڏنل سٽن مان تجينيس حرفي واريون سٽون ڳولهي لکو.

(١) راحت ڏئي روح کي

(٢) آهن سڀ کي سور

(٣) موبائيل ۾ نيٽ

(۴) ڏُک ڏوراپا سڀ ڪڍي.

(ii) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| (١) ڪائنات | (١) ٽيليفون |
| (٢) روح | (٢) پريم |
| (٣) پريت | (٣) آتما |
| (۴) سُور | (۴) قدرت |

(iii) ڏنل ست / جملو سامهون تصوير نمبر (١ کان ۵) لکو:

(١) اَڄ جو زمانو = .............................
(٢) قدرت جا نظارا = .............................
(٣) سيني سان پريم ڪر = .............................
(۴) ٽيليفن سان پريل زندگي = .............................

(iv) 'ڏُک ڏوراپا سڀ ڪيڏي، دل سان دل ملاءِ
ستن جي سمجهاڻي ڏيو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

١. هيٺ اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو:

مثال: خواهشون، خوابَ، خاطرداري، سپنا
(١) هوڏي، ضدي، نِنر، اَيماني
(٢) خيال، ڪلپنا، تصور، تصوير
(٣) اَندر، پوءِ، هاڻي، اَڳوات
(۴) ڪيئن، چاڪاڻ، ڪير، ڪٿي
(۵) ڳوڙو، مقدار، وزندار، باري
(٦) ٿورائتو، شڪرگذار، رحمدل، احسانمند
(٧) واپاري، فائديمند، وڻجارو، سوداگر

٢. جيڪڏهن مان پکي هُجان ها تہ... اِن وشيہ تي مضمون لکو.
٣. توهان جي گهر جو بجليءَ جو بل هميشه کان ٽيڻو آيو آهي. اُن کي صحيح جاچ ڪري گهٽ ڪرڻ لاءِ ايم. ايس.بي.اي. جي عملدار کي عرض ڪندي خط لکو.
۴. ڪو سکياڏائڪ ٽُڪر پڙهي اُن جو تاتپرج پنهنجي لفظن ۾ لکو ۽ اُن تي پنج سوال ٺاهي لکو.

QVGBR3

# ١٦. ڪميا جي کاڻ

سوامي ٻوڏراج (جنم ١٨٩٧ع) جو اصل نالو شري لوڪومل واڌواڻي هو. هو مهان سنت به هو ته ڀڄڻ ساهتيڪار به هو.
هن مضمون ۾ ليکڪ ڪميا جي معما ٻڌائي آهي ته ڪميا ڏڌي پاڻيءَ مثل آهي، جيڪا نه رڳو دل کي ڌيرج ۽ شانتي بخشي ٿي پر ڪاوڙ جي باهه کي به وسائي ٿي.

**پڙهو ۽ سمجهو.**

ٻئي جي ستائڻ تي پنهنجي من کي شانت رکڻ ۽ اڳلي جو عيب، ڏنگائي ۽ ڏنل ايذاءَ کي دل تان وساري اٿلو ساڻس چڱا پير پرڻ کي چئجي ٿو ڪميا. ان جي ڀاڱن سان کهڙي ريس ڪجي جنهنجي دل ڪميا جي کاڻ آهي.

هيءُ گڻ نهايت وڏندڙ ۽ سک بخشيندڙ آهي. هن ۾ زهر کي امرت بڻائڻ جي شڪتي آهي. ڪاوڙ، ماڻهوءَ جي بدن تي زهر جهڙو اثر ڪري ٿي. ڇاتيءَ کي جلائي ٿي، دل کي پوسرائي ٿي، رڳن کي ساڙي ٿي ۽ مٿي ۾ جولان جاڳائي ٿي، ان جي بچڻ اثرن کان بچڻ لاءِ ڪميا هڪ اٽڪر اُپاءُ آهي.

اڄ گهرن ۾ جا اشانتي ڦهليل آهي تنهنجو مول ڪارڻ اهو ئي آهي جو هڪ ٻئي جي اُوڻاين ۽ وچنن کي سهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ضرور گهر ۾ جتي ڪجهه ڀاتي گڏ رهن ٿا، ڪنهن جو سڀاءُ کهڙو ۽ ڪنهنجو کهڙو هوندو، پوءِ جي هڪ ٻئي جي سڀاءُ کي ڏسي پيو دل کي پوسرائبو ته خوش ڪيئن گذاري سگهبو؟

جي هڪ ٻئي جي گهٽ وڌ ٻالهائڻ کي ٻُڌي ٻڌي ويهبو ته فلاڻي يا فلاڻيءَ مون کي هيئن چو چيو، ته به من مان سڀ موُڄ نڪري ويندي. ماڻهو جيڪڏهن ٻئي جا عيب وساري سگهي ۽ ٻين جا وچن سهڻ سگهي ته ايشور جي پد تي پهچي وڃي.

ڪنهن ملڪ ۾ سُمتيءَ نالي هڪڙي ڌرماتما راڻي رهندي هئي. ان کي ڪيترين ئي سهيليون ۽ ٻانهيون هيون. هڪڙي دفعي هن پنهنجين وڏ گهراڻين سهيلين کي پاڻ وٽ ماني کائڻ لاءِ گهرايو. جڏهين سڀ اچي گڏ ٿيون، تڏهين ٻالهيون ڪندي راڻيءَ سيني کان هڪڙو سوال پڇيو ته وڏي ۾ وڏي جلائيندڙ اگني کهڙي آهي؟ ۽ ان جي وسائڻ لاءِ ٺڌي ۾ ٺڌو پاڻي کهڙو آهي؟ باهه لاءِ ڪنهن چيو ته گاسليٽ جي، ڪنهن چيو پيٽرول جي ته وري ڪنهن چيو اليڪٽريڪستيءَ جي به وسائڻ جو پاڻي ڪنهن چيو درياهه جو، ڪنهن چيو نلن جو ته وري ڪنهن چيو برسات جو، اُنهن مان جنهن پاڻ کي گهڻو سمجهوُ ٿي ڀانيو تنهن چيو ته وڏي اگني آهي سورج ۽ وسائڻ لاءِ ٺڌو پاڻي آهي برف جو سمنڊ. اتي راڻيءَ جي شُبديءَ نالي ڌيءَ ويٺي هئي تنهن چيو ته ”امي! جيڪڏهين مون کي آگيا ڏيو ته مان پنهنجي تڇ بڌيءَ آهر انهن سوالن جا جواب چوان.“ سمتيءَ آگيا ڏنيس.

شُبديءَ چيو ته ”وڏي ۾ وڏي اگني آهي ڪاوڙ ۽ ان جي وسائڻ لاءِ ٺڌو جل آهي ڪميا.“ سمتي اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ چيائينس ته ”ڌيءُ پنهنجن جوابن جي سمجهاڻي ڏي.“



سُبڌيءَ چيو تہ ”ٻاهہ ساڙڻ جو ڪم ڪندي آهي، پر جيڪو ٻاهہ ٻاريندو آهي تنهن کي ڪانہ جلائيندي آهي، مگر ڪاوڙ اها اگني آهي جا ٻنهي ڌرين کي تپائي ٿي. اول ڪاوڙ ڪندڙ جي دل کي جلائي ٿي ۽ پوءِ ڪاوڙ سهندڙ کي. تنهن ڪري هيءَ ٻن ڄڻين واري ٻاهہ سڀ ڪان وڏي ۾ وڏي اگني آهي. انهيءَ اگنيءَ کي وسائڻ لاءِ، ڪميا جهڙو ڪو ٻيو جل ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ ڪميا نہ رڳو پنهنجيءَ دل کي ڌيرج ۽ شانتيءَ ۾ رکي ٿي، پر اڳلي جي ڪيل عيب ۽ ڪروڌ کي بخشي دل تان ٻلائي ڇڏي ٿي، جنهن ڪري ٻنهي آنند ٿئي ٿو، پنهنجي دل بہ خوش ۽ ٻئي جو من بہ پرسن.“

سُبڌيءَ جو اهي سندر سمجهاڻيون ٻڌي سمتيءَ جون سهيليون ڏاڍو خوش ٿيون ۽ عجب ۾ پئجي پڇيائونس تہ ”ڏيءُ! تو اها سمجهہ ڪٿا پرائي؟“ سُبڌيءَ ادب سان وينتي ڪئي تہ ”ماتائون! اها سڀ منهنجي ديالو ماءُ جي مونتي ڪرپا آهي. جا وقت بہ وقت مونکي پرٻوڌ ڏيئي ڌرم جي ڳالهين کان واقف ڪندي رهندي آهي.“

سيني سهيلين سبڌيءَ جي سمجهہ کي ساراهيو ۽ چيائونس تہ بيشڪ هن دنيا ۾ ماتا پنهنجي اولاد جو چِٽ آهي. سلڇڻي ماتا پنهنجي ٻار لاءِ تخت ۽ بخت آهي. سشيل ماتا جيڪي پنهنجن ٻارن لاءِ ڪري سگهي ٿي، سو سوين اُستاد بہ ڪري نٿا سگهن. گيانوان ماتا جي هڪڙي سکيا، شاسترن جي سوين سکيائن کان سرس

آهي. هن جي اک جو اشارو ٻار کي پاپ کان پوتر ڪري ٿو ڇڏي ۽ اک ڇنڀ ۾ آنند سان ڀري ڇڏي ٿو. هوءَ پنهنجي ٻار لاءِ خوشيءَ جو خزانو، عزت جو جهنڊو، بخت جو ٽنيو ۽ اُنتيءَ جو پيلپائو آهي..

اجا هي ڳالهيون ٻولهيون پئي هليون ته ايتري ۾ ماني کائڻ جي مهل ٿي. ميزون وڇائجي ويئون. ٻانهيون قيمتي ٿالهين ۽ ڪٽورن ۾ سوادي طعام کڻي آيون. جڏهن سڀ کاڌو اچي ويو تڏهن پڇاڙيءَ ۾ راجڪماري سُڀڌيءَ جي واسطي ٻانهي هڪ گرم سوپ جو ڀريل ڪٽورو کڻي آئي. ميز، ٿالهين ۽ پليٽن سان ايتري قدر ته والاري پيئي هئي جو هن ڪٽوري جي رکڻ جي جاءِ ٻچيل ڪانه هئي. ٻانهي اچي ڌني ۽ سندس هٿ ڏکڻ لڳا. راڻيءَ ۽ سندس سهيلين اکيان هن جي همٿ هارجي ويئي. اوچتو سندس هٿن مان سوپ جو ڪٽورو ڇڏائجي ويو ۽ وڃي سُڀڌيءَ جي منهن تي ڪريو. سوپ هو تمام گرم تنهن سُڀڌيءَ جو منهن ساڙي وڌو، پر هن ٻتيهن ڏندن مان هڪ اکر به نه ڪڍيو. مرڪندڙ منهن ڪري ٻانهيءَ ڏانهن نهارڻ لڳي. ٻانهي ته ڊپ ۾ سائي پنگ ٿي ويئي ۽ سمجهيائين ته هاڻي منهنجي مٿان ڪا آپدا ڪڙڪندي. سُڀڌيءَ جي ڌيرج، حوصلي ۽ مرڪندڙ منهن کي ڏنائين تڏهن سندس دل کي آٿت آيو ۽ يڪدم نمرتا سان هٿ جوڙي پَٽ تي جهڪي ويني ۽ گهڻيون نيزاريون ڪري معافي گهرڻ لڳي. سُڀڌيءَ پيار سان کيس پَٽ تان اُٿاريو ۽ چيائينس ته ”ٻانهي! تون ڪنهن به قسم جو ڊپ نه ڪر، جا ٿيڻي هئي سا ٿي. تو جاڻي واڻي ته گرم سوپ جو ڪٽورو مونتي ڪونه هاريو، پر اوچتو اچي منهنجي مٿان ڪريو، پوءِ تنهنجو ڪهڙو قصور؟“

سهيليون سُڀڌيءَ جي ڪميا، ڌيرج ۽ حوصلي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيون. عجب ۾ پئجي سندس ڪميا جي نظر ۽ ديا جي سڀاءُ کي ساراهڻ لڳيون. جهڙي سندس ڪهڻي تهڙي سندس رهڻي ثابت ٿي. جهڙي سندس سمجهه، ٻُڌي ڪليل هئي تهڙي سندس دل پوتر، ڪومل ۽ ڪمياونت هئي.

ڪميا ڌرم جي وڻ جو ٻج آهي ۽ ڪاوڙ ڌرم جي وڻ کي ڪپڻ جي ڪهاڙي آهي. ڪمياوان جو منهن سدائين مرڪندڙ ۽ من سدائين ٺرندڙ رهي ٿو. غم کائڻ، صبر سان سور ۽ رنج سهي وڃڻ، ان مان هن جي قوت وڌي ٿي. جنهن جي دل ڪميا جي کاڻ آهي، ان جو درشن گنگا جي سنان کان وڌيڪ پاپ ناس ۽ سيتل ڪندڙ آهي.

**نوان لفظ:**

ايذاءُ = سور، تڪليف
تَڇ ٻڌي = رواجي سمجهه
بخت = نصيب، قسمت
ڇڱا ڀير ڀرڻ = سٺي هلت هلڻ
بخشي = معاف ڪرڻ
پيلپائو = مکيه آڌار
جولان = جوش

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب ڏيو.**

۱) ڪميا ڇا کي ٿو چئجي؟
۲) ماڻهو ايشور جي پد تي ڪيئن پهچي سگهندو؟
۳) راڻي سُمتيءَ پنهنجين سهيلين کان ڪهڙو سوال پڇيو؟
۴) سُڀڌيءَ ٻاهر ۽ ڪاوڙ ۾ ڪهڙو فرق ٻڌايو؟

**سوال ۲: ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن.**

۱) ”تون ڪنهن بہ قسم جو ڊپ نہ ڪر، جا ٽيڪي هئي سا تي.“

۲) ”ڏيءُ ! پنهنجي جوابن جي سمجهاڻي ڏي.“

۳) ”اها سڀ منهنجي ديالو ماءُ جي مون تي ڪرپا آهي.“

**سوال ۳: (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

شانت، مٺي، سکہ، رنج، ٺڏو

**(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو.**

شڪتي، اثر، هٺ، ڌرم، محل، غم

**(ث) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

ڪميا، ڪٺي آئي، پر، راجڪماري، تہ، ۽ .

## پورڪ اَڀياس

(۱) تڪر تي عملي ڪم

ٻئي جي ستائڻ تي ............................................ ايشور جي پد تي پهچي وڃي.

(i) ڏنل چوڪنڊن ۾ مناسب جواب لکو:-







(ii) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو:

(۱) من مان موڄ ڪڏهن نڪري ٿي؟

(۲) اَجڪلهہ گهرن ۾ اَشانتي ڇو ڦهليل آهي؟

(iii) ليڪ ڏنل لفظن جي بدران ’ڪميا‘ (يا ’ڪاوڙ‘ لفظ ڪم آڻي جملا وري لکو:

(١) هيءُ گُڻ هرهنڌ موج پيدا ڪندڙ اهي.

(٢) اِها پاڻ کي بہ نقصان پهچائي ٿي ۽ سامهون واري جي دل دکائي ٿي.

(٣) اِها بهادرن جو زيور آهي.

(۴) اِن جي ڪري جهڳڙا وڌن ٿا.

(iv) ٽڪر مان هيٺ ڏنل لفظن سان لاڳاپو رکندڙ مناسب لفظ ڳولهي لکو:

(١) جوش (٢) وِهُ (٣) اَوگڻ (۴) گهٽتايون

(٢) اِنساني مُلهن ۾ سِڪ، پيار، سهڪار، ديا، قدرتي شين لاءِ چِڪ ۽ اُنهن جي سلامتيءَ جو خيال، وڏن لاءِ عزت، ننڍن لاءِ آدرش بڻجڻ وغيره وغيره اِچي وڃن ٿا.

وڪارن ۾ غصو، نفرت، اڳلي جون غلطيون ڏسڻ، لالچ، نشو، اَهنڪار وغيره اَچي وڃن ٿا.

اِنساني ملهہ مطلب گڻ ۽ وڪار مطلب اَوگڻ.

هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ڪجهہ مثال ڏنل آهن. هرهڪ مثال سامهون ’گُڻ‘ يا ’اوگُڻ‘ لکي خاڪو پورو ڪريو.

| مثال | گُڻ / اَوگُڻ |
|---|---|
| (١) اَسان کي سدا ماءُ پيءُ وڏن اُستادن اَڳيان جُهڪڻ گهرجي. | |
| (٢) هريش بنا سوچي سمجهي ڳالهائيندو رهندو آهي. | |
| (٣) سنيتا ڪلاس ۾ هميشهہ گهٽ هوشيار ٻارن کي سيڪاريندي رهندي آهي. | |
| (۴) هر حال ۾ خوش رهڻ گهرجي. | |
| (۵) گڏدام پسن پکين جي سار سنڀال لهجي. | |
| (٦) دل ۽ دماغ شفاف هئڻ گهرجن. | |
| (٧) حاصل ڪيل گيان هميشهہ ونڊڻ گهرجي. | |
| (٨) پنهنجو ديديو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. | |

QVQ7SQ

# آمدرفت جا قاعدا

ڏسو جاچيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو.




چترن ۾ ڏنل چؤڪنڊن ۾ صحيح ڳالهين لاءِ ✓ ۽ غلط لاءِ × نشان ڪريو.

# ١٧. نَمامِ سِنڌوُ

شريمتي وجيا گوبند ٽيڪسنگهاڻي هڪ قابل رانديگر، چترڪار، سهڻيون رنگوليون ٺاهيندڙ ۽ بطور گائڪا نالو ڪڍيو اَٿس.

هن ڪوتا ۾ سنڌو نديءَ جي خوبين کي اَثردار نموني ۾ اظهاريو اَٿس.



**پڙهو ۽ ڳايو.**

هندستان جَنهنجي ڪُکِ مان جائو،
اُن سنڌوءَ کي نَمن ٿي ڪريان.
ٻاهرين مُلڪن سان سَمُنبڌ رستي،
واپاري سنڌين کي نَمنُ ٿي ڪريان.

جنهن سنڌوءَ تي سِڄُ نہ لهندو هو،
لَهُرن جي گجڪار ڌرتيءَ کان سُرڳہ تائين،
ٻڌي ويندي هئي، اُن کي نَمن ٿي ڪريان.

شهنشاهہ جيئن راجائن جي رهبري ڪندو آهي،
تيئن ٻين ندين جي روُح روان.
سِنڌوءَ کي نَمنُ ٿي ڪريان.

انيڪ پئدائشون، ڪارائتيون پوکوُن،
هيرا، لال، ماڻِڪَ، موتي سيني ۾ سانڍيندڙ،
سنڌوءَ کي نَمنُ ٿي ڪريان.

نِينهن، نزاڪت، نِرالپ سان پَريل،
سونهن، سنگيت، سَنسڪرتيءَ سان سَڄِيل،
هر سنڌيءِ جي رَتُ ۾ رَميل، سانڍيل،
سِنڌوءَ کي نَمن ٿي ڪريان، نمامِ سنڌو.

**نوان لفظ:**

گجڪار = گجگوڙ، گرجنا
روح روان = رهبر
نزاڪت = سونهن
سَجيل = سينگاريل

شهنشاهه = وڏو راجا
ڪارائتيون = اُپيوگي
نرالپ = علحدگي
رميل = مِليل

رهبري = رهنمائي
نينهن = پريم
سنسڪرتي = تهذيب
نَمَنُ = پرڻام

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) واپاري سنڌي ڇا ڪندا هئا؟
۲) سنڌو نديءَ جي ڪُک مان ڪهڙو ديش نڪتل آهي؟
۳) سنڌوُ ندي ڇا سان سجيل آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) سنڌو نديءَ جي سيني ۾ ڇا ڇا سانديل آهن؟
۲) ڪهڙين خاصيتن سان سنڌو سجيل آهي؟
۳) ’نمامِ سِنڌو‘ ڪوتا جو سارُ لکو.

**سوال ۳: خال ڀريو:-**

۱) هندستان جنهنجي ...................... مان ڄائو،
۲) لهرن جي گجڪار .................. ڪان سرڳ تائين.
۳) ................ جيئن راجائن جي رهبري ڪندو آهي.
۴) انيڪ پيڊائشون، ڪارائتيون ..................

**سوال ۴: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريون.**

۱) جنهن سنڌوءَ ........................................... سُرڳ تائين.
۲) هندستان ........................................... تي ڪريان.
۳) سونهن ........................................... سانديل.

**سوال ۵: (الف)** ’پريل‘ لفظن جا ٻه هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.
**(ب)** ’ن‘ ۽ ’س‘ سان شروع ٿيندڙ ٽي - ٽي لفظ لکو.

## پورڪ اَڀياس

(۱) شعر - بند تي عملي ڪم

شهنشان جيئَن ............ هر سنڌي جي رت ۾ رميل، سانديل سنڌوءَ کي نمن تي ڪريان، نَمامِ سنڌو.

(i) چوڪنڊن ۾ مناسب لفظ لکو :-

| سِنڌو ندي | | | |
|---|---|---|---|
| هيرا | | | |

(ii) ’نينهن، نزاڪت، نرالپ سان پريل، ست ۾ تجنيس حرفي رنگين زباني ڪم آندل آهي. اَهڙا ٻه مثال ڳولهي لکو.

(۲) سنڌو نديءَ بابت ڪجھ ڄاڻ

ايشا جي ڏکهين ندين مان سنڌو ندي هڪ ندي آهي اِها چين (اولهه تبيت)، ڀارت (جمون ۽ ڪشمير) ۽ پاڪستان مان لنگهي ٿي.

’ڍنڊ مان سرو ور‘ جي ايراضي ۾ تبيت مان شروع ٿي، لداک حصي مان لنگهندي، جمون ڪشمير، گلگت مان وهندي وهندي آخر عربي سمنڊ ۾ چور ڪندي آهي اِن جي ڊيگهه اَٽڪل ۳۱۸۰ ڪ.م. آهي.

(۳) اَهڙي نموني توهان گوگل تان گنگا نديءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

گنگا ندي



# ١٨. اصلي ڏَنُ

شري ڪنيعو اگناڻي ادبي ڪيتر ۾ وڏيون ۽ ٻارن ٻنهي لاءِ ادبي ڪم ڪري رهيا آهن. سندس نُنڍيون ڪهاڻيون رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. ڪجهه ڪتاب به ڇپيل اٿس.

هن سبق ۾ ”اصلي ڏن“ کي سُٺي نموني اِظهاريو ويو آهي.

پڙهو ۽ سمجهو.



جئپور جي هڪ اسڪول ۾ سوهن، ديپڪ، راڌو، واڌو، ڪيول ۽ گهٽيئي ٻيا ٻار پڙهندا هئا. اهي سڀ ٻار رسيس ۾ ڪرڪيٽ راند ڪندا هئا. هڪ دفعي اسڪول جي رسيس ۾ سڀ ٻار راند ڪرڻ ٿي ويا ته سوهن سيني کي چيو، ”يار هو اسان جي اسڪول جو ڇوڪرو ڪيول آهي نه انهيءَ کي به ڪرڪيٽ راند ڪرڻ جو شوق آهي. انهيءَ کي گڏ ڇو نه ڪٺون.“ هو ڪيول کي ڪوٺڻ لڳو.

اهو ٻڌي ڪري ديپڪ سوهن کي چيو، ”ڇڏ يار ڪيول کي، هو هڪڙو معمولي ڇوڪرو آهي. توکي خبر ڪونهي ته اڄ هن جو پيءُ اسڪول ۾ ڪيول جي في معاف ڪرائڻ آيو هو.“

اهو ٻڌي ڪري سوهن جواب ڏنس، ”معمولي معنيٰ ڇا؟ غريب آهي نه....!“

”ها،“ ديپڪ ڇاتي ڦُلائي ڪري چيس.

”سو اُنهيءَ ۾ ڇا ٿيو. هو اسان سان گڏ ٿو پڙهي. اسان جو ئي ساٿي آهي. اسان سان راند نه ڪندو ته وري

ڪنهن سان ڪندو،'' سوهن چيو. ديپڪ جواب ڏيندي چيس، ”اڙي هن جو پاپا ڏينهن رات پارٽ ٽائيم نوڪريون ڪري پنهنجي پٽ ڪيول کي اسان سان گڏ هن مهانگي اسڪول ۾ پڙهائيندو آهي.''

”سو ڇا ٿيو! هن جو پاپا محنت ڪري جيڪڏهن پنهنجي پٽ کي پڙهائي ٿو ته سني ڳالهه آهي نه يار ديپڪ. ڪا چوري ته نٿو ڪري نه''، سوهن چيو. ديپڪ ناراض ٿي ڪري چيس، ”ته ڇا منهنجو پپا اسان کي چوري ڪري هن وڏي اسڪول ۾ پڙهائيندو آهي.''

”مون اهو ڪٿي چيو ته تنهنجو پاپا توکي چوري ڪري پڙهائيندو آهي. مان ته رڳو اهو ٿو چوڻ چاهيان ته اسان کي ڪيول کي نِظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. اهو محيوسين ته تون هڪ شاهوڪار پيءُ جو پٽ آهين. انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي ته تون پنهنجي هڪ غريب ساٿيءَ سان نفرت ڪرين.''

سوهن اهو چيو ئي هو ته ايتري ۾ رسيس ختم ٿيڻ جي گهنٽي وڳي ۽ سڀ ٻار پنهنجي پنهنجي ڪلاس ۾ وڃڻ لڳا ته ديپڪ سوهن کي چيو، ”يار تو ته اڄ ڪيول جي ڪري اسان جو ٽائيم ئي خراب ڪري ڇڏيو. اڄ راند به ڪونه ڪري سگهياسين.'' اهو چئي ڪري ديپڪ راڄي، واڌوءَ ۽ ٻين ساٿي ڇوڪرن سان گڏ ڪلاس ۾ هليو ويو.

موڪل ٿيڻ کان پوءِ ديپڪ جنهن وقت گهر آيو ته هن جي پيءُ ڏنيمل جي حال احوال پڇڻ تي ديپڪ پنهنجي پتا کي چيو ”پاپا اڄ ته اسڪول ۾ موڊ خراب ٿي ويئي.''

”ڇو ڇا ٿيو پٽ،'' ڏنيمل جي پڇڻ تي ديپڪ ٻڌايس، ”پاپا، اسان جي اسڪول ۾ هڪ ڪيول نالي جو غريب ڇوڪرو پڙهندو آهي. سوهن پيو چوي ته انهيءَ کي اسان سان گڏ راند ڪرايون، پر پاپا مون سوهن کي جواب ڏيندي چيو ته مان اهڙن معمولي ماڻهن سان راند نه ڪندو آهيان.'' اهو ٻڌندي ئي اُتي ٻيٺل ديپڪ جي ماءُ رڪمڻيءَ ديپڪ کان پڇيو، ”پٽ هو پڙهڻ ۾ ڪيئن آهي؟''

”تمام هوشيار آهي، ممي.'' ديپڪ چيو. رڪمڻي ديپڪ کي سمجهائيندي چيو، ”پٽ هو معمولي ڇوڪرو ڪونهي. هن سان توکي دوستي رکڻ گهرجي.'' اهو ٻڌي ڪري ڏنيمل چيو، ”نه، نه پٽ ديپڪ، هوُ هڪ ننڍي ماڻهوءَ جو پٽ آهي. توکي وڏن وڏن شاهوڪارن جي پٽن سان دوستي رکڻ گهرجي نه اهڙن ڇوڪرن سان.''

”غريب گهٽ نه ٿيندا آهن. توهان کي ڪُجهه خبر به آهي ته ڊاڪٽر راجيندر پرساد هاري هو ته لال بهادر شاستري هڪ غريب گهر مان هو. ٻيو اسان جي ملڪ جو اڳوڻو راشٽرپتي اي.پي.جي. عبدل ڪلام ۽ اُپ راشٽرپتي ڀئرو سنگهه شيخاوت پڻ غريب گهر ۾ ڄاول آهن. لياقت سان ماڻهو شاهوڪار ۽ غريب ٿيندو آهي نه پئسن سان. توهان ٻار کي هيءَ ڪهڙي سکيا ٿا ڏيو.'' رڪمڻي پنهنجي گهوٽ ڏنيمل کي چيو.

ڏنيمل چيو، ”اهڙا لکل لال ورلي هوندا آهن رڪمڻي، پر شاهوڪار جو پٽ هميشهه شاهوڪار رهندو آهي.'' ”شاهوڪار به ڏنڊن ۾ نقصان پوڻ ڪري غريب ٿي ويندا آهن، نه ڪي اسان جهڙا سرڪاري نوڪريءَ وارا.'' رڪمڻيءَ پنهنجي گهوٽ کي جواب ڏنو ته، ”جن نوڪريءَ وارن جي پگهار کان وڌيڪ مٿئين ڪمائي ٿيندي آهي، گهٽيئي دفعا پڪڙجي وڃڻ کان پوءِ اهي به ته...

اهو ٻڌندي ڏنيمل ڪاوڙ ڪندي چيس ته ”آخر تون چوڻ ڇا ٿي چاهين اهو پئسو ڪم نٿو اچي... اهو ئي نه!''

”مان اهو ڪٿي ٿي چوان، مان ته صرف ايترو ئي ٿي چوان ته ديپڪ کي سُني سکيا ڏيو، غريبن کان نفرت ڪرڻ نه سيکاريوس ۽ خاص ڪري اُنهن ٻارن سان جيڪي پڙهڻ، لکڻ ۽ رانديڪن وغيره ۾ هوشيار ٿيندا

آهن. مان انهن ماءُ پيءُ جي همت جي داد ٿي ڏيان جيڪي ڏينهن- رات محنت سان ڪمائي ڪري پنهنجي ٻارن کي سٺن اسڪولن ۾ پاڙهين ٿا.''

ماءُ پيءُ جو انهيءَ قسم جو جهيڙو ڏسي ڪري ديپڪ گهٻرائجي ويو ۽ ڳالهه کي شانت ڪرڻ لاءِ رڪمڻيءَ کان روٽي گُهري ڪري کائڻ لڳو ته وري ڏنيمل چيو، ''رڪمڻي تون سمجهين ڪونه ٿي. اڄوڪي دنيا ۾ پئسي وارا ئي وڏا ماڻهو ليکيا ويندا آهن. بيوقوف سينيون پئسا ڏيئي ڪري منچ تي وڏا - وڏا سماج سيوڪ ٿي وهندا آهن. انهن جا فوٽو منسترن سان گڏ نڪرندا آهن. اخبارن ۾ انهن جا نالا ڇپجندا آهن.''

''اهو ئي ته تو ۽ مون ۾ بيشڪ فرق آهي ته تون پئسي وارن کي وڏو ماڻهون مڃيندو آهين ۽ مان آدرش پرشن کي. اها خبر اٿئي ته پئسي سان غريب پر ويچارن سان شاهوڪار ماڻهو هميشهه زنده رهندو آهي. اهڙن ماڻهن جو نالو تيستائين امر رهندو آهي جيستائين سج ۽ چنڊ. مون کي پنهنجي پٽ ديپڪ کي اهڙو بيوقوف سيٺ ڪونهي ٺاهڻو.'' رڪمڻيءَ چيو ته ديپڪ وري ٻنهي کي شانت ڪيو.

ائين ڏينهن گذرندا ويا هڪ ڏينهن ڏنيمل جي گهر جي گهنٽي وڳي. هن جي نوڪرياڻيءَ در کوليندي ۽ پوليس کي ڏسندي ڊڄي ويئي، ڊُڪ پائي اندر ويئي، رڪمڻيءَ کي ٻڌايائين. رڪمڻي اچي ڏٺو ته واڻڙي ٿي ويئي. پڇڻ تي ڄاڻ پيئي ته هُنن ٻڌايس ته اُهي سي.بي.آءِ جا آفيسر آهن. اچ هن جي گهوٽ ڏنيمل کي رشوت وٺندي پڪڙيو ويو آهي. هن جي گهر جي جاچ ڪرڻي آهي. ڏنيمل کي پوليس پنهنجيءَ ڪسٽڊيءَ ۾ پڇاڳاڇا لاءِ جيل ۾ وٺي ويئي آهي، اهو جيل ۾ آهي.

ڪجهه ٽائيم ٽائين جاچ هلي. ڏنيمل رشوتخور ۽ گهٽ ڪمائيءَ کان وڌيڪ سمپتيءَ جو مالڪ نڪتو. هن جي نوڪري هلي ويئي ۽ اُن کي جيل جي سزا اچي ويئي.

وقت پلٽو کاڌو. رڪمڻي هڪ اسڪول ۾ نوڪري ڪري پنهنجي پٽ ديپڪ کي پڙهائڻ لڳي. جيئن تيئن ڪري هن پنهنجي زندگيءَ جا پنج سال غريبيءَ ۾ ڪاٽيا. انهيءَ دؤر ۾ ديپڪ ٻه سمجهي چڪو هو ته سچ جي ڪمائي ئي سچي دولت آهي. پنجن سالن کان پوءِ ڏنومل جيل مان نڪري گهر اچي ڪري روئڻ لڳو ته رڪمڻي هن کي مات ڪرائيندي چيس، ''همت رکو مان توسان گڏ آهيان نه!'' اهو ٻڌي ڪري ڏنيمل رڪمڻيءَ جي اکين ۾ نهاريو ۽ سڏڪا ڀريندي ڀاڪي پائي چيائينس ''ڪاش! مان توکي ڀهرين سمجهي سگهان ها رڪمڻي. سچ جي ڪمائي ئي اصل ڏن ٿيندو آهي رڪمڻي اصلي ڏَنُ.''

**نوان لفظ:**

ڇاتي ڦُلائڻ = فخر ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١ : خال ڀريو.**

١) هُن جو پاپا ............ ڪري جيڪڏهن پنهنجي پٽ کي پڙهائي ٿو ته سُٺي ڳالهه آهي.

٢) مان اهڙن ................... ماڻهن سان راند نه ڪندو آهيان.

٣) توهان ٻار کي هيءُ ڪهڙو ..................... ٿا ڏيو؟

۴) ماءُ پيءُ جو ان قسم جو ................ ڏسي ديپڪ گهبرائجي ويو.

## سوال ۲: هيٺيان جُملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟

۱) ”سو اُنهيءَ ۾ ڇا ٿيو. هو اسان سان گڏ تو پڙهي.“

۲) ”پاپا اڄ ته اسڪول ۾ موڊ خراب ٿي ويو.“

۳) ”پٽ هوُ پڙهڻ ۾ ڪيئن آهي؟“

۴) ”غريب گهٽ نه ٿيندا آهن.“

۵) ”اخبارن ۾ انهن جا نالا ڇپجندا آهن.“

## سوال ۳: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.

۱) ڪيول جو پتا اسڪول ڇو آيو هو؟

۲) ڪيول کي ڪهڙو شوق هو؟

۳) ديپڪ جو پيءُ ڇا ڪندو هو؟

۴) رُڪمڻي ۽ ڊنيمل ۾ ڪهڙو فرق هو؟

۵) اصلي ڌن ڇا آهي؟

## سوال۴: هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

۱) سوهن ديپڪ کي سمجهائيندي ڇا چيو؟

۲) ديپڪ جي اسڪول واري ڳالهه ٻڌائڻ تي ڊنيمل هُن کي ڇا چيو؟

۳) رُڪمڻيءَ، ڊنيمل ۽ ديپڪ کي ڪهڙن مهان نيتائن جا مثال ڏنا؟

۴) رُڪمڻيءَ، ڊنيمل ۽ ديپڪ کي ڇا سمجهايو؟

## سوال۵: هيٺين سوالن بابت پنهنجا ويچار پيش ڪريو.

۱) دوستي ڪرڻ وقت ڇا اسان کي اميري، غريبي ڏسڻ گهرجي؟

۲) عام زندگيءَ ۾ ايمانداريءَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

## سوال٦: هيٺين جا ضد لکو.

۱) دوستي ۲) اڳوڻو ۳) نفرت ۴) خاص ۵) شانت

## سوال۷: وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سُڃاڻو.

۱) هڪ ۲) ٻار ۳) خبر ۴) آهي

۵) نه ٦) ناراض ۷) جو ۸) ته.

## پورڪ اَڀياس

### (١) تڪر تي عملي ڪم

موڪل ٽيڻ کان پوءِ ديپڪ ............................ رڪمڻيءَ پنهنجي گهوٽ ڏنيمل کي چيو.

(i) هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو:

| سوال | جواب (١) | جواب (٢) | جواب (٣) |
|---|---|---|---|
| (١) ٽي ڪردار | | | |
| (٢) ٽي مهان شخصيتون | | | |
| (٣) انگريزي لفظ | | | |

(ii) ’’لياقت سان ماڻهو شاهوڪار ٿيءِ غريب ٿيندو آهي. نہ پئسن سان‘‘ ست بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) ’شاهوڪاري‘ جي ماپ فقط پئسو نہ آهي. پر ڪيترن ئي خاصيتن سبب بہ اَسان ’سچو شاهوڪار‘‘ تي سگهون ٿا.

مثال:

(١) جنهن جي دل ڪشادي هجي.

(٢) سنو ناگرڪ بڻجڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هجي.

(٣) ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هجي.

اَهڙي نموني توهان مثال ڏاهي لکو.

(iv) توهان اِسڪول ۾ دوستي ڪنهن سان ڪرڻ چاهيندا؟
اِن بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪريو.

٢. رام، ڪيت ۾ ڪم ڪرڻ، پڙهڻ، پتا جو سپنو- اِنجينئير ٿيڻ، ساڪار ڪرڻ اِنهن لفظن مان آکاڻي ڏاهي لکو.

QH8YH1

# ١٩. نئون لڳي

شريمتي اندرا پوناوالا ’شبنم‘ سنڌي، هندي، مراٺي ۽ اردوءَ ۾ شعر لکندي آهي. ڪيترائي ڪتاب ڇپيل اَٿس. نثر ۽ نظم ۾ سُٺو قلم هلائيندي آهي.

هن ڪويتا ۾ شاعرا چوي ٿي ته اهڙو ڪجهه لکڻ گهرجي، ڪرڻ گهرجي جو نئون لڳي.

**پڙهو ۽ ڳايو.**

ڪُجهُه اِن طرح سوچي لکان، جو نئون لڳي،
۽ اهڙي ڍنگ سان چوان، جو نئون لڳي.
سُک جي تلاش ۾ ئي حياتي تمامُ ٿي،
هر دُک جو اِئين بيان ڪيان، جو نئون لڳي.
هَر سَوچ ۾ نِواڻ جي ٿي ڪوج ۾ رهان،
غم يا خوشي ڪجهه اَهڙو لهان، جو نئون لڳي.
پاروُٿو آ نظارو ۽ راهون پنيان ڪَٽيل،
مان اهڙو دڳُ ماڳُ ڪيان، جو نئون لڳي.

**نوان لفظ:**

تلاش = جاچ
ڪوج = ڳولها
ماڳُ = منزل

تمامُ = پوري، ختم
پاروُٿو = رَکيل، بانسي
لَهان = حاصل ڪيان

نِواڻ = نوائي
دَڳُ = رستو

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) ڪهڙي طرح لِکڻُ نئون لڳي سگهي ٿو؟
۲) ڇا جي تلاش ۾ حياتي پوُري ٿي؟
۳) شاعرا ڪهڙي ڪوچ ۾ ٿي رهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) ”سُک جي تلاش ۾ ٿي حياتي تمام، ڇوڻ سان شاعرا جو مطلب ڇا تو ٿي سگهي؟
۲) ”نئون لڳي“ ڪوتا جو تاتپرج پنهنجن لفظن ۾ لکو.

**سوال ۳: خال پريو.**

۱) ............ ان طرح سوچي لکان، جو نئون لڳي.
۲) هر سوچ ۾ .............. جي ٿي ڪوچ ۾ رهان.
۳) پاروُتو آ نظارو ۽ راهون پنيان........

**سوال ۴:**

۱) ’ن‘ سان ڪهڙو لفظ پنج ڀيرا دهرايل آهي؟
۲) ’پ‘ سان شروع ٿيندڙ ۽ ”ڳ“ سان ختم ٿيندڙ ٻه - ٻه لفظ ڳولهي لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) بيت تي عملي ڪم**

**(i) هيٺ ڏنل بيانن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهيو:-**

(۱) مان نئون رستو ڳولهيان.
(۲) مان نئين نموني چوان.
(۳) ويچارن ۾ نئين ڳالهه آڻيان.
(۴) تڪليفن کي نئين روپ ۾ پيش ڪريان.

**(ii) جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| (۱) ڪوچ | (۱) دک |
| (۲) غم | (۲) اوسنو |
| (۳) نظارو | (۳) ڳولها |
| (۴) پاروتو | (۴) منظر |

QHHUXN

## (٢) خاص ڄاڻ

’ڪجهه نئون ڪيون‘ بابت مشهور وِدوانن ۽ فيلسوفن جا ويچار هيٺ ڏجن ٿا.



**والٽ ڊسني:** اَسان اَڳتي وڌندا رهون ٿا، نوان نوان دروازا کوليندا، نوان نوان ڪم ڪندا رهون ٿا. ڇو ته اَسان ۾ هڪ جڳياسا آهي، جا اَسان کي نون رستن ڏانهن وٺي وڃي ٿي.



**جين پيا ٽيٽ:** تعليم جو مقصد نہ فقط گيان وڌائڻ آهي پر ٻار لاءِ، نوان نوان اِمڪان تيار ڪرڻ، جنهن هو نيون نيون ڳالهيون پاڻ ڪري سگهي.



**ڊيوڊ شيويمر:** مان پاڻ کي ئي للڪاريندو آهيان. ڇو تہ مان سکڻ چاهيان ٿو. انڪري نيون نيون ڳالهيون ڪري وڌندو رهان ٿو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

وڏي چوکنڊي ۾ ڏنل لفظ چوڻين / پهاڪن سان لاڳاپو رکندڙ آهن. اُنهن مان هيٺ ڏنل چوڻين پهاڪن سان ٺهڪندڙ لفظ لکو.

| | |
|---|---|
| ١. آهي تہ عيد نہ تہ روزو | .................... |
| ٢. گوڙ ڏاڪہ نہ پُڄي، آکي ٿو کٽا | .................... |
| ٣. ڏک هڻ ڏيءَ کي تہ سکي نونهن | .................... |
| ۴. آهہ غريبان قهر خدائي | .................... |
| ۵. آيا مير، ڀڳا پير | .................... |
| ٦. ٻہ تہ ٻارنهن | .................... |
| ٧. ٽونٽ لڳي ساهيڙي ڀڳي | .................... |
| ٨. ماءُ ڇٽيندي پٽڙا، پاڳہ نہ ڏيندي ونڊي | .................... |
| ٩. پهريائين پيٽ پنجونءَ جو، ٻار ٻچا سپ پوءِ | .................... |
| ١٠. يڪ تندرستي، هزار نعمت | .................... |

| | |
|---|---|
| اِشارو ڏيڻ، | قسمت |
| خود مطلبي، | صحبت، |
| سقيم، | اَجايو خرچ |
| ڪوڙ ٻهانو، | ظلم، |
| رواجي ڳالهہ، | شڪتي |

# ٢٠. مان ڪليڪٽر ٿيندس



**پڙهو ۽ سمجهو.**

**ماستر :** ”ٻارو، اَڄ مان شري ونيه آهوجا جو دل سان سواگت ڪريان ٿو. هنن پنهنجو قيمتي وقت اَسان لاءِ ڏيڻ قبوليو آهي. ٻارو، اَڪثر مئٽرڪ ۽ ٻارهين درجي ڪان پوءِ شاگرد ”اڳتي ڇا ڪجي“ ”ڪهڙو ڪورس ڪٽان.“ ان بابت سوچيندا آهن. مان توهان کي ٻڌايان، شري ونيه آهوجا، ڪئريئر ۽ ڪائونسلنگ ۾ ماهر آهي. اسين سڀ تاڙيون وڄائي سندس سواگت ڪريون ٿا.“
(ٻار سڀ تاڙيون وڄائين ٿا.)

مان شري ونيه آهوجا کي عرض ڪريان ٿو تہ توهان ٻارن سان مخاطب ٿين.

**ونيه آهوجا :** ”ٻارو، سُپريات، سُني صُبحَ.“

**ٻار :** (اُٿي بيهي) ”سُپريات، سُني صُبحَ.“

**ونيه آهوجا :** ”ٻارو، اَڄ جي زماني ۾ تعليم جو تمام گهڻو ملهه آهي. اوچي تعليم لاءِ جدا جدا ڪيتر ميسر آهن. مان ڪجهه انهن بابت ٻڌايان، مون کي اهو ٻڌايو، ”توهان پنهنجي مستقبل بابت ڇا سوچيو آهي؟“

كَرَنِ : ”سائين، مان ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو. اسان جي پارت ۾ ڊاڪٽرن جو انداز تمام گهٽ آهي. 1668ع ماڻهن پنيان فقط هڪ ڊاڪٽر آهي. ڳوٺن ۾ اهي سيوائون ڇڻ درليڀ آهن. مان ڳ وٺن ۾ ئي وڃي ماڻهن جو علاج ڪرڻ چاهيندس.“

ونيه آهوجا : ”واهه! شاباس! مون کي تنهنجا ويچار وڻيا، توکي ڄاڻ آهي ته ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ ڇا ڪبو؟“

كَرَنِ : ”ها سائين، مئٽرڪ کان پوءِ سائنس ڪورس ڪٽبو، جنهن ۾ علم حيات هڪ وشيه ڪڻو پوندو. خاص امتحان ٻارهين درجي کان پوءِ ڏيئي ڊاڪٽريءَ جو ڪورس شروع ڪري سگهجي ٿو.“

ونيه آهوجا : ”بلڪل ٺيڪ. مان توکي اهو ٻڌائڻ چاهيندس ته ڊاڪٽري ڪورس ۾ جنرل ڊاڪٽريءَ کان سواءِ ڊينٽسٽري (ڏندن) هڏن، نڪ-ڪن ڊاڪٽريءَ کان سواءِ ڊينٽسٽري (ڏندن) هڏن، نڪ- ڪن- ڳلي، فارينسڪ سائنس بايوٽيڪنالاجي وغيره به لاڳاپو رکندڙ ڪورس آهن.“

واڻي : ”سائين، مان ريڊيو انائونسر ٿيڻ چاهيان ٿي.“

ماستر : ”شري ونيه آهوجا کي مان ٻڌائڻ چاهيندس ته واڻي، جهڙو نالو اٿس، اهڙي سٺي واڻي به اٿس. ڳائڻ ۾ به مٺر آهي.“

ونيه آهوجا : ”خوُب - خوُب“

واڻي : ”ان لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

ونيه آهوجا : ”ٻارهين درجي کان پوءِ ڪجهه ڪاليجن ۾ خاص ان جا ڪورس رکيل آهن يا عام گريجوئيٽ ٿيڻ بعد به سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنستائن ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن بابت سکڻ جون سهوليتون آهن.“

نيها : ”مان پائلٽ ٿيڻ چاهيان ٿي. اِن لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

ونيه آهوجا : ”ٻارهين درجي ۾ علم طبعي (فزڪس) علم ڪيميائي (ڪيمسٽري) سان گڏ حساب هئڻ ضروري آهن. اُن کان پوءِ ڪامرشل پائلٽ ٽريننگ ۽ سي. پي. ايل (ڪامرشل پائلٽ لائسينس) هئڻ ضروري آهي، پر شرط اُهو آهي ته فلائنگ اسڪول ڊي.جي.سي.اي (ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف سول ائسوسيئيشن) طرفان منظور ٿيل هجي.“

مانوَ : ”سائين، مان راجنيتيءَ ۾ وڃڻ چاهيان ٿو. جنتا جي بهبوديءَ لاءِ مان بيحد ڪوشش ڪندس.“

پريتي : ”مان شطرنج راند ۾ پڙ ٿيڻ چاهيان ٿي.“

سلوني : ”سائين مان ته ٽيچر ٿيندس اُن لاءِ مون کي ڄاڻ آهي ته ڊي. ايڊ ۽ بي. ايڊ جا ڪورس ڪرڻا پوندا.“

رونق : ”سائين، مان هڪ سوال پڇان؟“

ونيه آهوجا: ”بلڪل بلڪل، مان توهان جي سوالن جا جواب ته ڏيڻ آيو آهيان.“

رونق : ”سائين، مون کي جانورن، پکين سان ڏاڍو پيار آهي. جڏهن به ڪو زخمي پکي يا جانور

ڏسندو آهيان تہ مون کي ڏاڍو درد ٿيندو آهي. مان پسن پکين جي سار سنڀال ڪرڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري رهنمائي ڪيو.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’پسن پکين ۾ گگدامن لاءِ تون نندي جمار ۾ سوچي رهيو آهين. اها سچ پچ قابل تعارف آهي، ان لاءِ وئٽرنري ڊاڪٽر جو ڪورس بہ ڪري سگهجي ٿو.‘‘

رونق : ’’وئٽرنري ڊاڪٽر مطلب جانورن جو ڊاڪٽر.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’بلڪل صحيح. ان لاءِ بارهين درجي کان پوءِ جيئن بيا ڊاڪٽريءَ جا ڪورس آهن، اُنهن ۾ اهو ڪورس بہ شامل آهي.‘‘

رونق : ’’سائين، مون پڙو آهي تہ ڪيترين ئي سنستائون بہ آهن، جيڪي ان ڏس ۾ شيوا ڪري رهيون آهن.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’اُن لاءِ مشهور سنستا پيٽا انڊيا ان بابت تون google تان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهين ٿو. آر. ايس. پي. سي. اي.

(RSPCA - Royal Society for Prevention of Cruelty to Animals)

پڻ جانورن جي سنڀال، اُنهن جي حفاظت ۾ لڳل مشهور سنستا آهي.‘‘

رونق : ’’توهان جي وڏي مهرباني، مون کي تمام سُٺي ڄاڻ ملي آهي.‘‘

مهڪ : ’’سائين، مان فئشن ۾ ڊزائنگ سکندس.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’ماسٽر صاحب، توهان جا ٻار تہ هوشيار آهن. پنهنجي آئينده بابت اڳوات ئي رٿي وينا آهن.‘‘

ماسٽر : ’’بلڪل ٺيڪ، اَسان جو اسڪول هر مهني ڪنهن خاص ماهر کي دعوت ڏيندو آهي. اِسڪولي پڙهائي کان سواءِ ٻيون گهڻيئي مشغوليون ڪيو ويندیون آهن. ها - ها ديوانش تو هٿ مٿي ڪنيو آهي؟ پڇ جيڪو پڇڻو اَٿيئي.‘‘

ديوانش : ’’سائين، مان ڪليڪٽر ٿيندس.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’مون کي تنهنجو ٻڌائڻ جو ڍنگ ڏاڍو وڻيو. تو ائين نہ چيو، ’’مان ڪليڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو، پر تو چيو مان ڪليڪٽر ٿيندس.‘‘ سڀ کان پهرين ڪامياب ٿيڻ لاءِ اِهو محڪم اِرادو شروعاتي ڏاڪو آهي. هڪ دفعي مون سپنو ڏٺو، اُن سپني کي پورو ڪرڻ لاءِ بس وڃجي، توهان کي ياد هوندو اَسان جي اڳواٽي راشٽرپتي APJ ڪلام ۾ همٿائيندڙ لفظ چيا.‘‘

’سپنو اُهو نہ آهي جيڪو اوهان ننڊ ۾ ڏسندا آهيو. پر سپنو اُهو آهي جو توهان کي ننڊ ڪرڻ نہ ڏئي.‘

ديوانش : ’’ها سائين مون کي ننڍي هوندي کان ئي ڪليڪٽر ٿيڻ جو سپنو آهي. مهرباني ڪري اُن بابت تفصيلوار ڄاڻ ڏيو.‘‘

ونيہ آهوجا: ’’بلڪل ٺيڪ! ڪليڪٽر ٿيڻ لاءِ ڀارت جي هڪ سنستا يو.پي.ايس.سي اِمتحان وٺندي آهي. ڪُل ٽن قسمن جا اِمتحان ورتا ويندا آهن.

(۱) اِبتدائي (پرلمنري) (۲) مکيہ (مينس) ۽ (۳) اِنٽرويو. اِنهن اِمتحانن کي توهان ڏاڪا بہ چئي سگهو ٿا.

اِبتدائي اِمتحان ۾ بہ پيپر ٿيندا آهن. (۱) جنرل اِسٽڊيز ۽ ٻيو لياقت آزمائش. اِنهن ۾ پاس ٿيڻ تمام لازمي آهي. اِبتدائي اِمتحان ۾ اڳرو اچڻ بعد ئي مکيہ اِمتحان ٿيندو آهي. جنهن ۾ ڪل ----- پيپر ورتا ويندا آهن. اِن مکيہ امتحان ۾ قابليت ملڻ بعد اِنٽرويو وارو ڏاڪو ايندو آهي.''

ديوانش : ''سائين، اِن ڪليڪٽر اِمتحان لاءِ بنيادي شرط ڪهڙا آهن؟''

ونيہ آهوجا: ''تمام بهترين سوال. اِن لاءِ سڀ کان پهرين اُميدوار گرئجوئيٽ هئڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ عمر ۲۱ سال ۽ وڌ ۾ وڌ عمر ۳۲ سال آهي ڪل اُميدوار کي وڌ ۾ وڌ ڇهہ موقعا ڏنا ويندا آهن.''

ساهيلي : ''سائين اهي امتحان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏيئي سگهجن ٿا.''

ونيہ آهوجا: ''آپشنل پيپر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏيئي سگهجن ٿا.''

پارٽ سرڪار طرفان ڪين منظور ٿيل ڪهڙي بہ ٻولي خواهش موجب ڪٿي سگهجي ٿي.''

ساهيلي : ''سائين سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙا سوال پڇيا ويندا آهن؟''

ونيہ آهوجا: ''سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس، سنڌي اَدب، ڪجهہ خاص ڪتاب رکيل آهن. جن مان سوال پڇيا ويندا آهن.''

ديوانش : ''سائين جنرل اِسٽڊيز ۾ اَڪثر ڇا هوندو آهي؟''

ونيہ آهوجا: ''سڀ ڪجهہ سڀ وشيہ اِتهاس، جاگرافي، وگيان، انگريزي، حساب. ڪورس ڏهين درجي تائين ڪنيل هوندو آهي. هاڻوڪو راشٽريہ توڙي انترراشٽريہ مسئلن جي ڄاڻ بابت بہ سوال هوندا آهن.''

ديوانش : ''سائين اِمتحانن جي تياري لاءِ ڪي سکيا جا مرڪز هوندا آهن؟''

ونيہ آهوجا: ''بلڪل ڪيترين ئي سنستائون آهن جيڪي ٻارن کي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. سنڌي سنستائون بہ آهن جيڪي خاص سنڌي شاگردن کي اِنهن اِمتحانن بابت رهنمائي ڪنديون آهن. (پارٽ سرڪار اين.سي.پي.ايس.ايل (نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج) تہ خاص اِن ڏس ۾ شاگرد تيار ڪرڻ جا تربيت مرڪز (Training Center) هلائيندي آهي.''

ديوانش : ''اَڄ تہ مان ڏاڍو خوش آهيان جو منهنجا سڀ شڪ شبهہ دور ٿي ويا.''

ماسٽر : ''وقت تمام ٿي چڪو آهي. مان شري ونيہ آهوجا جو تهدل شڪرگذار آهيان جو اُنهن پنهنجو ملهائتو وقت ڏيئي، شاگردن کي رهبري ڪئي آهي. مان ڪين عرض ڪندس تہ اَسان جي ٻارن بابت ڪجهہ لفظ چون.''

ونيہ آهوجا: ''ماسٽر صاحب، مان توهانجي ٻارن جو اُتساهہ ڏسي بيحد خوش آهيان. هي ٻار تہ آئيندهہ

جا اَبا آهن. ٻارو هڪ خاص ڳالھ مان توهانکي ٻڌايان ٿو. مان نون- نون ڪورسن بابت هڪ ڪتابڙي ٺاهي آهي. اُنهن جون ڪاپيون مان ماستر صاحب کي ڏيان ٿو. هرهڪ شاگرد کي اُها ڪاپي ملندي. توهان کي ضرور فائدو رسندو. توهان سڀني جي مهرباني.``

(ٻار اُٿي بيهن ٿا ۽ زورسان تاڙيون وڄائن ٿا.)

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| مخاطب ٿيڻ = سامهون ٿيڻ | محڪم = پڪو | رهبري ڪرڻ = مارگ درشن ڪرڻ. |

## اَڀياس

**سوال ١: هينين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ونيء آهوجا ڪنهن ۾ ماهر آهي؟
٢) اَسان جي ديش ۾ گهٽ ماڻهن پنيان هڪ ڊاڪٽر آهي؟
٣) هريش جا ٿيڻ چاهي ٿو؟
٤) رونق کي ونيء آهوجا ڪهڙي صلاح ڏئي ٿو؟
٥) مانو راڄنيتيءَ ۾ ڇو وڃڻ چاهي ٿو؟
٦) ڪهڙيون سنسٿائون پکين ۽ جانورن لاءِ ڪم ڪن ٿيون؟

**سوال ٢: هينين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) ڊاڪٽري ڪورس ۾ ڪهڙا ڪورس آهن؟
٢) پائلٽ ٿيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
٣) رونق ڀاڻ بابت ڇا ٻُڌائي ٿو؟
٤) ڪليڪٽر ٿيڻ لاءِ ڪهڙا اِمتحان ورتا ويندا آهن؟
٥) ڪليڪٽر اِمتحان ڏيڻ لاءِ بُنيادي شرط ڪهڙا آهن؟

**سوال ٣: هينيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ’’اوچي تعليم لاءِ جدا جدا ڪيتر ميسر آهن.``
٢) ’’مان ريڊيو اَنائونسر ٿيڻ چاهيان ٿي.``
٣) ’’وٽنري ڊاڪٽر مطلب جانورن جو ڊاڪٽر.``
٤) ’’پر تو چيو مان ڪليڪٽر ٿيندس.``

**سوال ٤: توهين وڏي هوندي ڇا ٿيڻ چاهيو ٿا؟ اُن لاءِ توهان کي ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، اُن بابت ماهر اِنسان يا ڪريئرگائيڊ يا اِنٽرنيٽ ذريعي ڀاڻ ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**

**سوال ٥: هينيان ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

توهان، قيمتي، ڳائڻ، لاءِ، شاگرد.

## پورڪ اَڀياس

(١) تڪر تي عملي ڪم:

ديوانش: سائين مان ڪليڪٽر ٿيندس.................................... جن ان سوال پڇيا ويندا آهن.

(i) هيٺ هرهڪ سوال جا ٽي متبدل جواب ڏنل آهن. مناسب جواب مٿان گول پايو.

(١) ديوانش ڇا بڻجڻ چاهي ٿو؟

(الف) ڊاڪٽر (ب) ڪليڪٽر (پ) پائلٽ

(٢) يو. پي. ايس. سي جو مطلب ڇا؟

(الف) يونين آف پيپل سڪيورٽي ڪائونسل.

(ب) اَربن پيپل سوشل ڪارپوريشن.

(پ) يونين آف پبلڪ سروس ڪميشن.

(٣) ڪليڪٽر ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر ڪيتري گهرجي؟

(الف) ٢١ سال (ب) ١٨ سال (پ) ٢٥ سال

(۴) ساهيليءَ ڪهڙي ٻوليءَ بابت سوال پڇيو؟

(الف) انگريزي (ب) سنڌي (پ) مراٺي

(ii) هيٺ ڏنل جملن جا زمان سڃاڻو.

(١) مون کي تنهنجو ٻڌائڻ جو ڍنگ وڻيو.

(٢) مان ڪليڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو.

(iii) هينئن جملن کي هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي ۾ ورهايو:-

(١) تو ائين نه چيو. = ......................

(٢) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙا سوال پڇيا ويندا آهن؟ = ......................

(٣) اِن ڪليڪٽر اِمتحان لاءِ بنيادي شرط ڪهڙا آهن؟ = ......................

(۴) ڪل ٽن قسمن جا اِمتحان ورتا ويندا آهن. = ......................

(iv) جوڙا ملايو:-

| (الف) | (ب) |
|---|---|
| (١) ڪليڪٽر ٿيڻ لاءِ ڪل اِمتحان | (١) ٦ |
| (٢) وڌ ۾ وڌ عمر | (٢) ٩ |
| (٣) مکيه اِمتحان ۾ پيپر | (٣) ٣٢ |
| (۴) ڪليڪٽر اِمتحان لاءِ ڪُل موقعا | (۴) ٣ |

(٢) ’الف‘ ڪالم ۾ ڏنل عھدن جي اڳيان ’ب‘ ڪالم ۾ گھٽ ۾ گھٽ عمر ڏنل آهي. چارٽ حاصل ڪري جوڙا ملايو

| (الف) | (ب) |
|---|---|
| (١) راشٽرپتي ۽ اُپ راشٽرپتي | (١) ١٨ سال |
| (٢) لوڪ سڀا ميمبر | (٢) ٣٠ سال |
| (٣) راجيہ سڀا ميمبر | (٣) ٣٥ سال |
| (۴) ووٽ ڏيڻ جو حق | (۴) ٢٥ سال |

(٣) پنھنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي خط لکي ٻڌايو تہ توهين ڇا ٻڌڻ چاهيو ٿا.

(۴) پٽر ۽ متيءَ وچ ۾ گفتگو لکو.

(۵) ڪجھ خاص پکي:-



تراڳن
(ملبار)



ڪنڱليٽ - ڪئليوپٽيرا)
(هماليہ)



فلاءِ ڪئچر
(نيلگري)

QHRQZB

# اَسان جي صحت

ڏسو. جاچيو ۽ چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو.




اَسان ڪي پنھنجي صحت سُٺي رکڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گھرجي لکو.

# ٢١. هي جڳ ڪنهن سان نيبهه ناهي

**پڙهو ۽ ڳايو.**

ڇا جي لئہ تون ناهين ناهہ،
هِي جڳُ ڪنهن سان نيبهه ناهي.
ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ تي ڪاهہ،
هِي جڳُ ڪنهن سان نيبهه ناهي.
ڪوڙَ جي وَنجي ڪين پَناهہ،
هِي جڳُ ڪنهن سان نيبهه ناهي.
ڄَڏڙي پيارا! ڊوهہ ۽ ڊاهہ
هِي جڳُ ڪنهن سان نيبهه ناهي.
مُلڪ عَدم جي ونبي راهہ،
هِي جڳُ ڪنهن سان نيبهه ناهي.

**نوان لفظ:**

ناهہ = بهانا
راهہ = واٽ، رستو
ڊاهہ = بربادي

ڪاهہ = حملو
پناهہ = شرڻ
ناهہ ناهڻ = بهانا بڻائڻ.

نِيبهه = هميشه ساٿُ رهندڙ
ڊوهہ = ٺڳي

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) ماڻهوءَ جي ڪاهه ڪنهن تي آهي؟
٢) ڪنهنجي پناهه وٺڻ نہ گهرجي؟
٣) شاعر جا ڇڏڻ لاءِ چيو آهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا هڪ ٻن جملن جواب ۾ لکو.**

١) ناهه ناهڻ کان ڇو منع ڪئي ويئي آهي؟
٢) مطلب سمجهايو تہ مُلڪ عدم جي وٺبي راهه؟
٣) هن بيت جو تاتپرج لکو.

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) .................. عَدَم جي وٺبي راهه.
٢) ماڻهوءَ جي ................ تي ڪاهه.
٣) ڪوڙ جي وڻجي ڪين ............ .
٤) هي جڳہ ................ سان نيبهه ناهي.

**سوال ۴: ’ناهه‘ لفظ جا تي هم آوازي لفظ لکو.**

## پورڪ اَڀياس

**(١) بيت تي عملي ڪم**

(i) هيٺ ڏنل بيانن سان واسطو رکندڙ سٽون بيت مان ڳولهي لکو.

(١) اَسان کي سچ جوئي سهارو وٺڻ گهرجي.
(٢) هميشهه ڪنهن جو ساٿ نہ رهندو.
(٣) اِنسان اِنسان جو دشمن ٿي ويو آهي.
(۴) اِسان کي بهاني بازيءَ کان بچڻ گهرجي.

(ii) مثال سمجهي چوکنڊا ڀريو:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مثال | حملو | = | چڙهائي | = | وار | = | ڪاهه |
| (١) | سنسار | = | دنيا | = | جهان | = | |
| (٢) | ٺڳي | = | فريب | = | دغا | = | |
| (٣) | وطن | = | ديش | = | ڏيهه | = | |
| (۴) | راهه | = | وات | = | ڏڳُہ | = | |

QX1M1Y

# هڪ شام باغيچي ۾

ڏسو. ڄاڃيو ۽ ٻڌايو.



باغيچي ۾ هڪ شام توهان ڪيئن گذاري؟ پنهنجو آزمودو پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو.



किशोर
कथा, कविता, कादंबरीका, एकांकिका, दीर्घकथा, गंमतगाणी, ललित, छंद, चरित्र, विज्ञान, देश-देशांतर, लोककथा
लोकप्रिय व अभिरुचिसंपन्न किशोर मासिकातील चाळीस वर्षांतील निवडक साहित्यांवर आधारित 'निवडक किशोर'चे १४ खंड
किंमत प्रत्येकी
₹१६३/-
(30% सूट)
वरील खंड पाठ्यपुस्तक मंडळाच्या सर्व भांडारांत विक्रीसाठी उपलब्ध आहेत. १४ खंडांची एकूण किंमत ₹ १६००/-
किशोर
वरील खंडांच्या खरेदीसाठी मंडळाच्या पुढील विभागीय भांडारांशी संपर्क साधा.
पुणे (०२०- २५६५९४६५), मुंबई (गोरेगाव) (०२२-२८७७१८४२), औरंगाबाद (०२४०- २३३२१७१), नागपूर (०७१२-२५२३०७८/ २५४७७१६), नाशिक (०२५३- २३९१५११), लातूर (०२३८२- २२०९३०), कोल्हापूर (०२३०- २४६८५७६), अमरावती (०७२१-२५३०९६५), पनवेल (०२२- २७४६२६४५)




مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

बालभारती इयत्ता आठवी (सिंधी)

₹ 49.00